ارٿ:- جيڪي پُرش، هري نام جو آراڌن ڪن ٿا، سي ڌنيواد جا لائق آهن. (اُهي اُنهي ڪري نام جو آراڌن ڪن ٿا جو) سندن مٿي تي ڌُر ڪان ئي، سٺو ڀاڳ (واهگوروءَ) لکي ڇڏيو آهي. اُنهن کي ڏسي منهنجو من اهڙي طرح پيو ٽڙي جئن (وڇڙيل) پٽ سان، ماءُ ملي گلي سان لڳائيندي آهي ۽ بيحد خوش ٿيندي آهي. [ڌر = آد ڪان. بگسيءَ = ٽڙي، خوش ٿئي. سُت = پٽ.]

(٤) هم بارڪ هرِ پتا پربِ ميري،

موڪهُ ديهُ مٽي جت هرِ پاويئيِ ري

جِءُ بڇڙا ديکهِ گئوُ سکهُ مانيئِ،

تِءُ نانڪ هرِ گلِ لاويئيِ ري.

ارٿ:- (تنهنڪري هيئن پرارٿنا ڪجي ته) هي منهنجا پريو! تون پتا روپ آهين ۽ اسين تنهنجا بالڪ آهيون. مونکي اهڙي مت ڏي، جو توکي پراپت ڪريان. سري گورو رامداس صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا ته جئن ڳانءِ، وڇڙي کي ڏسي خوش ٿيندي آهي، تئن هي پريو! تون مونکي پنهنجي گلي سان لڳاءِ يعني پاڻ ۾ لين ڪر ته آنند ٿئي. [بڇڙا = وڇڙو.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੪ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮੇਰੇ ਮਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਗੁਨ ਕਹੁ ਰੇ ॥ ਸਤਿਗੁਰੂ ਕੇ ਚਰਨ ਧੋਇ ਧੋਇ ਪੂਜਹੁ ਇਨ ਬਿਧਿ ਮੇਰਾ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਲਹੁ ਰੇ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਾਮੁ ਕ੍ਰੋਧੁ ਲੋਭੁ ਮੋਹੁ ਅਭਿਮਾਨੁ ਬਿਖੈ ਰਸ ਇਨ ਸੰਗਤਿ ਤੇ ਤੂ ਰਹੁ ਰੇ ॥ ਮਿਲਿ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਕੀਜੈ ਹਰਿ ਗੋਸਟਿ ਸਾਧੂ ਸਿਉ ਗੋਸਟਿ ਹਰਿ ਪ੍ਰੇਮ ਰਸਾਇਣੁ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਰਸਾਇਣੁ ਹਰਿ ਰਾਮ ਨਾਮ ਰਾਮ ਰਮਹੁ ਰੇ ॥ ੧ ॥ ਅੰਤਰ ਕਾ ਅਭਿਮਾਨੁ ਜੋਰੁ ਤੂ ਕਿਛੁ ਕਿਛੁ ਕਿਛੁ ਜਾਨਤਾ ਇਹੁ ਦੂਰਿ ਕਰਹੁ ਆਪਨ ਗਹੁ ਰੇ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਕਉ ਹਰਿ ਦਇਆਲ ਹੋਹੁ ਸੁਆਮੀ ਹਰਿ ਸੰਤਨ ਕੀ ਧੂਰਿ ਕਰਿ ਹਰੇ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੨ ॥

ڪيدارا محلا چوٿان گهر پهلا شبد (٢)

ايڪ اونڪار ست گر پرساد

ميري مَن، هر هر گُن ڪهُ ري

سَتگُرو ڪي چرن ڌوءِ ڌوءِ پُوجهُ،

اِن بِڌِ ميرا هر پرڀ لهُ ري (رهاءُ)

اوٽ: هي منهنجا من! تون پرماتما جا گڻ ورلن ڪندو رهه. ستگورو جي چرن کي ڌوئي ڌوئي پوڄا ڪر (يا ستگورو جا چرن ڌوئي ڌوئي انهن جي پوڄا ڪر). انهن ڪرڻ سان يا انهي وڌيءَ سان، پرڀوءَ کي پراپت ڪر.

(١) ڪامُ ڪروڌُ لوڀُ موهُ، اڀمانُ بِکي رس،

اِن سنگت تي تُون رهُ ري

مِل ست سنگت ڪيجي هرِ گوشٽ، سادُو سيتي گوشٽ،

هر پريم رسائڻ، رام نام رسائڻ، هر رام نام رام رمهُ ري

ارٿ:- ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ، اَيمان ۽ وشين جا سواد، اِنھن سيئني جي سنگت کان پاڻکي بچائيندو رھ يعني اھي سڀ وڪار تياڳ. ساڌن جي ست سنگت ۾ ملي، ساڻن ڀريوءِ جي گيان چرچا ڪر ۽ (سيئني) رسن ۾، جو رام نام جو پريم روپي اَمر رس آھي، سو من ۾ پيدا ڪر ۽ پاڻيءِ ڌنارن يا زبان سان، اُن رام نام جو اُچارڻ ڪر. [بکيءِ = وشيون. رھ = پرھيز ڪر ۽ بچ. گوشٽ = بات چيت، گيان چرچا. رسائڻ = رسن جو گھر ۽ اَمر رس. رمھ ري = اُچارن ڪر.]

(٢) آنتَر ڪا اَيمانُ زورُ تُوُ ڪِڇُ ڪِڇُ جانَتا،

اِھُ دُوُرِ ڪَرَھُ آپَن گَھُ ري

جَنَ نانَڪَ ڪَھُ هِرِ دَئِتالُ دوھُ سُئامي،

هِرِ سنتَن ڪي دُوُرِ ڪَرِ هري.

ارٿ:- ھي پائي! اندر جو ايمان، سرير جو ٻل ۽ زبان جي چترائي، جيڪي ڪي تون ڄاڻين ٿو، سي سڀ تياڳي ڇڏ ۽ اھنڪار کي گرھڻ نہ ڪر- يا - پنھنجي اصلي سروپ کي گرھڻ ڪر يعني پڇاڻ. سري گورو رامداس صاحب جن وينتي ڪري چون تا تہ ھي سيئني کي ٻهار ڪرڻ وارا ھري! مون داس تي ديال ٿيءُ ۽ مونکي پنھنجي پيارن سنتن جي چرنن جي ڌوڙ بخش. [گھ = گرھڻ ڪر. ھري = سانُو ڪرڻ ۽ ٻهار ڪرڻ.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੨

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮਾਈ ਸੰਤ ਸੰਗਿ ਜਾਗੀ ॥ ਪ੍ਰਿਅ ਰੰਗ ਦੇਖੈ ਜਪਤੀ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੀ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਦਰਸਨ ਪਿਆਸ ਲੋਚਨ ਤਾਰ ਲਾਗੀ ॥ ਬਿਸਰੀ ਤਿਆਸ ਬਿਡਾਨੀ ॥੧॥ ਅਬ ਗੁਰੁ ਪਾਇਓ ਹੈ ਸਹਜ ਸੁਖਦਾਇਕ

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੪ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮੇਰੇ ਮਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਗੁਨ ਕਹੁ ਰੇ ॥ ਸਤਿਗੁਰੂ ਕੇ ਚਰਨ ਧੋਇ ਧੋਇ ਪੂਜਹੁ ਇਨ ਬਿਧਿ ਮੇਰਾ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਲਹੁ ਰੇ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਾਮੁ ਕ੍ਰੋਧੁ ਲੋਭੁ ਮੋਹੁ ਅਭਿਮਾਨੁ ਬਿਖੈ ਰਸ ਇਨ ਸੰਗਤਿ ਤੇ ਤੂ ਰਹੁ ਰੇ ॥ ਮਿਲਿ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਕੀਜੈ ਹਰਿ ਗੋਸਟਿ ਸਾਧੂ ਸਿਉ ਗੋਸਟਿ ਹਰਿ ਪ੍ਰੇਮ ਰਸਾਇਣੁ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਰਸਾਇਣੁ ਹਰਿ ਰਾਮ ਨਾਮ ਰਾਮ ਰਮਹੁ ਰੇ ॥ ੧ ॥ ਅੰਤਰ ਕਾ ਅਭਿਮਾਨੁ ਜੋਰੁ ਤੂ ਕਿਛੁ ਕਿਛੁ ਕਿਛੁ ਜਾਨਤਾ ਇਹੁ ਦੂਰਿ ਕਰਹੁ ਆਪਨ ਗਹੁ ਰੇ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਕਉ ਹਰਿ ਦਇਆਲ ਹੋਹੁ ਸੁਆਮੀ ਹਰਿ ਸੰਤਨ ਕੀ ਧੂਰਿ ਕਰਿ ਹਰੇ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੨ ॥

ڪيدارا محلا چوٿان گهر پهلا شبد (٢)

ايڪ اوانڪار ست گرو پرساد

ميري من، هر هر گن ڪهه ري

ستگورو ڪي چرن ڌوءِ ڌوءِ پوڄهه،

ان ٻڌ ميرا هر پرڀ لهه ري (رهاءُ)

اوسڻ:- هي منهنجا من! توون پرماتما جا گڻ ورلن ڪندو رهه. ستگوروءَ جي چرن کي ڌوئي ڌوئي پوڄا ڪر (يا ستگوروءَ جا چرن ڌوئي پيءُ ۽ انهن جي پوڄا ڪر). انهن ڪرڻ سان يا انهيءَ وڌيءَ سان، پرڀوءَ کي پراپت ڪر.

(١) ڪام ڪروڌ لوڀ موهه ابهمان بکيه رس،

ان سنگت تي توون رهه ري

مل ست سنگت ڪيجي هر گوشٽ، ساڌو سنگ گوشٽ،

هر پريم رسائڻ، رام نام رسائڻ، هر رام نام رام رمهه ري

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੩

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਦੀਨ ਬਿਨਉ ਸੁਨੁ ਦਇਆਲ ॥ ਪੰਚ ਦਾਸ ਤੀਨਿ ਦੋਖੀ ਏਕ ਮਨੁ ਅਨਾਥ ਨਾਥ ॥ ਰਾਖੁ ਹੋ ਕਿਰਪਾਲ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅਨਿਕ ਜਤਨ ਗਵਨੁ ਕਰਉ ॥ ਖਟੁ ਕਰਮ ਜੁਗਤਿ ਧਿਆਨੁ ਧਰਉ ॥ ਉਪਾਵ ਸਗਲ ਕਰਿ ਹਾਰਿਓ ਨਹ ਨਹ ਹੁਟਹਿ ਬਿਕਰਾਲ ॥ ੧ ॥ ਸਰਣਿ ਬੰਦਨ ਕਰੁਣਾਪਤੇ ॥ ਭਵ ਹਰਣ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰੇ ॥ ਏਕ ਤੂਹੀ ਦੀਨ ਦਇਆਲ ॥ ਪ੍ਰਭ ਚਰਨ ਨਾਨਕ ਆਸਰੋ ॥ ਉਧਰੇ ਭ੍ਰਮ ਮੋਹ ਸਾਗਰ ॥ ਲਗਿ ਸੰਤਨਾ ਪਗ ਪਾਲ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੨ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان گهر ٽيجا شبد (٢)

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

دين بنئه سن دئيال

پنچ داس تين دوکي ايڪ من اناٿ ناٿ - راکهو ڪرپال

(رهاءُ)

ارٿ:- هي ديالو پرماتما! مون غريب جي وينتي ٻڌ. منهنجي من کي پنج (ڪام آدڪ) وڪار، ڏهه اندريون ۽ ٽي گڻ ستو، رجو ۽ تمو، دک ڏيندڙ اچي ڪيس لڳا آهن. منهنجو من آهي هڪڙو، سو ايترن وڪارن سان ڪيئن ٻچي سگهندو؟ تنهنڪري هي اناٿن جا ناٿ! تون ڪرپا ڪري، اُن جي (اُنهن وڪارن کان) رکيا ڪر. [دين = غريب. بنئه = وينتي.]

(١) انڪ جتن گون ڪرئه - کٽ ڪرم جگت ڌيان ڌرئه

اُپاوَ سگل ڪر هارئو، نهه نهه هٽهه بڪرال

ارٿ:- (من کي وس ڪرڻ لاءِ) انيڪ جتن ڪريان ٿو ۽ ڪيترن پاسي ڏُکان ڏوڙان ٿو ۽ ڇهن سريشٽ ڪمن (جپ، هوم،

سنڌيان، ديو آوچان، اشنان ۽ بوڇا) ۽ هوڪب هي ڳجهيس سان، ترمالها
جو ڏوبان ڏوبان آه ٻو الهي سڀني اباوڻ ڪندي ٿو، خوفناڪ ڪام
آدمه ۽ مڪاراتا هڻي - يعني - منهنجي بجرتا جڏهن، جهونڪري
سي هيس اسي ٻو اهماڻ. [ڪوڙ = هيڏاڻهن هوڏاڻهن ڊوڙڻ. ڪت
ستو ۽ چو ڪوم. (يعني جپ، هوم، سنڌيا، ديو آوچا، اشنان
۽ پوڄا)]

(٢) سڀڪي بندن ڪي ٻي - ۽ هرڻ هرهرهري
اوتپ - ٻي ڪري هي ڪو: ڪرڻ وارا ٻي! مان لهنجي
سرڻ ... ڪيڏو ڪرڻ تو هي جنم هي ناس
ڪرڻ ... سڀ
... ۽ ٻو هرڻ = ٻو دور ڪرڻ
... ڪرڻ وارو، هري = ناس ڪرڻ.]

... آسرو
...

... ڪرڻ وارو يا غريب نواز
... ڪري چرڻ تا لـ
... سڀڪي سنتن
هي ... سنتن دڙاڻ لهنجو
...

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੪

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਸਰਨੀ ਆਇਓ ਨਾਥ ਨਿਧਾਨ ॥ ਨਾਮ ਪ੍ਰੀਤਿ ਲਾਗੀ ਮਨ
ਭੀਤਰਿ ਮਾਗਨ ਕਉ ਹਰਿ ਦਾਨ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੁਖਦਾਈ ਪੂਰਨ
ਪਰਮੇਸੁਰ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਰਾਖਹੁ ਮਾਨ ॥ ਦੇਹੁ ਪ੍ਰੀਤਿ ਸਾਧੂ ਸੰਗਿ ਸੁਆਮੀ

ਹਰਿ ਗੁਨ ਰਸਨ ਬਖਾਨ ॥ ੧ ॥ ਗੋਪਾਲ ਦਇਆਲ ਗੋਬਿੰਦ ਦਮੋਦਰ
ਨਿਰਮਲ ਕਥਾ ਗਿਆਨ ॥ ਨਾਨਕ ਕਉ ਹਰਿ ਕੈ ਰੰਗਿ ਰਾਗਹੁ ਚਰਨ
ਕਮਲ ਸੰਗਿ ਧਿਆਨ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੩ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان گهر چوٿان شبد (٣)

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

سرڻي آئيو ناٿ نڌان
نام پريت لاڳي من ڀيتر، مانگن ڪئُه هر دان (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي نڌين يعني خزانن جا مالڪ! مان تنهنجي سرڻ
آيو آهيان. منهنجي من ۾، تنهنجي نام جي پريت لڳي آهي
تنهنڪري (نام جي) دان گهرڻ لاءِ، تنهنجي سرڻ ورتي اٿم.
[ڀيتر = اندر.]

(١) سکدائي پورن پرميسر، ڪر ڪرپا راکهُ مان
ديهُ پريت سادهو سنگ سُئامي، هر گن رسن بکان

ارٿ:- هي پورن پرميشور! سکن جا داتار! ڪرپا ڪري
منهنجي عزت رک (يعني جونين کان ڇڏاءِ) ۽ مونکي اهڙي
پريت بخش يا ڏي، جو سنتن سان ملي، زبان سان تنهنجا گڻ
ورنن ڪريان. [مان = عزت. رسن = زبان. بکان = ورنن ڪريان.]

(٢) گوپال دئيال گوبند دمودر، نرمل ڪٿا گيان
نانڪ ڪئُه هر رنگ راگهُ، چرن ڪمل سنگ ڌيان.

ارٿ:- (ٻوري) گوپال، ديالو، گوبند ۽ دامودر، اهڙا تنهنجا
نالا مکه سان اُچاريان ۽ تنهنجي نرمل ڪٿا ڪنن سان ٻڌان ۽
تنهنجي سروپ جو گيان پراپت ٿئيم. سري گورو ارجن صاحب
جن وينتي ڪري چون ٿا ته هي هري! مونکي پنهنجي پريم ۾
رنگي لال ڪري ڇڏ ۽ منهنجي من جو ڌيان، سڀ تنهنجي چرن
ڪملن ۾ رهي! [رنگ = پريم. راگهه = رنگي لال ڪري ڇڏ.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਕੇ ਦਰਸਨ ਕੋ ਮਨਿ ਚਾਉ ॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਸਤ ਸੰਗਿ ਮਿਲਾਵਹੁ ਤੁਮ ਦੇਵਹੁ ਅਪਨੋ ਨਾਉ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਰਉ ਸੇਵਾ ਸਤਪੁਰਖ ਪਿਆਰੇ ਜਤ ਸੁਨੀਐ ਤਤ ਮਨਿ ਰਹਸਾਉ ॥ ਵਾਰੀ ਫੇਰੀ ਸਦਾ ਘੁਮਾਈ ਕਵਨੁ ਅਨੂਪੁ ਤੇਰੋ ਠਾਉ ॥ ੧ ॥ ਸਰਬ ਪ੍ਰਤਿਪਾਲਹਿ ਸਗਲ ਸਮਾਲਹਿ ਸਗਲਿਆ ਤੇਰੀ ਛਾਉ ॥ ਨਾਨਕ ਕੇ ਪ੍ਰਭ ਪੁਰਖ ਬਿਧਾਤੇ ਘਟਿ ਘਟਿ ਤੁਝਹਿ ਦਿਖਾਉ ॥ ੨ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥

کیدارا محلا پنجواں شبد (۴)

ہر کے درسن کو من چاؤ
کر کرپا ست سنگ ملاوہُ، تم دیوہُ اپنو ناؤ (رہاؤ)

[illegible] ... درشن [illegible] ... کرپا کری [illegible] ... [چاؤ = چاہ، ... امنگ.]

(۱) کرؤ سیوا ست پرکھ پیارے، جت سُنیئے تت من رہساؤ
واری پھیری سدا گھمائی، کون انوپ تیرو ٹھاؤ

[illegible] ... سیوا کریاں ... [illegible] ... خوشی [illegible] ... [illegible] ... (مطلب [illegible] ... [illegible] ... آستھان.]

(۲) سرب پرتپالہِ سگل سمالہِ، سگلیا تیری چھاؤ
نانک کے پربھ پرکھ بدھاتے، گھٹ گھٹ تجھہ دکھاؤ

ارٿ:- سڀني جيون جي تون پالنا ۽ سنڀال ڪرين ٿو ۽ سڀني جيون تي تنهنجي ڇانو آهي- مطلب تہ سڀني جيون کي تنهنجي اوٽ يعني آسرو آهي- يعني سڀني کي اَنُ، ڪپڙا وغيره تون ئي ڏين ٿو. سري گورو ارجن صاحب جن ويننتي ڪري چون ٿا تہ هي ڦل ورداتا اڪال پرک! مان شل سڀني ۾ توکي وياپڪ ڏسان.
[ڇاءِ = ڇانو، اوٽ. بداتي = ڦل وردانا.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਪ੍ਰਿਅ ਕੀ ਪ੍ਰੀਤਿ ਪਿਆਰੀ ॥ ਮਗਨ ਮਨੈ ਮਹਿ ਚਿਤਵਉ ਆਸਾ ਨੈਨਹੁ ਤਾਰ ਤੁਹਾਰੀ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਓਇ ਦਿਨ ਪਹਰ ਮੂਰਤ ਪਲ ਕੈਸੇ ਓਇ ਪਲ ਘਰੀ ਕਿਹਾਰੀ ॥ ਖੂਲੇ ਕਪਟ ਧਪਟ ਬੁਝਿ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਜੀਵਉ ਪੇਖਿ ਦਰਸਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਕਵਨੁ ਸੁ ਜਤਨੁ ਉਪਾਉ ਕਿਨੇਹਾ ਸੇਵਾ ਕਉਨ ਬੀਚਾਰੀ ॥ ਮਾਨੁ ਅਭਿਮਾਨੁ ਮੋਹੁ ਤਜਿ ਨਾਨਕ ਸੰਤਹ ਸੰਗਿ ਉਧਾਰੀ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥ ੫ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان شبد (٥)

پِرِئہ ڪي پريتِ پِئاري
مَگَنَ مَنئَي مَهِ چِتوئُہ آسا، نَئنهُ تارَ تُهاري (اڪ رهائو)

ارٿ:- هي پتي! تنهنجي پريت مونکي ڏاڍي پياري لڳي ٿي يا وڻي ٿي. انهي ڪري مان من ۾ مست رهان ٿو ۽ چت ۾ تنهنجي ملڻ جي آسا پيو چتان ۾ ڌاريان ۽ اکين ۾ بہ تنهنجي تار يا پريت لڳي پيئي اٿم. [پرئہ = پتي. مگن = مست. چتوءِ = ياد ڪريان. آسا = چاهنا، خواهش، حرص. نئنهہ = اکيون. تار = لنو، پريت. تهاري = تنهنجي.]

(١) اوءِ دِنَ پهرَ مُورَتَ پَلَ ڪَئَسي، اوءِ پَلَ گهري ڪِهاري
کُولي ڪَپَٽَ ڌَپَٽَ ٻُجهِہ تِرِشنا، جيوئُہ پيکہ دَرساري

[illegible]

(٢) ڪڍي ورتئي مون کي ... آن ... سيوا ڪون بيچاري
مان ... ٿاڪ، ... سنگر آداري.

[illegible]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਗੁਨ ਗਾਵਹੁ ॥ ਕਰਹੁ ਕ੍ਰਿਪਾ ਗੋਪਾਲ ਗੋਬਿਦੇ ਅਪਨਾ ਨਾਮੁ ਜਪਾਵਹੁ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਾਢਿ ਲੀਏ ਪ੍ਰਭ ਆਨ ਬਿਖੈ ਤੇ ਸਾਧ ਸੰਗਿ ਮਨੁ ਲਾਵਹੁ ॥ ਭ੍ਰਮੁ ਭਉ ਮੋਹੁ ਕਟਿਓ ਗੁਰ ਬਚਨੀ ਅਪਨਾ ਦਰਸੁ ਦਿਖਾਵਹੁ ॥ ੧ ॥ ਸਭ ਕੀ ਰੇਨ ਹੋਇ ਮਨੁ ਮੇਰਾ ਅਹੰਬੁਧਿ ਤਜਾਵਹੁ ॥ ਅਪਨੀ ਭਗਤਿ ਦੇਹਿ ਦਇਆਲਾ ਵਡਭਾਗੀ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਪਾਵਹੁ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥

ڪيدارا محلا پنجون شبد (٦)

[illegible]

(١) ڪاڍِ ليڱي پرڀ آن ڀڪيءِ تي، ساڌ سنگهہ مَنُ لاوهُ

پِرمُ پِتهہ موهہ ڪِتِتُو گُور ٻچني، آپنا دَرسُ دِکاوهُ

ارٿ:- هي پرڀو! ٻين وشين مان، منهنجو من ڪڍي يا اُپرام ڪري، سادن جي سنگهہ ۾ لڳاءِ. جن پُرشن جو پِرم، ڄمڻ وقت جو پِڙ ۽ گهر جو موهہ، گورن جي وچنن د ئارن تو ڪٽي ڇڏيو آهي، تنکي تون پنهنجو درشن ڏيکارين تو يا تن د ئارن، مونکي درشن ڏيکار.
[ڪاڍِ ليڱي = ڪڍي وٺ، ٻچائي وٺ. آن = ٻين.]

(٢) تيڪي رين هوءِ مَنُ ميرا، آهنبُڌِ تجاوهُ

آپني ڀڳتِ ديهِ دِئِتالا، وَڏ ڀاڳي نانڪ هَرِ پاوهُ.

ارٿ:- منهنجو مَن، شل تنهنجي سيني ڀڳتن جي چرنن جي ڌوڙ ٿئي ۽ اهنڪار واري ٻُڌي، مون مان ڪڍي ڇڏ. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا تہ هي ديالو! مونکي پنهنجي ڀڳتي ٻخش، جنهنڪري مان توکي پراپت ڪري وڏ ڀاڳي ٿي پوان. [رين = مٽي، ڌوڙ. اهن = اهنڪار. تجاوهُ = ڇڏاءِ، ڪڍي ڇڏ.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਜਨਮੁ ਅਕਾਰਥ ਜਾਤ ॥ ਤਜਿ ਗੋਪਾਲ ਆਨ ਰੰਗਿ ਰਾਚਤ ਮਿਥਿਆ ਪਹਿਰਤ ਖਾਤ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਧਨੁ ਜੋਬਨੁ ਸੰਪੈ ਸੁਖ ਭੋਗਵੈ ਸੰਗਿ ਨ ਨਿਬਹਤ ਮਾਤ ॥ ਮ੍ਰਿਗ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਦੇਖਿ ਰਚਿਓ ਬਾਵਰ ਦ੍ਰੁਮ ਛਾਇਆ ਰੰਗਿ ਰਾਤ ॥ ੧ ॥ ਮਾਨ ਮੋਹ ਮਹਾ ਮਦ ਮੋਹਤ ਕਾਮ ਕ੍ਰੋਧ ਕੈ ਖਾਤ ॥ ਕਰੁ ਗਹਿ ਲੇਹੁ ਦਾਸ ਨਾਨਕ ਕਉ ਪ੍ਰਭ ਜੀਉ ਹੋਇ ਸਹਾਤ ॥ ੨ ॥ ੫ ॥ ੭ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان شبد (٧)

هَرِ بِنُ جنمُ آڪارٿ جات

تَجِ گوپال، آنَ رَنگِ راچت، مِٿيا پهرت کات (رهائُ)

ارٿ:- ٻرٻوءِ جي ٻڇن ڪانسواءِ، جنھن وٿوٽ ڪڏھن ڪو ڪونه وڃي. جيڪي ٻو مشھور ڪي جيڏي، ٻين (وشنن جي) ولڪن جا موزن ۽ ٻرورسھ ٿين ٿا، ٿن جو ڪاٿڻ ۽ ٻھوڻ سڀ نسٿل آھي. [اڪاوٿ = وٿوٽ. آن ولڪ = ٻين وشنن جي ولڪن جا موزن ۽. مٿيا = جھوٺو، نسٿل. ٻھورس = (ڪھڙو) ٻھوڻ. ڪاٿ = ڪاڏو.]

(١) ڌَنُ جوبنُ سنجَيِ سُکہ ٻرگوءِ، سنڪرَ تَرِپيَتَ مات
مِرگَ تِرِشنا ديکھہ رچِيو باوَر، دُرمَ ڇائِيا رَنگہ رات

ارٿ:- ڌن، جوبن اوستا، دولت ۽ ٻرڳن جا سُکہ جيڪي ٻہ آھن سي ٻرلوڪ ۾ ڪم مالو نہ ساٿ نہ ھلندا- ٻاٽ ماءِ وغيرہ سنبنڌي ٻہ ساٿ نہ ھلندا. ھي ساوہ ٻساري، رڃ جي ٻاڻيءِ وانگر ۽ وڻ جي ڇانو ٻا ٻاڇي وانگر ھورئو ۽ ڇل آھي، ٻر مورک جيو ھنڪي ڏسي انجي ولڪ ۾ ڇڱيءِ طرح لڳو پيو آھي. [سنپيءِ = دولت. مات = (١) ڪم مالو (٢) ماتا. مرگ ترشنا = رڃ. باور = باولو = چريو ٿيو، مورک. درم = وڻ. رات = رتل، لڳل.]

(٢) مانَ موھ مَہا مَد موھتَ، ڪام ڪروڌ ڪي ڪاتَ
ڪرُ گَہِ ليھُ داس نانڪ ڪُہ، پرڀ جيُہ ھوہ سَہاتَ.

ارٿ:- مان ۽ موھ ۾ موھجي وڃڻ ڪري، ڪام ڪرودو لشوڪيو اٿون ۽ ڪام ڪروڌ جي ڪات = ڪُنڊ ۾ ٻيا آھيون. سري ڪرو اوچي صاحب جي ونتي ڪري چوي ٿا ته ھي ٻرڀو! مون سان سھاءِ ٿيءُ ۽ مون داس جو ھٿ جھلي وٺ. [سھات = سھاءِ ٿيءُ، مددگار ٿيءُ.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਕੋਇ ਨ ਚਾਲਸਿ ਸਾਥ ॥ ਦੀਨਾ ਨਾਥ ਕਰੁਣਾਪਤਿ ਸੁਆਮੀ ਅਨਾਥਾ ਕੇ ਨਾਥ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੁਤ ਸੰਪਤਿ ਬਿਖਿਆ ਰਸ ਭੋਗਵਤ ਨਹ ਨਿਬਹਤ ਜਮ ਕੈ ਪਾਥ ॥ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ ਗਾਉ ਗੁਨ

ਗੋਬਿੰਦ ਉਧਰੁ ਸਾਗਰ ਕੇ ਖਾਤ ॥੧॥ ਸਰਨਿ ਸਮਰਥ ਅਕਥ ਅਗੋਚਰ ਹਰਿ ਸਿਮਰਤ ਦੁਖ ਲਾਥ ॥ ਨਾਨਕ ਦੀਨ ਧੂਰਿ ਜਨ ਬਾਂਛਤ ਮਿਲੈ ਲਿਖਤ ਧੁਰਿ ਮਾਥ ॥ ੨ ॥ ੬ ॥ ੮ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان شبد (٨)

هرِ بِنُ ڪوءِ نہ چالسِ ساٿ

ديِنا ناٿ ڪرُنّا پتِ سُئامي، آناٿا ڪي ناٿ (رهاءُ)

ارٿ:- پرڀوءَ کانسواءِ پرلوڪ ۾ ڪوبہ سنگ نہ هلندو. اهو پرڀو غريبن جو مالڪ، ڪرپا ڪرڻ وارو، سڀني جي عزت رکڻ وارو سوامي ۽ بي وسيلن جو مالڪ آهي. [چالس = هلندو. پت = آبرو، عزت.]

(١) سُت سنپتِ بِکِئا رسَ ڀوگوَت، نہ نِبهت جم ڪئي پاٿ
نامُ نِدان گاءُ گُن گوبند، اُڌرُ ساگر ڪي کات

ارٿ:- پٽ، دولت ۽ وشين جي رسن جو سواد وٺڻ، اهي سڀ جم جي رستي ۾ گڏ نہ هلندا - مطلب تہ اهي سڀ اتي ئي رهندا، تنهنڪري من دئاران، نڌين جي خزاني نام کي جپ ۽ پاڻيءَ دئاران گوبند جا گڻ ڳاءِ ۽ انهن ڪرڻ ڪري، هي جيئُ سنسار ساگر جي کڏ مان تري، پار پوندو يعني جنم مرڻ کان رهت ٿيندو. [ست = پٽ. سنپت = دولت، گهر جون شيون. پاٿ = رستو. کات = کڏ.]

(٢) سرن سمرٿ اڪٿ آگوچر، هرِ سِمرت دُکہ لاٿ
نانڪ ديِن ڌُورِ جن پانڇت، مِلئي لِکت ڌُرِ ماٿ•

ارٿ:- مان، سمرٿ، بي انت ۽ اندرين جي پهچ کان ٻاهر پرڀوءَ جي شرن آهيان، جنهنجي سمرن ڪرڻ ڪري، دک دور ٿي ٿا وڃن. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا تہ

مان غريب، پرماتما جي پيارن ڀڳتن جي چرنن جي ڌوڙ چاهيان
ٿو، پر اها ڌوڙ بہ تڏهين ملي ٿي، جڏهين پورٻن جي مستڪ
تي اهڙو ليک لکيل آهي. [اکت = بي انت. اگوچر = اندرين
جي پهچ کان ٻاهر. بانڇہ = گهري ٿو. ڌُر = آد کان، پورٻن تي.
ماٿ = متي، مستڪ.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੫

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਬਿਸਰਤ ਨਾਹਿ ਮਨ ਤੇ ਹਰੀ ॥ ਅਬ ਇਹ ਪ੍ਰੀਤਿ ਮਹਾ ਪ੍ਰਬਲ ਭਈ ਆਨ ਬਿਖੈ ਜਰੀ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬੂੰਦ ਕਹਾ ਤਿਆਗਿ ਚਾਤ੍ਰਿਕ ਮੀਨ ਰਹਤ ਨ ਘਰੀ ॥ ਗੁਨ ਗੋਪਾਲ ਉਚਾਰੁ ਰਸਨਾ ਟੇਵ ਏਹ ਪਰੀ ॥ ੧ ॥ ਮਹਾ ਨਾਦ ਕੁਰੰਕ ਮੋਹਿਓ ਬੇਧਿ ਤੀਖਨ ਸਰੀ ॥ ਪ੍ਰਭ ਚਰਨ ਕਮਲ ਰਸਾਲ ਨਾਨਕ ਗਾਠਿ ਬਾਧਿ ਧਰੀ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੯ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان گهر پنجوان شبد (٩)

اڪ اونڪار ست گرو پرساد

بِسرت ناهِ من تي هري

اَب اِهَ پريت مها پربل ڀئي، آن بکيٖ جري (اِڪ رهاو)

ارٿ:- منهنجي من مان پرماتما نٿو وسري. هاڻي تہ اها
پرماتما جي نام سمرڻ جي پريت، مون ۾ ڏاڍي زبردست ٿي وئي
آهي ۽ ٻين وشين جي سوادن جي پريت، سڙي يعني ناس ٿي
وئي آهي. [مها = ڏاڍي. پربل = زبردست. بکيٖ = وشين.
جري = سڙي، ناس ٿي وئي.]

(١) بوند ڪها تياڳ چاترڪ، مين رهت نہ گهري

گن گوپال اُچار رسنا، ٽيو ايهہ پري

ارٿ:- (پريت جا مثال) چاترڪ پکي سواتي بوند ڪٿي
ڇڏي ٿو سگهي ۽ مڇي پاڻيءَ کانسواءِ، هڪ گهڙي بہ ڪٿي ٿي

رهي سگهي؟ مطلب ته منهنجي پريت ته پريوءَ سان اهڙي آهي. گوپال جا گڻ زبان دئاران پيو ڳايان ۽ مونکي ته هاڻي اِها عادت پئجي ويئي آهي. [مين = مڇي. ٽيو = عادت]

(٢) مها ناد ڪُرنڪ موهيو، بيڌ تيکڻ سري
پرڀ چرن ڪمل رسال، نانڪ گانٺ باڌ ڌري.

ارٿ:- جيئن هرڻ وڏو آواز مرليءَ جو ٻڌي موهجي (بي خود ٿي)، تکي تير دئاران گهائيو ويندو آهي مطلب ته اهڙي پڪي پريت آهي جو ڪنهنجي هٽائڻ سان نٿي هٽي. سري گورو ارجن صاحب جن چون ٿا ته پريوءَ جي سندر ۽ وڻندڙ چرن ڪملن جي پريت جي ڳنڍ مون هردي ۾ (پڪي) ٻڌي رکي آهي. [مهاناد = وڏي رس وارو راڳ. ڪرنڪ = هرڻ. بيڌ = گهايل. تيکڻ = تکا. سري = تير جي چهنب. رسال = رس جو گهر.]

پرماڻ (١):- ”ڪبير لاگي پريت سُجان سِئُ، برجي لوڳ آجانُ
تا سِئُ ٽُوٽي ڪِئُ بنئي، جاڪي جيئه پران.“
[سلوڪ ڪبير صاحب نمبر (٢١٧)]

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجي پريت واهگوروءَ سان لڳي ويئي آهي، پر بيوقوف ماڻهو مونکي انکان هٽائين ٿا. جنهن پرماتما جا هي جيءُ ۽ پران ڏنل آهن، تنهن سان پريت ٽوڙڻ وري ڪيئن نڀندو؟

پرماڻ (٢):- ”مُونِ لالَن سِئُ پريت بني
ٽوري نه ٽوٽئي ڇوڙي نه ڇُوٽئي-
ائسي ماڌو کنچ تني
[بلاول محلا پنجوان شبد (١١٤)]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਪ੍ਰੀਤਮ ਬਸਤ ਰਿਦ ਮਹਿ ਖੋਰ ॥
ਗਹਿ ਲੇਹੁ ਅਪਨੀ ਓਰ ॥ ਰਹਾਉ ॥
ਕਰਿ ਦਇਆ ਚਾਰਹੁ ਧੋਰ ॥ ਸੰਤ ਸੰਗਿ ਹਰਿ ਲੈ ਮੋਰ ॥੧॥ ਗਰਭ ਕੂੰਟ ਮਹਿ ਜਿਨਹਿ ਧਾਰਿਓ ਮਹਿ ਹੋਰ ॥ ਹਰਿ ਸਕਤ ਸਰਨ ਸਮਰਥ ਨਾਨਕ
॥੨॥੨॥੧੦॥

ڪيدارا محلا پنجوان شبد (١٠)

پريتم، بست رِد مهہ کور
دين ديار ٺاڪر، گهہ ليهہ آپني اور (رهاءُ)

اوهه هي پيارا! تون منهنجي هردي روپي آکيري ۾ وسين
ٿو. هي ٺاڪر! پنهنجي دوار ڪري، منهنجي من کي
پنهنجي طرف ڇڪي وٺ. [بسنت = وسي ٿو. رد = هردو. کور =
آکيري. ٻيس = پنهنجي. دوار = دور ڪر، هٽاءِ. گهہ ليهہ =
پڪڙي وٺ، ڇڪي وٺ. اپني اور = پنهنجي پاسي، پنهنجي طرف.]

(١) اُڌِڪ ڪرت سنسار ساگر، ڪرِ دَئِيا چارهُ ڌور
سَنت سَنگِ هرِ چرن بوهِت، اُڌ رتي ليءِ موور

اوهه سنسار روپي سمنڊ ۾ موهه روپي وڏو ڪُن آهي
جنهن مان ڪربا ڪري ڪڍي، جنهنکي ڪڍيءَ يا ڪناري لي
چاڙهي ڇڏ. هي هري! سنتن جي سنگ دوارا، جن تنهنجا چرن
جهاز والنگر برليمه ڪيا آهن ۽ آهي جرن، جنهنکي سنسار روپي
سمنڊ مان پار ساني، تري پار ڪري ڇڏيندا. [اڌک = تمام



وڏو. گـرت = ڳُڻ. ڏور = ڪنارو ڪندي. بوهت = جهاز.
اُڌرني = پار ڪندا، تاري ڇڏيندا. مور = مونکي.]

(٢) ڪَرِپ ڪُنت مهِ جنهِ ڌارِئو، نهي بِکيءِ بن مهِ هور
هرِ سڪت سران سمرت، نانڪ آن نهي نهور.

ارٿ:- جنهن پرماتما ماتا جي پيٽ روپي ڪنڊ ۾ رکيا ڪئي آهي. تنهنڪانسواء ھن وشين يـا سنسار روپي بن ۾ منهنجو رکيا ڪرڻ وارو بيو ڪير ڪونهي. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا ته شڪتيءَ وارا سمرت پريو! مـان تنهنجي سرڻ آهيان ۽ مونتي بئي ڪنهنجو تورڙو ڪونهي. [ڪنت = ڪنڊ.
بکيءَ = وشيون. هور = بيو. نهور = احسان، تورو.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਰਸਨਾ ਰਾ... ਨਾਮ ਬਖਾਨੁ ॥ ਗੁਨ ਗੋਪਾਲ ਉਚਾਰੁ ਦਿਨੁ ਰੈਨਿ
ਭਏ ਕਲਮਲ ਹ... ਆਗਿ ਚਲਨਾ ਸਗਲ ਸੰਪਤ ਕਾਲੁ
ਸਿਰ ਪਰਿ ਜਾਨੁ ... ਸਾ ਝੂਠੁ ਸਰਪਰ ਮਾਨੁ ॥੧॥
ਸਤਿਪੁਰਖ ਅਕਾ... ਧਿਆਨੁ ॥ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ
ਨਾਨਕ ਬ... ॥ ੧੧ ॥
(1...

ا
ڏينهن
تا.] :
پاپ. ه

(١) تتا ڪر چانا سکل سنپت، ڪال سر پر جان
مِتر موهه دولت آسا، جهوٺ سر پر مان

ارٿ:- هي ڀائي! سموري دولت ڪنهن ڪمي جي نه آهي؛ هميشه ڪال سر تي ڇانيل سمجهو آهي. جن ڇوڙن ٻارن جي موهه ڪري، اي الس آسائون ڪرين ٿو، تن کي ٿڇي ڪري يا تحقيق جهوڙو ڪري سمجهه. [متر = ڇورو. دولت = اي الس. سرپر = ضرور، تحقيق.]

(٢) ست پرکه آڪال مورت، ردئي ڌاره ڌيان
نام ندان لاڀ نانڪ، بست اهه پروان.

ارٿ:- ڪال کان رهت ست پرک يعني واهگورو جو، هردي ۾ ڌيان ڌار. سوي گورو ارجن صاحب جن فرمائن ٿا ته نام روپي خزاني مان جو لاڀ ليندو، اهائي لاڀ واري نام جي وستو قبول ٿيندي. [اڪال مورت = ڪال کان رهت. ندان = خزانو. بست = وستو، شيءِ. پرواڻ = قبول، مکيه.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਕੇ ਨਾਮ ਕੋ ਆਧਾਰੁ ॥ ਕਲਿ ਕਲੇਸ ਨ ਕਛੁ ਬਿਆਪੈ ਸੰਤ ਸੰਗਿ ਬਿਉਹਾਰੁ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਰਿ ਅਨੁਗ੍ਰਹੁ ਆਪਿ ਰਾਖਿਓ ਨਹ ਉਪਜਤਉ ਬੇਕਾਰੁ ॥ ਜਿਸੁ ਪਰਾਪਤਿ ਹੋਇ ਸਿਮਰੈ ਤਿਸੁ ਦਹਤ ਨਹ ਸੰਸਾਰੁ ॥ ੧ ॥ ਸੁਖ ਮੰਗਲ ਆਨੰਦ ਹਰਿ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਚਰਨ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਸਾਰੁ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਸਰਨਾਗਤੀ ਤੇਰੇ ਸੰਤਨਾ ਕੀ ਛਾਰੁ ॥੨॥੪॥੧੨॥

ڪيدارا محلا پنجوان شبد (١٢)

هر کي نام کو آڌار
ڪل ڪليش نه ڪڇه بيائي، سنت سنگ بيوهار (رهاءُ)

ارٿ:- هي هري! مونکي تنهنجي نام جوئي آسرو آهي. ڪلجگ جا ڪجهه به دک، مونکي ڇهي نٿا سگهن يا مون ۾ پرويش ڪري نٿا سگهن، ڇاڪاڻ تہ منهنجو تنهنجن سنتن سان وهنوار آهي. [آڌار=آسرو. ڪل = ڪلجگ. ڪليش = دک.]

(١) ڪرِ انگره آپِ راکئو، نهہ اپجتہ بيڪار
جِس پراپتِ هوءِ سِمرڻ، تِس دهت نهہ سنسار

ارٿ:- تو ڪرپا درشٽي ڪري مونکي بچائي ورتو آهي انهي ڪري هاڻي ڪام آدڪ وڪار، ڪوبہ پيدا نٿو ٿئي. جنهنکي تنهنجو نام پراپت ٿيڻ لکيل آهي، سو توکي ياد ڪري ٿو ۽ تنهنکي سنسار روپي اگني ساڙي نٿي سگهي. [انگره = ڪرپا. بيڪار = وڪار. دهت = ساڙي.]

(٢) سکہ منگل آنند هرِ هرِ پرڀ، چرن انمرت سار
نانڪ داس سرناگتي تيري، سنتنا ڪي ڇار.

ارٿ:- هي پريو! تنهنجي نام اچارڻ ڪري، وهنوارن ۾ سک ۽ خوشين ۾، آتم پراپتيءَ جو آنند ٿئي ٿو ۽ تنهنجي چرنن جو ڌيان، امرت جي تت وانگر آهي. سري گوروارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا تہ مان تنهنجي شرن آيو آهيان ۽ تنهنجي سنتن جي چرنن جي ڌوڙ گهران ٿو. [منگل = خوشيون. سار = تت. ڇار = ڌوڙ.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਕੇ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਧ੍ਰਿਗੁ ਸ੍ਰੋਤ ॥ ਜੀਵਨ ਰੂਪ ਬਿਸਾਰਿ ਜੀਵਹਿ ਤਿਹ ਕਤ ਜੀਵਨ ਹੋਤ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਖਾਤ ਪੀਤ ਅਨੇਕ ਬਿੰਜਨ ਜੈਸੇ ਭਾਰ ਬਾਹਕ ਖੋਤ ॥ ਆਠ ਪਹਰ ਮਹਾ ਸ੍ਰਮੁ ਪਾਇਆ ਜੈਸੇ ਬਿਰਖ ਜੰਤੀ ਜੋਤਿ ॥ ੧ ॥ ਤਜਿ ਗੋੁਪਾਲ ਜਿ ਆਨ ਲਾਗੇ ਸੇ ਬਹੁ ਪ੍ਰਕਾਰੀ ਰੋਤ ॥ ਕਰ ਜੋਰ ਨਾਨਕ ਦਾਨੁ ਮਾਗੈ ਹਰਿ ਰਖਉ ਕੰਠਿ ਪਰੋਤ ॥ ੨ ॥ ੫ ॥ ੧੩ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان. شبد (١٣)

(وينتي)

هرڪي نام بنُ، ڌرگ سروت

جيون روپ بسار جيوهہ، تهہ ڪت جيون دوت (رهاءُ)

ارٿ:- پربوءِ جي نام (جي مهما) ٻڌڻ کانسواءِ، ڪنن کي (ٻئي ڪجهہ بہ ٻڌڻ ڪري) ڌڪار آهي. هي جيون روپ! جيڪو توکي وساري جيئي ٿو، تنهنجو جيئڻ ڪٿي ٿي سگهي ٿو؟ مطلب تہ هو مُردي سمان آهي. [ڌرگ = ڌڪار. سروت = ڪن.]

(١) کات پيت اينڪ بنجن، جيسي بار باهڪ کوت

آٺ پهر مها سرم پائيا، جيسي برک جنتي جوت

ارٿ:- اهي شخص جيئن گڏهہ بار جا بوجهہ وهائيندڙ لڏيندڙ آهن، تئين جيتوڻيڪ اينڪ قسمن جا کاڌا يعني کاڌا کائين پيئن ٿا، لڏيندڙ بہ گڏهن وانگر ڪجهہ حاصل ڪندهہ نہ ٿا، فقط خالي مال بيحد بنا ڍو ٿين. اهي آٺ پهر ڏينهن وهراڻ بہ ڏاڍو ڪشٽ پرا ٿين ٿا، جيئن گهاڻي بہ ٻڌل ڍاند ڏاڍو دک سهندو آهي. [کات = کاڌو. پيت = پيتو. بنجن = کاڌو. بار = بار. باهڪ = وهائيندڙ يا لڏيندڙ. کوت = گڏهہ. سرم = ڪشٽ. برک = ڍاند. جنتي = گهاڻو. جوت = جُڙيل، جونيل، ٻڌل.]

(٢) تجه گوپال جو آن لاگي، سي بهہ پرڪاري روت

ڪر جوڙ نانڪ دان ماگي، هر رکهہ ڪنٺ پروت.

ارٿ:- جيڪي گوپال کي ڇڏي، ٻئي طرف لڳن ٿا، سي اڪثر قسمن جي ڪشٽن ۾ روئن ٿا. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا تہ هي پرڀو! مان هٿ جوڙي توکان اهو دان گهران ٿو تہ مان سدائين تنهنجي نام کي ڳچيءَ ۾ پائي

رکان يعني تنهنجو نام سدائين جپيندو رهان. [تج = ڇڏي. آن = ٻيو، ٻئي طرف. روت = روئن تا. ڪر = هٿ. ٻروت = ٻوٽي.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਸੰਤਹ ਧੂਰਿ ਲੇ ਮੁਖਿ ਮਲੀ ॥ ਗੁਣਾ ਅਚੁਤ ਸਦਾ ਪੂਰਨ ਨਹ ਦੋਖ ਬਿਆਪਹਿ ਕਲੀ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਗੁਰ ਬਚਨਿ ਕਾਰਜ ਸਰਬ ਪੂਰਨ ਈਤ ਊਤ ਨ ਹਲੀ ॥ ਪ੍ਰਭ ਏਕ ਅਨਿਕ ਸਰਬਤ ਪੂਰਨ ਬਿਖੈ ਅਗਨਿ ਨ ਜਲੀ ॥ ੧ ॥ ਗਹਿ ਭੁਜਾ ਲੀਨੋ ਦਾਸੁ ਅਪਨੋ ਜੋਤਿ ਜੋਤੀ ਰਲੀ ॥ ਪ੍ਰਭ ਚਰਨ ਸਰਨ ਅਨਾਥੁ ਆਇਓ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਸੰਗਿ ਚਲੀ ॥ ੨ ॥ ੬ ॥ ੧੪ ॥

ڪيدارا محلا پنجوان شبد (١٤)
(وينتي)

سنتهہ ڌوُڙ لي، مکہ ملي

گڻ آچت سدا پوُرن، نهہ دوکہ ٻياپهہ ڪلي (رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! سنتن جي ڌوڙ وٺي مُکہ کي مليو يا لايو يعني پنهنجو پاڻ سنتن کي ارپيو ته پوءِ اوهان ۾، نه ڪرندڙ يعني قائم ۽ سدائين، پوُرن = ڪماليت وارا اگڻ پيدا ٿيندا ۽ ڪلجڳ جا دک نه وياپندا. [اچت = نه ڪرندڙ يعني قائم گڻ. ڪلي = ڪلجڳ.]

(١) گور ٻچن، ڪارج سرب پوُرن، ايت اوُت نہ هلي

پرڀ ايڪ آنڪ سربت پوُرن، ٻکئ آگن نہ جلي

ارٿ:- گورن جي وچن (ڪمائڻ) ڪري، تنهنجا سڀ ڪارج راس ٿيندا ۽ تنهنجي چت جي ورتي، هيڏانهن هوڏانهن نہ ٿڪندي. پرڀوُ آهي هڪ، پر انيڪ سيني جيون ۾ وياپڪ آهي؛ انهيءَ جي ڪرپا سان، ترشنا روپي اگن نہ جلائيندي. [ايت اوُت = هيڏانهن هوڏانهن. هلي = ٿڪندي. سربت = سيني ۾. ٻکيءَ = وشيون. جلي = ساڙي ٿي.]

(۲) ڪرِ ڪِرپا لينو داسُ اپنو، جوتِ جوتي رلي
پرڀ چرن سرن اناٿ آئيو، نانڪ هرِ سنگ چلي.

ارٿ:- جڏهن پنهنجي داس کي مالڪ، پاڻهن ڪان وٺي ڇڏيو، تڏهن لهنجي جوت سائنس ملي وڃي ٿي - مطلب ته هو هڪ روپ ٿي وڃي ٿو. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا ته مان غريب، لهنجي چرڻ جي سرن آيو آهيان، جاڪاڻ ته توسان اهڙي پريت، پرلوڪ ۾ ساڻ هلي ٿي. [ڪرپا = ٻاجهه. جوتي = پرميشور. رلي = ملي. اناٿ = بي واهو، غريب. چلي = هلي ٿي.]

ਕੇਦਾਰਾ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਕੇ ਨਾਮ ਕੀ ਮਨ ਰੁਚੈ ॥ ਕੋਟਿ ਸਾਂਤਿ ਅਨੰਦ ਪੂਰਨ ਜਲਤ ਛਾਤੀ ਬੁਝੈ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੰਤ ਮਾਰਗਿ ਚਲਤ ਪ੍ਰਾਨੀ ਪਤਿਤ ਉਧਰੇ ਮੁਚੈ ॥ ਰੇਨੁ ਜਨ ਕੀ ਲਗੀ ਮਸਤਕਿ ਅਨਿਕ ਤੀਰਥ ਸੁਚੈ ॥੧॥ ਚਰਨ ਕਮਲ ਧਿਆਨ ਭੀਤਰਿ ਘਟਿ ਘਟਹਿ ਸੁਆਮੀ ਸੁਝੈ ॥ ਸਰਨਿ ਦੇਵ ਅਪਾਰ ਨਾਨਕ ਬਹੁਰਿ ਜਮੁ ਨਹੀ ਲੁਝੈ॥੨॥੭॥੧੫॥

ڪيدارا محلا پنجوان شبد (۱۵)

هرِ ڪي نام ڪي من رچي
ڪوٽِ سانتِ انند پورن، جلت ڇاتي بجهي (رهاءُ)

ارٿ:- جنهنجي من ۾ هري جي نام جي پريت آهي، سو ڪروڙن شانتين ۽ آنند ڪري، پورن ٿي پوي ٿو ۽ هنجي وشين روپي باهه ۾ ٻرندڙ ڇاتي، ٺري پوي ٿي. [رچي = پريت. ڪوٽ = ڪروڙين. جلت = ٻرندڙ. بجهي = وسامي.]

(۱) سنت مارگِ چلت پراني، پتت اڌري مچي
رينُ جن ڪي لڳي مستڪ، انڪ تيرٿ سچي

ارٿ:- سنتن جي رستي تي هلندڙ ڪيترا پاپي جيو تري ويا آهن ڇاڪاڻ ته سنتن جي چرنن جي ڌوڙ، هنن جي مستڪ تي لڳي آهي، جا انيڪ تيرٿن کي خود، پوتر ڪري ڇڏي ٿي (جنهن پيلڻيءَ پمپاسر کي پوتر ڪيو هو). [مارگ = رستو. پتت = پاپي. اڌري = ترن ٿا. مجيءِ = گهٽا. رين = ڌوڙ. جن = سنت. مستڪ = مٿي. سچيءِ = پوتر.]

(۲) چرن ڪمل ڌيان ڀيتر، گهٽ گهٽهِ سُامي سُجهيءِ
سرن ديو اپار نانڪ، ڦر جم نهي لُجهيءِ.

ارٿ:- من ۾ پرميشور جي چرن ڪملن جي ڌيان ڪرڻ ڪري، سيني گهٽن يعني سڀني ۾، مالڪ وياپڪ نظر اچي ٿو. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته پرميشور جي سرڻ پوڻ ڪري، وري جيو سان جم نٿو لڙي. [ڀيتر = اندر، ۾. سُجهيءِ = نظر اچي. ديو اپار = پرميشور. ڦر = وري. لُجهيءِ = لڙي، جهڳڙو ڪري.]

ਕੇਦਾਰਾ ਛੰਤ ਮਹਲਾ ੫

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮਿਲੁ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰੀਤਮ ਪਿਆਰਿਆ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪੂਰਿ ਰਹਿਆ ਸਰਬਤ੍ਰ ਮੈ ਸੋ ਪੁਰਖੁ ਬਿਧਾਤਾ ॥ ਮਾਰਗੁ ਪ੍ਰਭ ਕਾ ਹਰਿ ਕੀਆ ਸੰਤਨ ਸੰਗਿ ਜਾਤਾ ॥ ਸੰਤਨ ਸੰਗਿ ਜਾਤਾ ਪੁਰਖੁ ਬਿਧਾਤਾ ਘਟਿ ਘਟਿ ਨਦਰਿ ਨਿਹਾਲਿਆ ॥ ਜੋ ਸਰਨੀ ਆਵੈ ਸਰਬ ਸੁਖ ਪਾਵੈ ਤਿਲੁ ਨਹੀ ਭੰਨੈ ਘਾਲਿਆ ॥ ਹਰਿ ਗੁਣ ਨਿਧਿ ਗਾਏ ਸਹਜ ਸੁਭਾਏ ਪ੍ਰੇਮ ਮਹਾ ਰਸ ਮਾਤਾ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਤੇਰੀ ਸਰਣਾਈ ਤੂ ਪੂਰਨ ਪੁਰਖੁ ਬਿਧਾਤਾ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਪ੍ਰੇਮ ਭਗਤਿ ਜਨ ਬੇਧਿਆ ਸੇ ਆਨ ਕਤ ਜਾਹੀ ॥ ਮੀਨੁ ਬਿਛੋਹਾ ਨਾ ਸਹੈ ਜਲ ਬਿਨੁ ਮਰ ਪਾਹੀ ॥ ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਕਿਉ ਰਹੀਐ ਦੂਖ ਕਿਨਿ ਸਹੀਐ

ਚਾਤ੍ਰਿਕ ਬੂੰਦ ਪਿਆਸਿਆ ॥ ਕਬ ਰੈਨਿ ਬਿਹਾਵੈ ਚਕਵੀ ਸੁਖੁ ਪਾਵੈ ਸੂਰਜ ਕਿਰਣਿ ਪ੍ਰਗਾਸਿਆ ॥ ਹਰਿ ਦਰਸਿ ਮਨੁ ਲਾਗਾ ਦਿਨਸੁ ਸਭਾਗਾ ਅਨਦਿਨੁ ਹਰਿ ਗੁਣ ਗਾਹੀ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸੁ ਕਹੈ ਬੇਨੰਤੀ ਕਤ ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਪ੍ਰਾਣ ਟਿਕਾਹੀ ॥ ੨ ॥ ਸਾਸ ਬਿਨਾ ਜਿਉ ਦੇਹੁਰੀ ਕਤ ਸੋਭਾ ਪਾਵੈ ॥ ਦਰਸ ਬਿਹੂਨਾ ਸਾਧ ਜਨੁ ਖਿਨੁ ਟਿਕਣੁ ਨ ਆਵੈ ॥ ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਜੋ ਰਹਣਾ ਨਰਕੁ ਸੋ ਸਹਣਾ ਚਰਨ ਕਮਲ ਮਨੁ ਬੇਧਿਆ ॥ ਹਰਿ ਰਸਿਕ ਬੈਰਾਗੀ ਨਾਮਿ ਲਿਵ ਲਾਗੀ ਕਤਹੁ ਨ ਜਾਇ ਨਿਖੇਧਿਆ ॥ ਹਰਿ ਸਿਉ ਜਾਇ ਮਿਲਣਾ ਸਾਧ ਸੰਗਿ ਰਹਣਾ ਸੋ ਸੁਖੁ ਅੰਕਿ ਨ ਮਾਵੈ ॥ ਹੋਹੁ ਕ੍ਰਿਪਾਲ ਨਾਨਕ ਕੇ ਸੁਆਮੀ ਹਰਿ ਚਰਨਹ ਸੰਗਿ ਸਮਾਵੈ ॥ ੩ ॥ ਖੋਜਤ ਖੋਜਤ ਪ੍ਰਭ ਮਿਲੇ ਹਰਿ ਕਰੁਣਾ ਧਾਰੇ ॥ ਨਿਰਗੁਣੁ ਨੀਚੁ ਅਨਾਥੁ ਮੈ ਨਹੀ ਦੋਖ ਬੀਚਾਰੇ ॥ ਨਹੀ ਦੋਖ ਬੀਚਾਰੇ ਪੂਰਨ ਸੁਖ ਸਾਰੇ ਪਾਵਨ ਬਿਰਦੁ ਬਖਾਨਿਆ ॥ ਭਗਤਿ ਵਛਲੁ ਸੁਣਿ ਅੰਚਲੋੁ ਗਹਿਆ ਘਟਿ ਘਟਿ ਪੂਰ ਸਮਾਨਿਆ ॥ ਸੁਖ ਸਾਗਰੋੁ ਪਾਇਆ ਸਹਜ ਸੁਭਾਇਆ ਜਨਮ ਮਰਨ ਦੁਖ ਹਾਰੇ ॥ ਕਰੁ ਗਹਿ ਲੀਨੇ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਅਪਨੇ ਰਾਮ ਨਾਮ ਉਰਿ ਹਾਰੇ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ڪيدارا ڇنت محلا پنجوان ڇنت (١)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

مِلُ ميري پريتم پيارا (رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا پيارا پريتم! مون سان اچي مل.

(١) پرِ رَهِيا سرب ٿئو ۾، سو پرکُ بِڌاتا
مارگُ پرڀ جو ڪنهن ڪينا، سنتن سنگ جاتا

ارٿ:- اوهان، جو من گهوريا ڦل ڏيڻ وارو پرڀو آهيو، سو سڀ
ن تي وڃيو آهيو. مون لنهنجي ماڳ جو رستو، سچ پچ ائين

سمجھيو آھي تہ تون سنتن جي سنگ د ئاران ڇاتو وڃين ٿو.
[سرٻتر = سيني. ٻڌاتا = من گھريا ڦل ڏيڻ وارو ٻريو. مارگ = رستو.]

سنتن سنگ جاتا پرڪر ٻڌاتا، ڪهٽ ڪهٽ ٺڊر نهاليا
جو سرني آوئي سرب سک پاوئي، ٿل نهي ڀنئي گهاليا

ارٿ:- من گھريا ڦل ڏيڻ وارو ٻريو، سنتن جي سنگ د ئاران ڄاڻجي ٿو ۽ (تنهنڪري) سيني جيون ۾ ھو وياپڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪو واھگوروءَ جي سرن اچي ٿو، سو سڀ سک حاصل ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ ھو (يعني واھگورو) ڪنھنجي تہ جيتري بہ ڪمائي اجائي نٿو وڃائي. [ٿل = تر جيتري. ڀنئي = وڃائي.
گهاليا = پورھيو، ڪمائي، شيوا.]

ھر گڻ نڌ گائي، سھج سيائي، پريم مها رس ماتا
نانڪ داس تيري سرڻائي، تون پورن پرڪر ٻڌاتا.

ارٿ:- ھي ھري! جيڪو تنهنجا بي انت گڻ ڳائي ٿو، سو سياڻپ ئي سوڀيڪ ٿئي ٿو ۽ تنهنجي اٿاھ پريم روپي رس ۾ ھنجو من مست ٿي رھي ٿو. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا تہ مان داس تنهنجي سرن آيو آھيان، ڇاڪاڻ تہ تون ھر ھنڌ وياپڪ آھين ۽ سيني جو رکيڪ آھين. [نڌ = خزانو. گڻ نڌ = بي انت گڻ. سيائي = سوڀائمان، سوڀيڪ. ماتا = مست. ٻڌاتا = من گھريا ڦل ڏيڻ وارو، رکيڪ.]

(٢) ھر پريم ڀگت جن بيڌيا، سي آن ڪت جاھي
مين ٻچوھا نا سھئي، جل بن مر ڀاھي

ارٿ:- ھي ٻريو! جن تنهنجن داسن جو من، تنهنجي ٻريما-ڀگتيءَ ۾ وڌيو ٻڌو آھي، سي ٻوڪي ڇڏي، ٻئي ڪنھن طرف نٿا وڃن. جئين، مڇي پاڻيءَ جو وڇوڙو سھي نٿي سگھي ۽ پاڻيءَ

ڪانسواءِ مري وڃي ٿي ٿئن، تنهنجي داسن جو حال آهي يعني لوڪانسواءِ هو جيئرا رهي نٿا سگهن. [بدنا = ونڊيل. آن = ٻئي. ڪمڪ = طرف، پاسي. جاهي = وڃن ٿا. ٻين = مڇي. بڇرها = وڇوڙو. مرياهي = مرڻ ياتي ٿي، مري وڃي ٿي.]

هرِ بِنُ ڪِئُ رَهيئي، دُوکُ ڪِنِ سهيئي،

چاترِڪ بوُند پياسيا

ڪَبِ رَيَنِ بِهاوي، چَڪوي سُکُ پاوي،

سوُرَج ڪِرڻِ پرڳاسيا

ارت:- هي هري! لوڪانسواءِ ڪئن رهي سگهجي ۽ وڇوڙي جو ڏک ڪئن سهي (يا برداشت ڪري) سگهجي؟ مطلب ته اهڙي حالت آهي جئن پپيهو، سواتي ٻوند جو پياسي، اهوءِ ٻوند ڪانسواءِ ڪڏهين جيئرو رهي نٿو سگهي. (ٻريت جو ٻيو مثال) چڪوي اٿين چاهيندي آهي ته ڪڏهين رات پوري ٿيندي ۽ سورج جا ڪرڻا پرڪاش ڪندا، جو مان سک حاصل ڪنديس. تئن جگياسو چاهيندو آهي ته ڪڏهين اوديا روپي رات پوري يا ختم ٿيندي ۽ گرو اُپديش روپي روشني ٿيندي جو مان سروپ جي سُکَ ۾ يا آتم آنند ۾، لين ٿينديس. [رئن=رات. ٻهاوي = گذري.]

هرِ دَرِسِ مَنُ لاڳا، دِنَسُ سَباڳا، اَنَدِنُ هرِ گُڻُ گاهي

نانڪ داس ڪهي بينتي، ڪتَ هرِ بنُ پراڻُ ٽڪاهي.

ارت:- هي هري! اهو ڏينهن سڀاڳو هو، جڏهن ڏينهن ڪان ولي، تنهنجي درشن ۾ هي من لڳي واڙ آهي ۽ جنهنجو من لڳو آهي، سو رات ڏينهن تنهنجا گڻ ڳائي ٿو. سري گرو ارجن صاحب

جن داس پاو سان وينتي ڪري چون ٿا تہ هري! توڪانسواءِ هي پراڻ سرير ڪڏهين رهي سگهندا؟ مطلب تہ هرگز نہ رهي سگهندا.

(٣) سانس بنا جيئہ ڏيهري، ڪت سوڀا پاوي
درس ڀهون ساڌ جن، کن ٽڪڻ نہ آوي

ارٿ:- جيئن سواس ڪانسواءِ ديهي يعني سرير ڪٿي سوڀيا پائي ٿو؟ يعني سوڀيا نٿو پائي، تيئن ساڌو جن يا سنت مهاتما تنهنجي درسن ڪانسواءِ کن ماتر بہ رهي نٿا سگهن. [ڀهون = ڪانسواءِ. ٽڪڻ = رهڻ.]

هر بن جو رهڻا، نرڪ سو سهڻا، چرن ڪمل من بيڌئا
هر رسڪ بيراگي، نام لو لاڳي، ڪتهو نہ جاءِ نکيڌئا

ارٿ:- هي هري! توڪانسواءِ جو رهڻ آهي، سو ڄڻ تہ نرڪ جي ڏک سهڻ برابر آهي. انهي ڪري مون پنهنجي من کي، تنهنجي چرن ڪملن ۾ وندي چڏيو آهي. هي جيڪي وئراڳي پريمي پرش آهن، تن جي ورتي، تنهنجي نام ۾ لڳي ويئي آهي. اهڙا ڀڳت ڪٿي بہ نرادري يا بي عزتي نٿا پراپت ڪن. [بيڌئا = وندي. رسڪ = پريمي. نکيڌئا = بي عزتي.]

هر سيئہ جاءِ ملڻا، ساڌ سنگہ رهڻا، سو سکہ انڪ نہ ماوي
دوهہ ڪرپال ناڻڪ کي سوامي، هر چرنہ سنگہ سماوي.

ارٿ:- هي هري! ساڌ سنگت ۾ وڃي، توسان جو ملي رهڻو آهي، انهيءَ ڪري هريءَ جي ملڻ ڪري، اهڙو سک ٿيندو، جو جانيءَ ۾ يا هردي ۾ ئي نہ ماپندو يعني تمام گهڻي خوشي ٿيندي. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا تہ هي منهنجا مالڪ! مون تي مهربان ٿيءُ، جو تنهنجي چرن ۾ منهنجو من سمائجي وڃي. [انڪ = هردي.]

(٢) ڪوڄت ڪوڄت پرب ملي، ترڪرٽا ڏاري
نرگڻ ليجھ آنات مئي، نهي ڏوک بيچاري

ارٿ:- هي ڪربا ڪرڻ وارا پربا! جنهن مونکي ڳولهيندي ڳولهيندي ملي ويو آهين. مان بي ڳڻ لڄ ۽ مسڪين آهيان ۽ تنهنجا ڏوش ويچار ڪري نه آندا آهين. [ڪوڄت = ڳولهيندي. ڪرٽا = ڪربا.]

نهي ڏوک بيچاري، ٻوڙن سک ساري، پاون برد بکانئيا
پکت وڇل سڻ آنچل گهيئا، گهٽ گهٽ پوري سمائيا

ارٿ:- هي پورڻ سکن جي ڏيڻ وارا! تو منهنجا ڏوش ويچار ڪري نه آندا آهن، جاڪاڻ ته ويدن ۾ تنهنجو ڏرم (پاپين کي) پوتر ڪرڻ وارو ورنن ڪيو آهي. مون لوڪي پڳتن جو پيارو آهي تنهنجو پلئه پڪڙيو يا جهليو آهي ۽ تون سڀني جيون ۾ هڪڙو پورن ٿي رهيو آهين. [پاون = پوتر. برد = ڏرم. بکانئيا = ورنن ڪيو آهي. وڇل = پيارو. انچل = پلئه. گهيئا = پڪڙيو، جهليو.]

سک ساگر پائيا، سهج سپائيا، جنم مرن ڏک هاري
ڪرگهي ليني، نانڪ داس اپني، رام نام اُر ڌاري.

ارٿ:- هي سکن جا سمنڊ! جنهن لوڪي پراپت ڪيو آهي، سو سپاوڪ ئي سوڀنڪ ٿيو آهي ۽ هنجا جنم مرڻ جا سڀ ڏک ناس ٿي ويا آهن. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن پرشن، تنهنجو نام روپي هار، هردي ۾ پاتو آهي، تن داسن کي، تو هٿ کان وٺي، رکي ورتو آهي. [هاري = هارجي ويا، ناس ٿي ويا. ڪر = هٿ. گهي = وٺي، پڪڙي. اُر = هردو. ڌاري = هار.]

ਰਾਗੁ ਕੇਦਾਰਾ

ਬਾਣੀ ਕਬੀਰ ਜੀਉ ਕੀ

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਉਸਤਤਿ ਨਿੰਦਾ ਦੋਊ ਬਿਬਰਜਿਤ ਤਜਹੁ ਮਾਨੁ ਅਭਿਮਾਨਾ ॥ ਲੋਹਾ ਕੰਚਨੁ ਸਮ ਕਰਿ ਜਾਨਹਿ ਤੇ ਮੂਰਤਿ ਭਗਵਾਨਾ ॥ ੧ ॥ ਤੇਰਾ ਜਨੁ ਏਕੁ ਆਧੁ ਕੋਈ ॥ ਕਾਮੁ ਕ੍ਰੋਧੁ ਲੋਭੁ ਮੋਹੁ ਬਿਬਰਜਿਤ ਹਰਿ ਪਦੁ ਚੀਨੈ ਸੋਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਰਜ ਗੁਣ ਤਮ ਗੁਣ ਸਤ ਗੁਣ ਕਹੀਐ ਏਹ ਤੇਰੀ ਸਭ ਮਾਇਆ ॥ ਚਉਥੇ ਪਦ ਕਉ ਜੋ ਨਰੁ ਚੀਨੈ ਤਿਨ੍ਹ੍ਹੀ ਪਰਮ ਪਦੁ ਪਾਇਆ ॥ ੨ ॥ ਤੀਰਥ ਬਰਤ ਨੇਮ ਸੁਚਿ ਸੰਜਮ ਸਦਾ ਰਹੈ ਨਿਹਕਾਮਾ ॥ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਅਰੁ ਮਾਇਆ ਭ੍ਰਮੁ ਚੂਕਾ ਚਿਤਵਤ ਆਤਮ ਰਾਮਾ ॥ ੩ ॥ ਜਿਹ ਮੰਦਰਿ ਦੀਪਕੁ ਪਰਗਾਸਿਆ ਅੰਧਕਾਰੁ ਤਹ ਨਾਸਾ ॥ ਨਿਰਭਉ ਪੂਰਿ ਰਹੇ ਭ੍ਰਮੁ ਭਾਗਾ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਜਨ ਦਾਸਾ ॥੪॥੧॥

راڳ ڪيدارا

ٻاڻي سري ڪبير جيئن کي شبد (۱)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

(۱) اُستت نِندا دوئُو ٻِبرجِت، تجهُه مانُ اَيِمانا

لوها ڪنچن سم ڪر جانهِ، تي مُورت ڀڳوانا

ارت :- جيڪو، ساراهه ۽ گلا ٻنهي کان رهت آهي، مان ۽ اڀمان يعني ٻي عزتي تياڳي ٿو ۽ لوهه ۽ سون کي هڪجهڙو ڪري

سمجهي ٿو، سو ڀڳوان جو سروپ آهي. [اسنت = ساراهه. لندا = گلا. دوئؤ = ٻئي. ٻرجت = رهت. تجهه = تياڳي ٿو، ڇڏي ٿو. ابهانا = ابهانا، ٻي عزتي. ڪنچن = سون. سم = هڪجهڙو. مورت = سروپ.]

پرماڻ:- ”اَستت نِندا دوئؤ تياڳي، کوجي پد نِربانا
جن نانڪ اهُ کيلُ ڪٺنُ هي، ڪنهوُ گورمکِ جانا.“
[گؤڙي محلا ناوان شبد (۱)]

جنهنجو ارٿ آهي ته هي اوکو! ساراهه ۽ گلا، ٻنهي کي ڇڏي، نرواڻ پدوي (اها اوستا، جنهن ۾ ڪوبه دک نه هجي) هٿ ڪجي. سري گورو تيغ بهادر صاحب داس ٻاو سان چون ٿا ته اها ونيه ياحتال ڪٺن آهي ۽ ڪنهن ورلي کي، گوروءَ جي اپديش سان هٿ آئي ٿي.

تيرا جن ايڪ آڌ ڪوئي
ڪام ڪروڌ لوڀ موهه ٻرجت، هرِ پد چينهي سوئي
(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي واهگورو! تنهنجو داس ڪو هڪ اڌ (مس) آهي- مطلب ته تنهنجو داس ڪو ورلو آهي، جو ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه کي ورڪي، تنهنجي سروپ کي ڄاڻي ٿو. [جن = داس. چينهي = پڇاڻي؛ ڄاڻي.]

(۲) رج گڻ تم گڻ ست گڻ ڪهيئي، ايهه تيري سڀ مائيا
چؤٿي پد ڪو جو نر چينهي، تنهي پرم پد پائيا

ارٿ:- رجو گڻ، تمو گڻ ۽ ستو گڻ، انهن کي تنهنجي (ترگڻي) مايا ڪري چئجي ٿو. (انهي ترگڻي مايا کي ڇڏي) جيڪو چوٿين درجي يعني ٽريا اوستا کي ڄاڻي ٿو، سو پرم پد يعني موکيه جو درجو حاصل ڪري ٿو. [رج = راجسي. تم = تامسي. ست = ساتوڪي. چؤٿي پد = چوٿون درجو، ٽريا اوستا. چينهي = پڇاڻي، ڄاڻي. پرم = وڏو.]

(۳) تيرٿ ٻرت نيم سُچ سنجم، سدا رهي نهڪاما
ترشنا اَرُ مائِتا ڀرم چُوڪا، چِتوت آتم راما

ارٿ:- تيرٿ، ورت، نيم، پوترتا ۽ اندرين جو روڪڻ، اهي شُڀ ڪرم ڪندي بہ سدائين نشڪام رهي ٿو. جنهن جي هردي مان ترشنا، ڪپٽ ۽ ڀرم دور ٿي ويا آهن ۽ هو سدائين پرڀوءَ کي وياپڪ ڄاڻي سندس سمرن يا يادگيري ڪري ٿو. [ٻرت = ورت، سُچ = پوترتا. سنجم = اندرين جو روڪڻ. نهڪاما = نشڪام. مائتا = ڇل، ڪپٽ. چوڪا = دور ٿي ويو. چتوت = يادگيري ڪري ٿو، سمري ٿو. راما = رمي رهيل، وياپڪ.]

(۴) جِهہ مندرِ ديپڪُ پرڪاسِئا، آنڌڪارُ تهہ ناسا
نِربهؤ پوُرِ رهي ڀرم ڀاڳا، ڪهہ ڪبير جن داسا.

ارٿ:- جنهن پُرش جي هردي روپي گهر ۾ گيان روپي ڏيئو ٻريو آهي، تنهنجي اگيان روپي اوندهہ دور ٿي ويئي آهي. هو نرڀؤ يعني بي خوف پرڀور ٿي رهيو آهي ۽ هنجو ڀرم دور ٿي ويو آهي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهو پرش تنهنجو داس آهي. [مندر = هردي روپي گهر. ديپڪ = ڏيئو. پرگاسا = پرڪاش ڪيو، ٻريو. انڌڪار = اوندهہ.]

ਕਿਨਹੀ ਬਨਜਿਆ ਕਾਂਸੀ ਤਾਂਬਾ ਕਿਨਹੀ ਲਉਗ ਸੁਪਾਰੀ ॥ ਸੰਤਹੁ ਬਨਜਿਆ ਨਾਮੁ ਗੋਬਿਦ ਕਾ ਐਸੀ ਖੇਪ ਹਮਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਕੇ ਨਾਮ ਕੇ ਬਿਆਪਾਰੀ ॥ ਹੀਰਾ ਹਾਥਿ ਚੜਿਆ ਨਿਰਮੋਲਕੁ ਛੂਟਿ ਗਈ ਸੰਸਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਚੇ ਲਾਏ ਤਉ ਸਚ ਲਾਗੇ ਸਾਚੇ ਕੇ ਬਿਉਹਾਰੀ ॥ ਸਾਚੀ ਬਸਤੁ ਕੇ ਭਾਰ ਚਲਾਏ ਪਹੁਚੇ ਜਾਇ ਭੰਡਾਰੀ ॥੨॥ ਆਪਹਿ ਰਤਨ ਜਵਾਹਰ ਮਾਨਿਕ ਆਪੈ ਹੈ ਪਾਸਾਰੀ ॥ ਆਪੈ ਦਹਦਿਸ ਆਪ ਚਲਾਵੈ ਨਿਹਚਲੁ ਹੈ ਬਿਆਪਾਰੀ ॥ ੩ ॥ ਮਨੁ ਕਰਿ ਬੈਲੁ ਸੁਰਤਿ ਕਰਿ ਪੈਡਾ ਗਿਆਨ ਗੋਨਿ ਭਰਿ ਡਾਰੀ ॥ ਕਹਤੁ ਕਬੀਰੁ ਸੁਨਹੁ ਰੇ ਸੰਤਹੁ ਨਿਬਹੀ ਖੇਪ ਹਮਾਰੀ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

(٢) ساچي لائي تُنہ سَچہ لاڳي، ساچي ڪي بِنھاري
ساچي بستُ ڪي بار چلائي، پھچي جاء ڀنڊاري

ارٿ:- اسين تڏھين سچ جي طرف لڳا آھيون، جڏھين سچي ايشور پريرنا ڪري لڳايو آھي. ھاڻي تہ اسين سچي جا واپاري ٿي رھيا آھيون - يعني دنيوي ڌن يا وھنوارن ۾ بہ، پرميشور کي ياد ڪريون ٿا. (پرماڻ:- ”ناما ڪھي ترلوچنا، مُکہ تي نامُ سمالِ-ھاٿ پاؤ ڪرِ ڪامُ سڀ، چيتُ نرنجن نالِ.“
ھردي روپي خزاني مان، سچي وستوء (يعني ڀڳتيء) جا بار لڏي ڏيون ٿا (يعني اسين پاڻ بہ نام جپيون ٿا ۽ ٻين کان بہ جپايون ٿا) ۽ ڀنڊاري واھگوروء وٽ وڃي پھچون ٿا. [بنھاري = وھنواري. بست = وستو، شيء. بار = بار.]

(٣) آپہِ رتن جواھر مانڪ، آپئِ ھئِ پاساري
آپي دہ دِس آپ چلاوئِ، نِھچل ھئِ بياپاري

ارٿ:- پرميشور پاڻ ئي وئراڳ روپي رتن، ساکيات ڪار روپي جواھر ۽ منن (پيروي ڪرڻ) روپي ماڻڪ آھي ۽ پاڻ ئي پرپنچ جي ڪرڻ يا انھن گڻن جي پساري ڪرڻ وارو- يعني گورو بہ پاڻ ئي آھي، ڏھن طرفن ۾ بہ پاڻ آھي ۽ ڀڳتيء روپي کيپ لڏڻ وارو بہ پاڻ آھي، ۽ استر واپاري يعني سرشٽي پيدا ڪندي بہ اُن کان پاڻ نرليپ آھي. [پاساري = پرپنچ ڪرڻ وارو. نھچل = استر، قائم. بياپاري = واپاري.]

پرماڻ:- ”آپي ڪنڊا تولُ ترازي، آپي تولڻ ھارا
آپي ديکئِ آپي بُوجھئِ، آپي ھئِ وڻجارا.“
[سوھي محلا پھلا شبد (٩)].

ارٿ:- ھي پريو! تون ساھميء جو ڪنڊو آھين، تور بہ تون پاڻ آھين، ساھمي بہ تون پاڻ آھين ۽ تورڻ وارو بہ تون پاڻ آھين.

راڳ ڪيدارا ٻاڻي سري ڪبير جيئہ ڪي شبد (٢)
(اُپديش)

اُٿانڪا:- ڪن شخص سري ڪبير صاحب جن کي چيو تہ اوهين تہ ڪوبہ واپار نٿا ڪريو. ڀلي اسين اوهانجي ٻالي واپار ڪريون ٿا ۽ اُن مان فائدو اوهانکي ڏينداسون. تنهن تي سري ڪبير صاحب جن هيٺئين شبد ۾ فرمايو تہ اسين واپار ڪندا آهيون. سنساري جيو ٻين ٻين ڌنڌن ۾ لڳل آهن، پر اسين ڪيول نام ۾ لڳل آهيون:-

(١) ڪنهي ٻنجيا ڪانسي تانٻا، ڪنهي لؤنگ سپاري
سنتهہ ٻنجيا نام گوبند ڪا، ايسي کيپ هماري

ارٿ:- ڪي شخص ڪنجهو يا ڪُيت ۽ ٽامي جو وڻج واپار ڪن ٿا، ڪي لونگ ۽ سوپاريون جو واپار ڪن ٿا، پر سنتن فقط هڪ گوبند جو نام خريد ڪيو آهي. منهنجي ٻہ اهائي (يعني نام جي) واس يعني مؤڙي آهي. [ٻنجيا = خريد ڪيو. ڪانسي = ڪاشي، ڪنجهو يا ڪُيت. تانٻا = ٽامون. لؤنگ = لونگ. سپاري = سوپاري. کيپ = واس، مؤڙي.]

هرِ ڪي نام ڪي ٻياپاري
هيرا هاٿ چڙيا نرمولڪ، ڇوٽي گئي سنساري
(١ ڪ رهاءُ)

ارٿ:- اسين واهگوروءَ جي نام جا واپاري آهيون. اسانجي هٿ ۾ ٻئي رهي هٿ ۾، واهگورو روپي امولڪ هيرو اچي چڙهيو آهي، جنهنڪري دنيوي ڌنڌن مان (اندروني) پريت ڪري ويئي آهي. [ٻياپاري = واپاري. نرمولڪ = امولڪ. سنساري = دنيوي ڌنڌا.]

(٢) ساچي لائي تُنہ سچہ لاگي، ساچي ڪي بِئُهاري

ساچي بستُ ڪي پار چلائي، پهچي جاءِ پنجاري

ارٿ:- اسين تڏهين سچ جي طرف لڳا آهيون، جڏهين سچي ايشور پريتا ڪري لڳايو آهي. هاڻي تہ اسين سچي جا واپاري ٿي رهيا آهيون - يعني دنيوي ڌن ن يا وهنوارن بہ، پرميشور کي ياد ڪريون ٿا. (پرماڻ:- "ناما ڪهي ترلوچنا، مُکہ تي نامُ سمالِ- هاٿ پاو ڪرِ ڪامُ سبُ، چيتُ نِرنجن نالِ."

هردي روپي خزاني مان، سچي وستوءِ (يعني پڳتيءَ) جا بار لڏي ڏيون ٿا (يعني اسين پاڻ بہ نام جپيون ٿا ۽ ٻين کان بہ جپايون ٿا) ۽ پنڌاري واهگوروءَ وٽ وڃي پهچون ٿا. [بِئهاري = وهنواري. بست = وستوُ شيءِ. پار = بار.]

(٣) آپهِ رتن جواهر مانڪ، آپئِ هئِ پاساري

آپي دهہ دِس آپ چلاوئِ، نِهچل هئِ بِئاپاري

ارٿ:- پرميشور پاڻ ئي وِئراڳ روپي رتن، ساکيات ڪار روپي جواهر ۽ منن (پيروي ڪرڻ) روپي مانڪ آهي ۽ پاڻ ئي ٻرپنچ جي ڪرڻ يا انهن گڻن جي پساري ڪرڻ وارو- يعني گورو بہ پاڻ ئي آهي، ڏهن طرفن ۾ بہ پاڻ آهي ۽ پڳتيءَ روپي کيپ لڏڻ وارو بہ پاڻ آهي، ۽ استر واپاري يعني سرشٽي پيدا ڪندي بہ اُن کان پاڻ نرليپ آهي. [پاساري = پرپنچ ڪرڻ وارو. نهچل = استر، قائم. بِئاپاري = واپاري.]

پرماڻ:- "آپي ڪنڊا تولُ ترازي، آپي تولڻ هارا

آپي ديکئِ آپي بُوجهئِ، آپي هئِ وڻجارا."

[سوهي محلا پهلا شبد (٩)].

ارٿ:- هي پريو! تون ساهميءَ جو ڪنڊو آهين، تور بہ تون پاڻ آهين، ساهمي بہ تون پاڻ آهين ۽ تورڻ وارو بہ تون پاڻ آهين.

راڳ ڪيدارا باڻي سري ڪبير جيئه ڪي شبد (٢)

(اُپديش)

اٿانڪا:- ڪن شخص سري ڪبير صاحب جن کي چيو تہ اوهين تہ ڪوبہ واپار نٿا ڪريو. هاڻي اسين اوهانجي نالي واپار ڪريون تہ اُن مان ڦائدو اوهانکي ڏينداسون. تڏهن تي سري ڪبير صاحب جن ديئنٿين شبد ۾ فرمايو تہ اسين واپار ڪندا آهيون. سنساري جيو ٻين ڏانهن ۾ لڳل آهن، پر اسين ڪيول نام ۾ لڳل آهيون:-

(١) ڪَبهي بَنجَنا ڪانسي تانبا، ڪَبهي لوڱ سُپاري
سَنتهه بَنجنا نامُ گوبندَ ڪا، اَئسي کيپَ هماري

ارٿ:- ڪي شخص ڪنجهو يا ڪُميت ۽ ٽامي جو وڻج واپار ڪن ٿا، ڪي لونگ ۽ سوپارين جو واپار ڪن ٿا، پر سنتن فقط هڪ گوبند جو نام خريد ڪيو آهي. منهنجي اِها ئي (يعني نام جي) واس يعني موڙي آهي. [بنجنا = خريد ڪيو. ڪانسي = ڪاشي، ڪنجهو يا ڪُميت. تانبا = ٽامون. لوڱ = لونگ. سواري = سوپاري. کيپ = واس، موڙي.]

هَرِ ڪي نامَ ڪي بِياپاري
هيرا هاٿِ چڙيا نِرمولڪ، ڇوٽِ گئي سنساري

(١ رهاءُ)

ارٿ:- اسين واهگورو ۽ جي نام جا واپاري آهيون. اسانجي ٻڌي روپي هٿ ۾، واهگورو روپي املهہ هيرو چڙهيو آهي، جنهنڪري دنيوي ڏانهن مان، (اندروني) پريم لڳي ويئي آهي. [بياپاري = واپاري. نِرمولڪ = املهہ. سنساري = دنيوي ڏانهن.]

(٢) ساچي لائي تنہ سچہ لاڳي، ساچي ڪي ٻئهاري
ساچي ٻست ڪي پار چلائي، پهچي جاءِ ڀنڊاري

ارٿ:- اسين تڏهين سچ جي طرف لڳا آهيون، جڏهين سچي ايشور پريرنا ڪري لڳايو آهي. هاڻي تہ اسين سچي جا واپاري ٿي رهيا آهيون - يعني دنيوي ڌنڌن يا وهنوارن ۾ بہ پرميشور کي ياد ڪريون ٿا. (پرماڻ:- ”ناما ڇهي ترلوچنا، مکہ تي نامُ سمالِ- هاٿ پاؤ ڪرِ ڪامُ سڀ، چيتُ نرنجن نالِ.“
هردي روپي خزاني مان، سچي وستوءَ (يعني ڀڳتيءَ) جا بار لڏي ڏيون ٿا (يعني اسين پاڻ بہ نام جپيون ٿا ۽ ٻين کان بہ جپايون ٿا) ۽ ڀنڊاري واهگوروءَ وٽ وڃي پهچون ٿا. [ٻئهاري = وهنواري. ٻست = وستو، شيءِ. پار = بار.]

(٣) آپہِ رتن جواهر مانڪ، آپئِ هيئ پساري
آپي دهہ ديس آپ چلاويئ، نهچل هيئ ٻئاپاري

ارٿ:- پرميشور پاڻ ئي وراڳ روپي رتن، ساڪيات ڪار روپي جواهر ۽ منن (پيروي ڪرڻ) روپي مانڪ آهي ۽ پاڻ ئي پرپنچ جي ڪرڻ يا انهن گڻن جي پساري ڪرڻ وارو - يعني گورو بہ پاڻ ئي آهي، ڏهن طرفن ۾ بہ پاڻ آهي ۽ ڀڳتيءَ روپي کيپ لڏڻ وارو بہ پاڻ آهي، ۽ استر واپاري يعني سرشٽي پيدا ڪندي بہ اُن کان پاڻ نرليپ آهي. [پساري = پر پنچ ڪرڻ وارو. نهچل = استر، قائم. ٻئاپاري = واپاري.]

پرماڻ:- ”آپي ڪنڊا تولُ ترازي، آپي تولڻ هارا
آپي ديکيئ آپي ٻوجهيئ، آپي هيئ ونجارا.“
[سوهي محلا پهلا شبد (٩)].

ارٿ:- هي پريو! تون ساهميءَ جو ڪنڊو آهين، تور بہ تون پاڻ آهين، ساهمي بہ تون پاڻ آهين ۽ تورڻ وارو بہ تون پاڻ آهين.

ڏسين ٿو ڪوڻ ٻاڻ ٿو، ڪوڻ ٻاڻ سمجهين ٿو ۽ سؤد ۽ ڪندڙ ٿو ڪوڻ
ٻاڻ ٿي آهين.

(۴) مَنُ ڪَرِ ٻَٽُلُ، سُرَتِ ڪَرِ پِنڊا، گِيان ڪون پِرِ ڏاري
ڪَهَتِ ڪبير سنهو ري سنتهو، ليهي ڪيپ هماري.

ارٿ:- (اڄو نام روپي واپار هيٺان ڪجي، جو) من کي ڏاند ڪجي ۽ پريم روپي رستي تان هلجي ۽ گيان روپي ٿيپ ڪٺي جو سامان پري، ان لي (يعني من روپي ڏاند لي) رکجي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته هي سنتو! ٻڌو، منهنجي ڪيپ ته اڄوءِ لموليءَ (پنهنجي سان) گڏوڙي آهي. [ٻٽل = ڏاند. سُرت = سچي پريم، پريم. پنڊا = رستو. ڪون = سامان. ڏاري = رکي، ٻاڻي. ليهي = لاهي، گڏوڙي. ڪيپ = واپار جو سامان.]

ਰੀ ਕਲਵਾਰਿ ਗਵਾਰਿ ਮੂਢ ਮਤਿ ਉਲਟੋ ਪਵਨੁ ਫਿਰਾਵਉ ॥ ਮਨੁ ਮਤਵਾਰ ਮੇਰ ਸਰ ਭਾਠੀ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਧਾਰ ਚੁਆਵਉ ॥ ੧ ॥ ਬੋਲਹੁ ਭਈਆ ਰਾਮ ਕੀ ਦੁਹਾਈ ॥ ਪੀਵਹੁ ਸੰਤ ਸਦਾ ਮਤਿ ਦੁਰਲਭ ਸਹਜੇ ਪਿਆਸ ਬੁਝਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਭੈ ਬਿਚਿ ਭਾਉ ਭਾਇ ਕੋਊ ਬੂਝਹਿ ਹਰਿ ਰਸੁ ਪਾਵੈ ਭਾਈ ॥ ਜੇਤੇ ਘਟ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਸਭਹੀ ਮਹਿ ਭਾਵੈ ਤਿਸਹਿ ਪੀਆਈ ॥ ੨ ॥ ਨਗਰੀ ਏਕੈ ਨਉ ਦਰਵਾਜੇ ਧਾਵਤੁ ਬਰਜਿ ਰਹਾਈ ॥ ਤ੍ਰਿਕੁਟੀ ਛੂਟੈ ਦਸਵਾ ਦਰੁ ਖੂਲੈ ਤਾ ਮਨੁ ਖੀਵਾ ਭਾਈ ॥ ੩ ॥ ਅਭੈ ਪਦ ਪੂਰਿ ਤਾਪ ਤਹ ਨਾਸੇ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਬੀਚਾਰੀ ॥ ਉਬਟ ਚਲੰਤੇ ਇਹੁ ਮਦੁ ਪਾਇਆ ਜੈਸੇ ਖੋਂਦ ਖੁਮਾਰੀ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

راڳ ڪيدارا ٻاڻي سري ڪبير جيءَ ڪي شبد (۳)

اُٿانڪا:- ڪ جوڳي، جو شراب پيئندو هو، تنهنکي اُپديش ٿا ڏين:-

(۱) ري ڪلوارِ گوارِ مُوڙهه مَتِ، اُلٽو پَوَن ڦراوَنُ
مَنُ مَتوار مير سر ڀاٺي، اَمرت ڌار چُئاوَنُ

ارٿ:- هي مورک مت، بيعقل ڪلالن = شراب پيار يندڙ! تون واسنا روپي ٻون کي، سنسار جي پاسي کان ڦيرائي، پرميشور جي طرف آڻ يا پراڻ روپي پون کي هيٺان چاڙهي، مٿي ڏهين دروازي ۾ آڻ. من مست تڏهين ٿيندو، جڏهين مير = سمير پربت يعني ڏسوين دئار کي، ڀٺيءَ وانگر ڪري اُتان امرت ڌارا چئانجي يعني ڪڍجي. [ڪلوار = ڪليش ڪرڻ واري، گهپي ڪرڻ واري. گوار = مورک. مؤڍ = مورک. متوار = مست. مير = اُوچو. سر = پربت، جبل. ڀاٺي = ڀٺي. چئاوڻ = چئانجي.]

ٻولهُ پئيئا، رام ڪي دهائي

پيوُ سنت سدا مت دُرلڀ، سهجي پئاس ٻجهائي

(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! جنهن رام جو، سارو حڪم هلي رهيو آهي، تنهن جو جس ڳاءِ. سنتن جي دُرلڀ سکيا سدائين گرهڻ ڪر، جا وشيءِ واشنا روپي پياس کي، سياويڪ ئي ناس ڪري ڇڏي ٿي. [دهائي = حڪم، ٻوهي. پيوهہ = پيءُ، گرهڻ ڪر. سهجي = سياويڪ. پياس = ترڪا، اُڃ. ٻجهائي = وسائي، ناس ڪئي.]

(٢) ڀيءَ وچ ڀاءُ، ڀاءِ ڪوئوُ ٻوجهہ، هر رس پاوئ ڀائي

جيتي گهٽ آنمرت سڀهي مهہ، پاوئ تسهہ پيئائي

ارٿ:- واهگوروءَ جي ڀؤ دئاران، جنهنکي گيان پراپت ٿئي ٿو، سو ڪو ورلو پربر کي سمجهي ٿو. هي ڀائي! اُهو آدمي پريوءَ جو امرت روپي رس پيئي ٿو يعني واهگوروءَ جي پيچن جو آنند وٺي ٿو. [پرماڻ:- "ناتڪ ڄن مَن ڀئوُ، تنا مَن ڀاءُ". سري آسادي وار.] جيترا سرير روپي دلا آهن، تن سڀني ۾ امرت آهي، پر واهگورو جنهنکي چاهي، تنهنکي پيئاري ٿو. [ڀاءِ = گيان. ڀاءِ = پربر. گهٽ = دلا.]

(٣) نگري ايڪي نؤ دروازي، ڌاوت برجي رهائي
ترڪٽي جوتي دسوا در کولي، تا من کيوا ٻائي

ارٿ:- سرير يا ديهه روپي هڪ نگري آهي، اُن ۾ نؤ دروازا يعني اندريون آهن. انهن دروازن ۾ ڊوڪندڙ يا چنچل ورتيءَ کي هڪو روڪي استمڀ ڪري ٿو، تنهن وقت ترگڻي مايا (راجس، سالڪ ۽ تامس يا جاگرت، سُپن ۽ سکوپت) دور ٿي وڃي ٿي ۽ هنجو ڏهون دروازو کلي ٿو- يعني هو گُر يا اوستا کي پراپت ڪري ٿو، جنهنڪري هنجو من پريم ۾ مست ٿي ٿو. [نگري = شهر. ڌاوت = ڊوڪندڙ، چنچل. ترڪٽي = ترگڻي. کيوا = مست.]

(٤) آپي پد پُورِ تاپ تهہ ناسي، ڪهہ ڪبير بيچاري
اُبٽ چلنتي اهر مد پائيا، جيسي ڪولد خماري.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب هي ويچار فرمائين ٿا ته آپي پد يعني واهگوروءَ ۾ جنهن من کي لڳايو آهي، تنهن جا ٽيئي تاپ (آڌي، وياڌي ۽ اپاڌي) يعني سڀ ڪشٽ ناس ٿي وڃن ٿا. اسان سنسار روپي ٻيابان ۾ هلندي، گورن جي ڪرپا سان نام روپي نشو پراپت ڪيو آهي ۽ اُنس بي خود (مست) ٿي ويا آهيون جئن شراب جي مستيءَ ڪري، آدمي بي خود ٿي ويندو آهي.
[اُبٽ = ٻيابان. ڪولد = پيالو. خماري = نشو.]

پرماڻ:- ”نام خماري نانڪا، چڙهي رهي دن رات.“

نوٽ:- تاپ = ٽپ ٽيئي آهن:- (١) آڌي = سرير جو ٽپ يا روڳ؛ (٢) وياڌي = من جو روڳ؛ (٣) اپاڌي = اها پيڙا، جا اوچتو ڪڙڪي. جئن ته پيٽ ڪرڻ، اسانگ يا بلا ڏنگڻ، ٻڏي ڪ وغيره.

گورواڻيءَ ۾ نشو نندبيل

گورواڻيءَ ۾ هر ڪنهن قسم جي نشي جي سخت منع ڪيل آهي. نشي مان آلس، روڳ ۽ انيڪ قسمن جون خرابيون جاڳن ٿيون. سڀني گورو صاحبن ۽ ڀڳتن، شراب، ڀنگ ۽ ٻين نشيدار شين کان پرهيز ڪرڻ لاءِ بار بار سکيا ڏني آهي. هتي سري گورو گرنٿ صاحب جي اموالڪ واڻيءَ مان ڪي ٿورا وچن ڏجن ٿا، جن مان اها سکيا ملي ٿي ته ڪنهن به قسم جو نشو ورتائڻ نه گهرجي.

هڪ دفعي سري گورو نانڪ ديو جن هڪ ڳوٺ ۾ ويا. صاحب پاڻ ڳوٺ جي ٻاهر ترسيا ۽ مردانو ڳوٺ ۾ ويو. هو ڇا ڏسي ته ڳوٺ جا ماڻهو شراب پي مست ٿيا وينا آهن ۽ هڪ ٻئي کي گاريون پيا ڏين ۽ مارڪٽ پيا ڪن. ويچارو مردانو اهو حال ڏسي اُٿي ڀڳو ۽ سمورو قصو اچي صاحبن سان ڪيائين. صاحبن ويراڳ ۾ اچي، ڪي سلوڪ شراب پيئڻ جي برخلاف اُچاريا، جي سري گورو گرنٿ صاحب تي ڀاڳڙي جي وار پؤڙي (١٢) ۾ چڙهيل آهن، جن مان هڪ هتي ڏجي ٿو.

سلوڪ (١) ”ڪَلِ ڪَلوالي ڪامُ مَدُ، مَنوُئا پيوڻ هارُ
ڪِروڌ ڪَٽوري موهه ڀري، پيلاوا آهنڪارُ
مَجلسَ ڪُوڙي لَبَ ڪي، پي پي هوءِ خوارُ.“

اوڌو مردانا! جولي شراب جو مَت، ڪَلَهه يعني ڍڪڻ سان پوريل آهي. شراب ڪام روپ آهي يعني شراب پيئڻ سان، جيو ۾ ڪام جا خيال اٿن ٿا، جو جو پيئڻ جو اثر من تي ٿئي ٿو. ڪٽوري جنهن ۾ شراب پيتي ٿو، سا ڪروڌ روپ آهي يعني شراب پيئڻ سان، جيو ڪروڌ ۾ اچي ٿو ۽ شيشي جنهن مان شراب پيتي ٿو، سا موهه روپ آهي ۽ پياريندڙ اهنڪار آهي، مطلب ته شراب پيئڻ ڪري سڀ وڪار (ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار) جيو کي لڳن ٿا. جنهن مجلس ۾ اهڙو شراب ورتائجي ٿو، اها ڪوڙن لالچي پرشن جي مجلس آهي. اهي شراب پي خراب خوار ٿين ٿا. شرابي هڪ ٻئي سان سچا ڪڏهن نٿا ٿين. اهي لالچ جي ڪري، هڪ ٻئي سان سنگت رکن ٿا ۽ سندن پيڙهي سڌي نٿي ٿئي، ڇو جو اهي شراب پي مست ٿي، هڪ ٻئي سان وڙهن ٿا ۽ سندن حال بلڪل بڇڙو ٿئي ٿو.

ٻئي سلوڪ ۾ صاحب فرمائين ٿا:-

”اُت مَدُ پيتيءَ نانڪا، ٻهُتي کَٽيئَه وِڪار.“

جنهنجو اوڌ آهي ته انهيءَ شراب پيئڻ ڪري، جيو گهڻا وڪار کٽي ٿو يعني جيو گهڻن وڪارن ۾ ٻڏي ٿو. مطلب ته شراب پيئڻ ڪري، جيو گهڻن بلائن جي ور چڙهي ٿو جهڙوڪ جوئا، بڇڙي صحبت، حرام وغيره.

سري گورو امر ديو جن، پڻ شراب نسبت هيٺين طرح فرمائين ٿا:-

”ماڻس ڀَرِيئا آڻِئا، ماڻس ڀَرِئا آءِ
جِتُ پيتئِ مَتِ دُورِ هوءِ، بَرلُ پَوئِ وِچِ آءِ
آپڻا پرائيا نه پڇاڻئي، خصمهُ ڌَڪي کاءِ
جِتُ پيتئِ خصمُ وِسرئِ، دَرگهه مِلئِ سزاءِ
جهوٺا مدُ مولِ نه پيچئي، جي ڪا پار وساءِ
....“

[ٻهاڳڙي ڪي وار محلا تيجا پوڙي (۱۶) سلوڪ (۱)]

ارٿ:- جيئن شراب جا گلاس پري ڪٺي اچن ٿا ۽ آٽي سنگتين کي پيئڻ لاءِ ڏين ٿا. شراب پيئڻ سان، اُنهن جي مت ماري وڃي ٿي ۽ هو بڪواد ڪن ٿا. هننکي پنهنجي پرائي جي ساڃهه ڪانه ٿي پوي ۽ (مُڇي ڪان پوءِ) ڏٺيءَ وٽ ڌڪا کائين ٿا. شراب پيئڻ ڪري، پرماتما وسري وڃي ٿو ۽ درگاهه ۾ سزا ملي ٿي. گورو امرديو جن فرمائين ٿا ته ڀائي! ڪي به ٿي پوي، ته اهو گندو شراب ڪڏهن نه ورتايو.

سري گورو ارجن ديو جن پڻ راڳ آسا شبد (۱۱۴) ۾ فرمائين ٿا:-

"ڏرمت مد جو پيوتي، بڪر ليپت ڪملي
نام رسائڻ جو رتي، نانڪ سچ آملي."

ارٿ:- بيچارا پرش جي شراب پيئن ٿا، اُهي وشين ۾ گرفتار ٿي چريا ٿين ٿا، پر جيڪي پُرش امرت روپي نام ۾ رتل آهن، اُهي ئي سچا نشئي آهن. مطلب ته جيڪڏهين اوهان کي نشئي ٿيڻو هجي ته پرڀو جو پيالو پي، اُنهيءَ ۾ مست رهو، ته لوڪ پرلوڪ جو سک ماڻيو.

سري ڪبير صاحب جن، جي سروملي يڳتن مان ليکيا آهن سي پڻ نشي کي گهٽو نندين ٿا:-

"ڪبير ڀانگ ماڇلي سراپان، جو جو پراڻي کاهه
تيرٿ برت نيم ڪيئي، تي سڀئي رساتل جاهه."
[سلوڪ ۲۳۳]

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جي جيو ڀنگ، مڇي ۽ شراب ورتائين ٿا، اُهي سڀ رساتل يعني دوزخ ۾ ويندا، ڪٺي ڪيترا به تيرٿ، ورت ۽ نيم اُنهن ڪيا هجن؛ يا جي جيو ڀنگ، مڇي ۽ شراب ورتائين ٿا، تن جا تيرٿ، ورت ۽ نيم سڀ نسڦل ٿين ٿا.

ڪي پيارا شايد سمجهندا هوندا تہ ڪن تڪاڻن ۾ جو قرروز پنڪہ کبوتبي آهي، سو شايد گورو جن پنڪہ کان منع ڪانہ ڪئي آهي، پر ائين نہ آهي، جيئن هيٺين ساکيءَ مان معلوم ٿيندو:-

هڪ دفعي بابر بادشاهہ، سري گورو نانڪ ديو جن وٽ آيو ۽ هٿ جوڙي عرض ڪيائين تہ سائين، موکي هندستان جو راڄ بخشو. صاحبن جواب ڏنو تہ ڪرتار جو حڪم ٿي چڪو آهي تہ تون هندستان تي راڄ ڪندين. بابر بادشاهہ وري عرض ڪيو تہ سائين، اها ديا ڪريو، جو منهنجو اولاد ڪيتري وقت تائين راڄ ڪري. صاحبن چيو تہ جيسين تنهنجو اولاد نياءَ سان راڄ ڪندو، تيسين سندن صاحبي هلندي، پر جنهن وقت ظلم ڪندا، تنهن وقت بادشاهي ويندا. اهو ٻڌي، بابر بادشاهہ بلڪل خوش ٿيو ۽ صاحبن کي پنڪہ آڇڻ لڳو، جو جو انهن ڏينهن ۾ دستور هوندو هو تہ فقيرن کي پنڪہ ڏيڻ ۾ ايندي هئي. صاحبن پنڪہ وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ فرمايو تہ ”پيارا، اها پنڪہ جيو کي ناس ڪري ٿي. اسين ٻئي قسم جي پنڪہ پيئندا آهيون، جنهنجو نشو لهڻ جو نہ آهي.“ تنهن تي بابر بادشاهہ پڇڻ لڳو تہ اُها پنڪہ ڪهڙي آهي؟ صاحبن پريم ۾ اچي هيٺيون شبد اُچاريو:

قلنگ محلا پهلا گهر دوجا شبد (۲)

ڀؤ تيرا ڀانگ، کاڙي ميرا چيت
ميں ديوانا ڀئا آتيت
ڪر ڪاسا، درسن کي ڀؤکہ
ميں در مانگئو نيتا نيت ....

ارٿ:- هي پريو! تنهنجو پيو رکڻ، منهنجي لاءِ پينگهه آهي. منهنجو چت ڳوڙهي آهي (جنهن ۾ اها پينگهه پيئي آهي). مان اها پينگهه پي، مست ٿيان ٿو ۽ دنيا جا سڀ لڳ لاڳاپا ٽوڙي، ايت يعني دنيا کان الڳ رهان ٿو. منهنجو هٿ ٿي پيالو آهي. مونکي تنهنجي درسن پاڻ جي بک آهي ۽ انهيءَ لاءِ سديو تنهنجي در تي سوالي آهيان ....

ਕਾਮ ਕ੍ਰੋਧ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਕੇ ਲੀਨੇ ਗਤਿ ਨਹੀ ਏਕੈ ਜਾਨੀ ॥ ਫੂਟੀ ਆਖੈ ਕਛੂ ਨ ਸੂਝੈ ਬੂਡਿ ਮੂਏ ਬਿਨੁ ਪਾਨੀ ॥ ੧ ॥ ਚਲਤ ਕਤ ਟੇਢੇ ਟੇਢੇ ਟੇਢੇ ॥ ਅਸਤਿ ਚਰਮ ਬਿਸਟਾ ਕੇ ਮੂੰਦੇ ਦੁਰਗੰਧ ਹੀ ਕੇ ਬੇਢੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਰਾਮ ਨ ਜਪਹੁ ਕਵਨ ਭ੍ਰਮ ਭੂਲੇ ਤੁਮ ਤੇ ਕਾਲੁ ਨ ਦੂਰੇ ॥ ਅਨਿਕ ਜਤਨ ਕਰਿ ਇਹ ਤਨੁ ਰਾਖਹੁ ਰਹੈ ਅਵਸਥਾ ਪੂਰੇ ॥ ੨ ॥ ਆਪਨ ਕੀਆ ਕਛੂ ਨ ਹੋਵੈ ਕਿਆ ਕੋ ਕਰੈ ਪਰਾਨੀ ॥ ਜਾ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਸਤਿਗੁਰੁ ਭੇਟੈ ਏਕੋ ਨਾਮੁ ਬਖਾਨੀ ॥ ੩ ॥ ਬਲੂਆ ਕੇ ਘਰੂਆ ਮਹਿ ਬਸਤੇ ਫੁਲਵਤ ਦੇਹ ਅਇਆਨੇ ॥ ਕਹੁ ਕਬੀਰ ਜਿਹ ਰਾਮੁ ਨ ਚੇਤਿਓ ਬੂਡੇ ਬਹੁਤੁ ਸਿਆਨੇ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

راڳ ڪيدارا باڻي سري ڪبير جيءَ ڪي شبد (۵)

ڀاونا:- سري ڪبير صاحب جن هن شبد دوارا هڪ نٺوئين شخص کي اپديش ڏين ٿا:-

(۱) ڪام ڪرود ترشنا ڪي ليني، گت نهي ايڪئي جاني

ڦوٽي آکئي ڪڇو نه سوجهئي، ٻوڙ موئي بن پاني

ارٿ:- ڪام، ڪرود ۽ ترشنا ۾ لين تيڻ ڪري، تون هڪ پرميشور جي پراپتيءَ جي وڌي نٿو ڄاڻين. جڏهن اهنڪار ڪري، ڦٽليون اکيون مان ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي تڏهن جيئن پاڻي کانسواءِ ٻڏي مرن ٿا يعني وشين روپي ناسوڻ يا اڻ هوندي پاڻيءَ ۾ پرويش ڪن ٿا. [ليني = لين تيڻ ڪري. گت = وڌي.]

چلت ڪت ٽيڙي ٽيڙي ٽيڙي
اَست چرم بشٽا ڪي مونڍي، دُرڳنڌ هي ڪي بيڙي
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- اڙي، لوڻ من لن ۽ باڻيءَ ڏاڻان جو تو ٽيڙو ٽيڙو يعني آڪڙيل هلين. (ويچار ڪري ڏس تہ تون آهين ڇا؟) تون آهين هڏن ۽ وشٽا وغيره بدبوءِ سان ڀريل ۽ مٿان چمڙيءَ سان ڍڪيل هڪ ٻولو. [ٽيڙي = آڪڙيل. اَست = هڏا. چرم = چمڙي. بشٽا = وشٽا، ڪرفتي. مونڍي = ڀريل، ڍڪيل. بيڙي = ويڙهيل.]

پرماڻ:- ”جل ڪي ڀيت پون ڪا ٿنڀا، رڪت ٻوند ڪا گارا
هاڏ ماس ناڙي ڪو پنجر، پنکي بسي بچارا.“
[سورٺ باڻي سري رويداس صاحب جي شبد (٦)]

جهڙيءَ طرح اهي تہ اساجي سرير روپي گهر جون ڀتيون جل جون آهن. (مطلب تہ جل کانسواءِ سرير هلي نہ سگهي)، ۽ سواسن روپي ٿون جا اُهي ٿنڀا آهن ۽ ماتا جو رت ۽ پتا جو وير ان جو گارو آهي. هي سرير هڏن، ماس ۽ نسن جو پڃرو آهي، جنهن ۾ آتما روپي پکي رهي ٿو.

(٢) رام نہ جپهُ ڪون ڀرم ڀُوليِ، تيرتي ڪال نہ دُوري
اَنڪ جتن ڪر اِهُ تن راکهِ، رهي اَوستا پُوري

ارٿ:- هي ڀائي! رام نہ جپين ۽ الائجي ڪهڙي ڀرم ۾ ڀُلو پيو آهين ۽ ياد رک تہ توکان ڪال پري ڪونهي - مطلب تہ ڪال سر تي چڙهيو بيٺو آهي. ڪيترا ئي جتن ڪري، هن سرير کي رکندين تہ بہ هي اوترو وقت رهندو، جيترو سندس معياد هوندو.
[دُوري = پري. تن = سرير. اوستا = عمر، آورجا.]

(٣) آپن ڪيئا ڪڇوُ نہ هووي، ڪيا ڪو ڪري پراڻي
جا تس ڀاوي سٽگر ڀيٽي، ايڪو نام بکاڻي

ارٿ:- هي جيو ڇا ڪري سگهندو؟ ڇاڪاڻ تہ پنهنجو ڪيئو ڪجهہ بہ ٿي نٿو سگهي. [پرماڻ:- (١) مانس جتن ڪرت ٻهُ ڀانت - تسڪي ڪرتب ٻرتي جات (سکمني صاحب) (٢) آپن ڪيا ڪڇو نہ هوءِ - جي سؤ ڀراني لوچئي ڪوءِ (اشٽپدي (١٥)] جي واهگوروءَ کي وڻي تہ ستگورو ملي ٿو، پوءِ پرميشور جي نام جو اُچارڻ ٿئي ٿو.

(٤) ٻلوُنا ڪي گهر وُنا مهہ ٻستي، ٿُلوت ديهہ اِئاني
ڪهُ ڪبير جهہ رامُ نہ چيتئو، ٻوڏي ٻهُتُ سِئاني.

ارٿ:- هي اگياني جيو! تون واريءَ جي گهر ۾ رهين ٿو، جا واري بي بقاءِ آهي تہ بہ هي اياڻا ايمان ڪري ذبهہ کي (ڏسي) ٿوندپو يا آڪڙيو وينو آهين. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن رام کي نہ ياد ڪيو آهي سي دنيوي گهڻي سياڻپ هوندي بہ ٻڏي ويا آهن. [ٻلوُنا = واري. ٻستي = رهين ٿو. ٿُلوت = ٿوندپو، آڪڙيو. اِئاني = اگياني. چيتئو= ياد ڪيو. ڏوبي = ٻڏا.]

ਟੇਢੀ ਪਾਗ ਟੇਢੇ ਚਲੇ ਲਾਗੇ ਬੀਰੇ ਖਾਨ ॥ ਭਾਉ ਭਗਤਿ ਸਿਉ ਕਾਜੁ ਨ ਕਛੂਐ ਮੇਰੋ ਕਾਮੁ ਦੀਵਾਨ ॥ ੧ ॥ ਰਾਮੁ ਬਿਸਾਰਿਓ ਹੈ ਅਭਿਮਾਨਿ ॥ ਕਨਿਕ ਕਾਮਨੀ ਮਹਾ ਸੁੰਦਰੀ ਪੇਖਿ ਪੇਖਿ ਸਚੁ ਮਾਨਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਲਾਲਚ ਝੂਠ ਬਿਕਾਰ ਮਹਾ ਮਦ ਇਹ ਬਿਧਿ ਅਉਧ ਬਿਹਾਨਿ ॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਅੰਤ ਕੀ ਬੇਰ ਆਇ ਲਾਗੋ ਕਾਲੁ ਨਿਦਾਨਿ ॥ ੨ ॥ ੫ ॥

راڳ ڪيدارا ٻاڻي سري ڪبير جيئہ جي شبد (٥)

(اُپديش)

اُٿانڪا:- هي شبد ٻہ ساڳئي لنوتئين شخص کي اُچاريل آهي:-

(۱) ٽيڏي پاڳ ٽيڏي چلي، لاڳي ٻيڙي ڪان
ڀاءُ ڀڳتِ سئُ ڪاڄ نہ ڪڇُوئي، ميرو ڪامُ ديوان

ارٿ:- تون مٿي تي پاڳ ٻڪڙي رکين ٿو ۽ ڏنگو هلين ٿو ۽ پان جا ٻيڙا کائين ٿو. (جي پڇڻي تي تو نہ ستسنگ ۾ هل نہ جواب ڏين ٿو نہ) منهنجو پرماتما سان پرام رکڻ ۽ انجي ڀڳتيءَ سان منهنجو ڪو بہ ڪم نہ آهي، منهنجو فلاڻي ڪچهريءَ ۾ ڪم آهي (جاڪاڻ تہ اُتان مونکي دائندو ملندو ۽ ستسنگ مان مونکي ڇا ملندو)؟ [ٽيڏي = ڏنگي. ٻيڙي = پان جا ٻيڙا. ڪان = کائڻ. ديوان = ڪچهري.]

پرماڻ:- ”تون جو ديسهہ وڏي وڏيري
ڪني نہ ڪيتا مايا ڪي ڪاڄ پوري“

رامُ ٻسارئو هي ايمان
ڪنڪ ڪامني، مها سُندري، پيکہ پيکہ، سچُہ مان
(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ايماني! تو واهگوروءَ کي وساري ڇڏيو آهي. سون يا دولت ۽ مها سندر استري هر هر ڏسي اُنهن کي سچو يا استر يعني قائم سمجهين ٿو. [ڪنڪ = سون. ڪامني = استري.]

(۲) لالچ جهوٺ بڪار مها مد، اِهَ بِدَ اَؤڌ ٻهان
ڪهہ ڪبير اَنت کي بيرَ، آءِ لاڳو ڪالُ نِدان.

اَرٿ:- لالچ، ڪوڙ، وڪار ۽ وڏي اهنڪار اُهن ۾ ٻرووس ليندي تنهنجي عمر اُهين گذرندي ويئي. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ هي مورک! (اڳيان هي لشي مان تنهنجي اک نڪهين کلندي ڇڏهين) انت جي وقت توکي ڪال مارڻ اچي لڳندو. [بڪار = وڪار. مد = اهنڪار. اؤڌ = عمر. ٻهان = گذرندي. بير = وقت. ندان = نادان، مورک.]

ٻرڀوءَ جي ڀڳتي سيني ساڌن ۾ اُتم آهي. [چت = دل ۾، هڪ چتو تي. چيت = ياد ڪر. چيت اچيس = اچيت چت، غافل. امرتو = وڃي ٻهتو. بسيڪه = وشيش، اُتم.]

نوٽ:- والميڪ چُهڙو هو ۽ شري ڪرشن مهراج جي ڏينهن ۾ وڏو ڀڳت ٿي گذريو آهي. پانڊون جو يڳيه سڦل نٿي ٿيو، جيتوڻيڪ وڏا رشي مُني يڳيه مان ڪائي ويا هئا، پر جڏهين ڀڳت والميڪ ڪاڌو، تڏهين يڳيه سڦل ٿيو.

پرماڻ:- ”نيچه ذات هرِ جپنتا، اُتم پدوِي پاءِ
پوُڇهه بدر داسي سُتيءِ، ڪرشن اُترئا گهرِ جس آءِ.“

[راڳ سوهي محلا چوٿان شبد (۸)]

جنهنجو ارٿ آهي تہ نيچ ذات وارا هوءِ ڪي جي اُتم پدوِي پائين ٿا. اِها ڳالهہ ودُر داسيءَ جي پٽ کان پڇو، جنهنجي گهر سري ڪرشن مهراج وڃي لٿو هو (دريوڌن جهڙن وڏن راجائن کي ڇڏي).

نوٽ:- بدر يا ودر، پانڊون جو لڳو پاءُ هو. هو داسيءَ مان ڄاول هو، تنهنڪري هنکي داسي سُت يا داسيءَ جو پٽ چوندا هئا. جيڪي هو ڪمائيندو هو سو سڀ ساڌن ۽ سنتن جي شيوا ڪرڻ ۾ خرچ ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن، هنکي ابلاڪا تي تہ سري ڪرشن مهراج منهنجي گهر مان ڪجهہ مکہ ۾ وجهي وڃي. تنهن تي سري ڪرشن مهراج هنجي من جو حال ڄاڻي، هڪ رات اچي وٽس ٽڪيو ۽ ودر پنهنجي پڇنديءَ آهر، هن جي چڱي شيوا ڪئي. جڏهين دريوڌن ٻڌو تہ سري ڪرشن مهراج ودر وٽ اچي لٿو آهي، تڏهين منيان لڳيس ۽ سري ڪرشن مهراج کي چيائين تہ ”تون مونکي ڇڏي، وڃي ڪنگال جو مهمان ٿئين سو ڪيئن؟“ سري ڪرشن مهراج جواب ڏنو تہ ”تو منجهہ پريم نہ هو ۽ ودر کي نهايت پريم هو، تنهنڪري اچي وٽس ٽڪيس“. اِهو ٻڌي راجا دريوڌن ڪُڇي نہ سگهيو. ودر، پرميشور جي ڏاڍي ڀڳتي ڪندو هو، جنهنڪري هو وڏي پد کي پهتو.

(۲) سُتان شتر آڏات سڀ تي، ڪرشن لاوي هيت
لوڳ ٻِپرا ڪتا سراهي، تين لوڪ پرويش

اوٿ:- بالمڪ ڪنس کي مارڻ وارو نيچ ذات هو هو برهمڻ اهي سڀ جڏي، نام جو سمرن ڪيو، جنهنڪري سري ڪرشن مهراج هن مان بيلم ڪيو، دگو هن دنيا جا ويچارا اوجهہ ماڻهو هنجي ساراهه جا ڪوي سگهندا، هنجي مهما ٽنهي لوڪن ۾ پرسد آهي.
[ستان شتر = ڪنس جو دشمن، ڪنس کي مارڻ وارو. هيم = پيار. ٻپرا = ويچارا. پرويس = پرسڌ.]

(۳) اجامل پنگلا ليت ڪنچر، ڳئي هر ڪي پاس
اَيسي دُرمت نستري، تو ڪيئَه نه تره روداس.

اوٿ:- هي من! اجامل برهمڻ، پنگلا نالي ويسوا، لُيمه نالي شڪاري ۽ هاٿي (جنهنکي واڳوءَ سوڳهو جهليو هو)، اهي سڀ سچ ڪند ۾ واهگورو وٽ ويا، جڏهن ايڙا ڪونيءَ مت وارا (پرميشور کي ياد ڪري) تري ويا آهن ته پوءِ هي روداس! تون ڇو نه ترندين.

اجامل، قنوج جو هڪ برهمڻ هو ۽ شراب، جوئا، حرام ۽ پيا برا ڪم ڪندو هو. سمورو وقت هو ڪنچريءَ جي گهر ۾ گذاريندو هو. هنکي اُن ڪنچريءَ مان ڪيترا پٽ ڄاوا. هڪڙي وقت ڪي ساڌو اچي سندس ڳوٺ ۾ نڪتا ۽ هنن کي ٽڪڻ لاءِ جاءِ ڪينديي هئي. تنهنڪري هنن ڳوٺ جي ماڻهن کان پڇيو ته هتي ڪهڙن پڪت جو گهر آهي؟ اُنهن ٺرچڙو ڪري، ساڌن کي اُهو گهر ڏيکاريو، جتي اجامل رهندو هو. ساڌو اُتي رات ٽڪيا ۽ اجامل هنن جي پلي پرڪار سيوا ڪئي. اُنهيءَ وقت اجامل جي ڪنچري ڳرڀڻي هئي ۽ ساڌن اجامل کي چيو ته توکي پٽ

ڇمندو، ۽ جڏهين ٻار ڄمي ته اُنجو نالو نارائڻ رکجو. ٻار ڄمڻ تي، اجامل هن جو اهو نالو رکيو ۽ پوءِ هنکي نهايت پيار ڪرڻ لڳو. جڏهين هنجو انت سمو آيو، تڏهين جم جا دوت، هنکي جم پريءَ ۾ وٺي وڃڻ لاءِ اچي پرگهٽ ٿيا. اُن وقت هو پنهنجي پٽ جو نالو وٺي پڪارڻ لڳو ته هي نارائڻ! تون منهنجي رکيا ڪر. اهو آواز ٻڌنديئي، هريءَ جا گڻ اُتي آيا، جن جم دوتن کي هٽائي ڇيو ته جنهن صورت ۾ اجامل، انت ويلي نارائڻ جو نالو پڪاريو آهي، تنهن صورت ۾ هو جم پريءَ ۾ وٺي وڃڻ جو لائق نه آهي. جم دوت انهيءَ تي ڏرمراءِ وٽ ويا، جنهن چيو ته هريءَ جا گڻ سچ ٿا چون ۽ اجامل کي ڇڏي ڏيو. پوءِ هو هريءَ جي گڻن سان گڏجي سچي ڌام ۾ ويو.

”اجامل ڪو انت ڪال مئي، نارائڻ سڌ آئي
جا گت ڪئه جوگيسر باڇت، سو گت ڇن مهِ پائي.“

[راڳ رامڪلي محلا ناوان شبد (١)]

پنگلا يا گنڪا هڪ ويشوا اگئين سمي ۾ ٿي گذري آهي. هو هميشه پاپ جي ڪرت ڪندي هئي. هڪڙي ڏينهن هڪ مها پرش، جو برسات ۾ سڄو پسجي پيو هو، سو اچي گنڪا جي در وٽ بيٺو. گنڪا هنکي اُجهو ڏنو ۽ هن جي شيوا ڪئي. مها پرش موڪلائڻ مهل هنکي هڪ طوطو ڏنو ۽ چيائينس ته ”هن طوطي کي روز ’رام رام‘ چوڻ سيکاريندي رهه.“ انهيءَ اُپديش موجب، هوءَ طوطي

(٢) [illegible] سڪار بندي هئي. ليڪ اهڙي دل [illegible] جاکي بر طوطي کي پاڙهيندي [illegible] پاٺ بر رام رام تي [illegible] ڪري، من پاٺ بر رام رام تي جيبور [illegible] من ڪي ڪهان آيو ؟ ويشوا جي ڪرت چڙي، [illegible] ايڪي رهي ؟ الت سمي ۾، جنڪي هري [illegible] وليو ويا.

”سونا پراوت ڪنڪا تري
سو مر لينڌ ڪي پڙتري.“ [پڙتري = ناور.]

[[illegible] ڪي شبد (٥)]

[illegible] ڪري، ڪسنت [illegible] چيتينس تر مونکي [illegible]

[illegible]

ਚਾਰਿ ਦਿਨ ਅਪਨੀ ਨਉਬਤਿ ਚਲੇ ਬਜਾਇ ॥ ਇਤਨਕੁ ਖਟੀਆ ਗਠੀਆ ਮਟੀਆ ਸੰਗਿ ਨ ਕਛੁ ਲੈ ਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਦੇਹਰੀ ਬੈਠੀ ਮਿਹਰੀ ਰੋਵੈ ਦੁਆਰੈ ਲਉ ਸੰਗ ਮਾਇ ॥ ਮਰਹਟ ਲਗਿ ਸਭੁ ਲੋਗੁ ਕੁਟੰਬੁ ਮਿਲਿ ਹੰਸੁ ਇਕੇਲਾ ਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਵੈ ਸੁਤ ਵੈ ਬਿਤ ਵੈ ਪੁਰ ਪਾਟਨ ਬਹੁਰਿ ਨ ਦੇਖੈ ਆਇ ॥ ਕਹਤੁ ਕਬੀਰੁ ਰਾਮ ਕੀ ਨ ਸਿਮਰਹੁ ਜਨਮੁ ਅਕਾਰਥ ਜਾਇ ॥ ੨ ॥ ੬ ॥

راڳ ڪيدارا باڻي سري ڪبير جيئہ ڪي شبد (٦)

دنيا جا سنبنڌي سڪم جا سنگي آهن. ڏيهي
ڇڏڻ کان بعد، جيو اڪيلو ويندو ۽ ڪو بہ
هنجو سنگي ساٿي نہ ٿيندو.

چارِ ڏِن، آپني نؤبتِ چلي باجاء
اِتنڪُ کٽيئا گٺيئا مٽيئا، سنگِ نہ ڪڇُ لئي جاء
(اڪ رهاء)

ارٿ:- سيڪو جيو، هن سنسار مان، پنهنجو چئن ڏينهن جو وارو وڄائي يا اؤج ڏيکاري، پرلوڪ ۾ هليو وڃي ٿو. ايترو ڌن جو ڪٽيائين ۽ ڳنڍين ۾ سوگهو ڪيائين ۽ ڪجهہ ڌرتيءَ ۾ پوري رکيائين، تنهن مان ڪجهہ بہ، انت سمي پاڻ سان نٿو کڻي وڃي. [نوبت = نغارو، واڄو، وارو. اِتنڪ = هيترو ڌن. کٽيئا = کٽيائين گٺيئا = ڳنڍ ۾ سوگهو ڪيائين. مٽيئا = مٽيءَ يا ڌرتيءَ ۾ پوري رکيائين.]

(١) ڊيهري بئٺي مِهري رووئي، دُئاريءَ لئُہ سنگہ ماء
مرهٽ لگہِ سڀ لوگہ ڪُٽنب مِل، هنس اِڪيلا جاء

ارٿ:- ڏيڍيءَ وٽ، استري ويهي روئي ٿي ۽ گهر جي ٻاهرئين در تائين، ماءُ گڏ روئندي هلي ٿي. ڪٽنب جا سڀ پرش، مساڻ تائين گڏ جي هلن ٿا پر تنهنڪان اڳتي، جيو اڪيلو وڃي ٿو. [ڊيهري = ڏيڍي. مهري = استري. دئاري = دروازي. لئہ = تائين. ماء = ماءُ. مرهٽ = مساڻ. هنس = جيو آتما.]

پرماڻ :- ”ديهري بيٺي ماتا رووي، ڪٽيا لي ڪٽي ڀائي
لٽ ڇٽڪائي ترِيٺا رووي، ھنس اڪيلا جائي.“
[راڳ آسا باڻي سري ڪبير جيئہ جي شبد (٩)]

جنهنجو ارٿ آهي تہ ڏيڍيءَ تائين لنهنجي ماءُ واهي روئندي ۽ لنهنجي ڪائي، لنهنجا ڀائر ڪٽي ويندا. لنهنجي استري وار ڇوڙي واهي روئندي ۽ او هنس (جيو آتما) کي، اڪيلو ئي وڃڻو پوندو.

(٢) وِيُ سُتَ وِيُ بِتَ وِيُ پُرَ پاٽَنُ، ٻهُرِ نَ ديکيُ آء
کَهَتَ ڪبير رامَ کي نَ سِمَرَهُ، جنمُ اَڪارٿ جاء.

ارٿ :- پوءِ آهي پٽ، ڌن، مال وغيره ڳوٺ ۽ شهر، وري اهو شخص اچي لنو ڏسي سگهي جو نہ ڪجهہ آهي نہ ڪوڙي جوڻ مليس. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ اوں واهگورو کي ڇو نٿو ياد ڪرين، جاڪاڻ تہ نام سمرن کانسواءِ لنهنجو جنم وئرٿ گذرندو پيو وڃي. [ويُ = اهي. ست = پٽ. بت = ڌن مال وغيره. پُر = ڳوٺ. پاٽن = شهر. ٻهر = وري. اڪارٿ = وئرٿ.]

ਰਾਗੁ ਕੇਦਾਰਾ ਬਾਣੀ ਰਵਿਦਾਸ ਜੀਉ ਕੀ

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਖਟੁ ਕਰਮ ਕੁਲ ਸੰਜੁਗਤੁ ਹੈ ਹਰਿ ਭਗਤਿ ਹਿਰਦੈ ਨਾਹਿ ॥ ਚਰਨਾਰਬਿੰਦ ਨ ਕਥਾ ਭਾਵੈ ਸੁਪਚ ਤੁਲਿ ਸਮਾਨਿ ॥ ੧ ॥ ਰੇ ਚਿਤ ਚੇਤਿ ਚੇਤ ਅਚੇਤ ॥ ਕਾਹੇ ਨ ਬਾਲਮੀਕਹਿ ਦੇਖ ॥ ਕਿਸੁ ਜਾਤਿ ਤੇ ਕਿਹ ਪਦਹਿ ਅਮਰਿਓ ਰਾਮ ਭਗਤਿ ਬਿਸੇਖ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੁਆਨ ਸਤ੍ਰੁ ਅਜਾਤੁ ਸਭ ਤੇ ਕ੍ਰਿਸ੍ਨ ਲਾਵੈ ਹੇਤੁ ॥ ਲੋਗੁ ਬਪੁਰਾ ਕਿਆ ਸਰਾਹੈ ਤੀਨਿ ਲੋਕ ਪ੍ਰਵੇਸ ॥ ੨ ॥ ਅਜਾਮਲੁ ਪਿੰਗੁਲਾ ਲੁਭਤੁ ਕੁੰਚਰੁ ਗਏ ਹਰਿ ਕੈ ਪਾਸ ॥ ਐਸੇ ਦੁਰਮਤਿ ਨਿਸਤਰੇ ਤੂ ਕਿਉ ਨ ਤਰਹਿ ਰਵਿਦਾਸ ॥੩॥੧॥

راڳ ڪيدارا ٻاڻي رو داس جيءَ ڪي شبد (١)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

نام سمرن جي مهما

(١) کٽ ڪرم ڪُل سنجگت هيءِ، هر ڀگت هرديءِ ناهِ
چرناربند نہ ڪٿا ڀاوي، سُپچ تُل سمان

ارٿ:- هي من! جيڪڏهين ڪير ڇهہ ئي ڪرم برهمڻ جا ڪري ۽ اُتم ڪُل وارو هجي پر جيڪڏهين دل سان پرڀوءَ جي ڀڳتي نٿو ڪري ۽ پرميشور جي ڪمل روپي چرڻن جي ڪٿا هنکي نٿي وڻي، تہ هنکي چنڊال جي برابر سمجهڻ گهرجي. [کٽ = ڇهہ. ڪل سنجگت = اُتم ڪل سهت. چرنار بند = چرن ڪمل. سپچ = چنڊال، ڇهڙو.]

نوٽ:- برهمڻ جا ڇهہ ڪرم آهن:- (١) ويد پڙهڻ (٢) ويد پاڙهڻ (٣) يگيہ ڪرڻ (۴) يگيہ ڪرائڻ (۵) دان ڏيڻ (٦) دان وٺڻ يا (١) سنديا (٢) اشنان (٣) جپ (۴) هوم (۵) ديوتائن جي پوڄا ۽ (٦) اتٿي پوڄا = مهمان نوازي. کترين جا ڇهہ ڪرم آهن:- (١) چوٽي (٢) ڏندڻ (٣) ڌوتي (۴) جڻيو (۵) مالها ۽ (٦) تلڪ.

پرماڻ (١):- ”آتِ سندرِ ڪُلين چتر، مکِ گياني ڌنونت مرتڪ ڪهيئهِ نانڪا، جهہ پريت نهي ڀڳونت.“

[گؤڙي ٻاون اکري سلوڪ محلا پنجوان پؤڙي (١٦) سلوڪ]

جنهنجو ارٿ آهي تہ جيتوڻيڪ جيو نهايت سندر، چڱي ڪٽنب وارو، چتر، ظاهري گياني ۽ ڌنوان ڪٿي هجي، پر جيڪڏهين هنجي پريت پرميشور سان نہ هجي تہ هنکي مُردي سمان سمجهڻ گهرجي.

پرماڻ (٢) :- ”گنگا، گيتا شاستر وغيره ڪياڻ. پوران ڪنيڪ ريپک ڪرماڻا
گيان ڌيان تيرٿ اشنان - سورباڪ آہرس اُدتاني
رام نام سنگ، من نهي ڀيتا، جو ڪڇھ ڪينو، سوتو انيتا
آتاني اوتر ڪنم چنڊالا. تاڪي ڇھ من ڀسم ڪيالا.“
[باون اکري محلا پنجوان پوڙي (١٦)]
(ڪ) اکر دوارا سري گورو ارجن صاحب اُپديش ڪن ٿا ته جيترو ڪيترو جيو ڪي ڇهن شاسترن جي واقفيت هجي؛ ”اوا“ ”پنگلا“ ۽ ”سکمنا“ اُنهن جي ڪمائي پر مست هجي يعني جوڳ ابياس پورو ڪيو هجيس، ڪئي گيان ڪٿيندڙ هجي، ڌيان ڪندڙ هجي؛ تيرٿن تي اشنان ڪندڙ هجي، ڪئي سوم يگيه جو ٻيل پرساد يا چند آيرٿي کانيوءِ يا پنهنجي هٿن سان وسونءَ ٿاهي کانيندڙ هجي؛ پاڪي هٿ ته لڳائي ڏني؛ بنواسي هجي، پر جيڪڏهين رام نام سان من پريمي نه هجيس ته جيڪي به ڪيو اُهس سو سڀ نشل آهي. اُهو (مٿي ذڪر ڪيل ساڌن) کان، اُهو چنڊال ڪي اَمر ڪري سمجهو، جنهنجي من ۾، سري گورو ارجن ديو جي فرمانن ٿا ته پريو وسي ٿو.

ري چت، چيت چيت اچيت
ڪاهي نه ٻالميڪہ ديکہ - ڪس ذات ٿي، ڪهه پدم آمرٿو، رام ڀگت ڀيکہ (اڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي غافل من! تون چمه سان هرئي جو سمرن ڪر. والميڪ هي جيون چرلر ذاتهن جو نه تو ڏسين ته هو ڪهڙيءَ نيچ ذات مان، ڪهڙي نه وڏي درجي تي رچي پهتو. هي ڀائي!

ਰਾਗੁ ਭੈਰਉ

ਮਹਲਾ ੧ ਘਰੁ ਚਉਪਦੇ

ੴ ਸਤਿਨਾਮੁ ਕਰਤਾਪੁਰਖੁ ਨਿਰਭਉ ਨਿਰਵੈਰੁ
ਅਕਾਲ ਮੂਰਤਿ ਅਜੂਨੀ ਸੈਭੰ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਤੁਝ ਤੇ ਬਾਹਰਿ ਕਿਛੂ ਨ ਹੋਇ ॥ ਤੂ ਕਰਿ ਕਰਿ ਦੇਖਹਿ ਜਾਣਹਿ ਸੋਇ ॥ ੧ ॥ ਕਿਆ ਕਹੀਐ ਕਿਛੁ ਕਹੀ ਨ ਜਾਇ ॥ ਜੋ ਕਿਛੁ ਅਹੈ ਸਭ ਤੇਰੀ ਰਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜੋ ਕਿਛੁ ਕਰਣਾ ਸੁ ਤੇਰੈ ਪਾਸਿ ॥ ਕਿਸੁ ਆਗੈ ਕੀਚੈ ਅਰਦਾਸਿ ॥ ੨ ॥ ਆਖਣੁ ਸੁਨਣਾ ਤੇਰੀ ਬਾਣੀ ॥ ਤੂ ਆਪੇ ਜਾਣਹਿ ਸਰਬ ਵਿਡਾਣੀ ॥ ੩ ॥ ਕਰੇ ਕਰਾਏ ਜਾਣੈ ਆਪਿ ॥ ਨਾਨਕ ਦੇਖੈ ਥਾਪਿ ਉਥਾਪਿ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

راڳ ڀيرَءُ

محلا پهلا گهر پهلا چؤپدي شبد (١)

ايڪ اونڪار ست نام ڪرتا پُرکُ نِربَهُ نِروَيرُ اڪال مُورتِ
اجُوني سَئين گور پرسادِ

پرميشور جي اُستتي

(١) تُجهَ تي ٻاهرِ ڪِڇُ نَ هوءِ
تُو ڪرِ ڪرِ ديکهِ جاڻهِ سوءِ

ارٿ:- هي هري! توهنجي آگيا کان سواءِ ڪجهه به نه ٿو ٿي سگهي يعني سڀ توهنجي آگيا سان ٿئي ٿو، جيئن ته جپ صاحب ۾ فرمايل آهي ("هڪمي اندر سڀ ڪو، ٻاهر هڪم نه ڪوءِ.") ٿو ٿي ٿيءِ پساو ڪيو آهي ۽ ان کي ڏسڻ وارو يعني سار سنڀال لهڻ تون.

ڪتا ڪيتي ڪڇه ڪهي نه جاءِ

جو ڪڇه آهي، سڀ تيري رضاءِ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀڳوان! جو توهنجي مهما جا ڪري سگهندو؟ جيڪي ڪي نظر اچي ٿو، سو سڀ توهنجي آگيا ۾ آهي. [اهيءُ = نظر ۾ اچي ٿو.]

(٢) جو ڪڇه ڪرڻا سُ تيري پاس

ڪسُ آگي ڪيچهي ارداس

ارٿ:- جيڪي ڪي ڪرڻو آهي سو او وت آهي يعني جڏهن توهنجي طاقت ملندي تڏهن اسين ڪوبه ڪم ڪري سگهنداسين، تنهن ڪري سڀ ڪجهه او وت آهي. ٻيءَ اسين ڪنهن وٽ ارداس ڪريون؟ (پاڻ ارداس او وٽ ئي ڪرڻ جڳائي).

(٣) آکڻُ سُنڻا تيري باڻي

تو آپي جاڻهِ سرب وڊاڻي

ارٿ:- مان توهنجي ئي نام روپي واڻي جپان ٿو ۽ ٻڌان ٿو. هي وڏي ۾ وڏا اسچرج روپ! اون ئي منهنجي سڀني ڪمن جو جاڻو آهين.

(٤) ڪري ڪرائي جاڻي آپ

نانڪ ديکي ٿاپ اٿاپ.

ارٿ:- تو پاڻيھي پاڻ برهما کي پيدا ڪري، اُن مان سڄي سرشٽي پيدا ڪئي آهي. سري گورو نانڪ ديو جن چون ٿا ته ”هي ايشور! تون پاڻ ئي پيدا ۽ ناس ڪرڻ جي ليلا ڏسين ويٺو.“

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੧ ਘਰੁ ੨

ਗੁਰ ਕੈ ਸਬਦਿ ਤਰੇ ਮੁਨਿ ਕੇਤੇ ਇੰਦ੍ਰਾਦਿਕ ਬ੍ਰਹਮਾਦਿ ਤਰੇ ॥ ਸਨਕ ਸਨੰਦਨ ਤਪਸੀ ਜਨ ਕੇਤੇ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਪਾਰਿ ਪਰੇ ॥ ੧ ॥ ਭਵਜਲੁ ਬਿਨੁ ਸਬਦੈ ਕਿਉ ਤਰੀਐ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਜਗੁ ਰੋਗਿ ਬਿਆਪਿਆ ਦੁਬਿਧਾ ਡੁਬਿ ਡੁਬਿ ਮਰੀਐ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਗੁਰੁ ਦੇਵਾ ਗੁਰ ਅਲਖ ਅਭੇਵਾ ਤ੍ਰਿਭਵਣ ਸੋਝੀ ਗੁਰ ਕੀ ਸੇਵਾ ॥ ਆਪੇ ਦਾਤਿ ਕਰੀ ਗੁਰਿ ਦਾਤੈ ਪਾਇਆ ਅਲਖ ਅਭੇਵਾ ॥ ੨ ॥ ਮਨੁ ਰਾਜਾ ਮਨੁ ਮਨ ਤੇ ਮਾਨਿਆ ਮਨਸਾ ਮਨਹਿ ਸਮਾਈ ॥ ਮਨੁ ਜੋਗੀ ਮਨੁ ਬਿਨਸਿ ਬਿਓਗੀ ਮਨੁ ਸਮਝੈ ਗੁਣ ਗਾਈ ॥ ੩ ॥ ਗੁਰ ਤੇ ਮਨੁ ਮਾਰਿਆ ਸਬਦੁ ਵੀਚਾਰਿਆ ਤੇ ਵਿਰਲੇ ਸੰਸਾਰਾ ॥ ਨਾਨਕ ਸਾਹਿਬੁ ਭਰਿਪੁਰਿ ਲੀਣਾ ਸਾਚ ਸਬਦਿ ਨਿਸਤਾਰਾ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥ ੨ ॥

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

راڳ ڀيروَ محلا پهلا گهر دوجا شبد (٢)

گورن جي اُستتي ۽ نام جي مهما

(١) گورَ ڪي شبدِ تري مُنِ ڪيتي، اِندرادِڪ برهمادِ تري
سنڪ سنندن تپسي جن ڪيتي، گور پرسادي پارِ پري

ارٿ:- هي پاني! گورن جي اُپديش سان ڪيترا مُني ۽ انيڪ بيا اندر ۽ برهما جهڙا تري پار پيا آهن. گورن جي ڪرپا

سان سنڪ، سنندن، سنالن ۽ سنت ڪمار (برهما جا چار پٽ) ۽ ڪيترائي ڀڳت، سنسار ساگر مان لنگهي پار پيا آهن.

ٻوجَل ٻن شبدي ڪنُ ترڻي
نامَ ٻنا جڳ روڳ ٻياپيا، دبدا ڏُب ڏُب مَرڻي
(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي پيارا! شبد جي پرتاپ کان سواءِ، اوهين هي ۽ ڀوساگر ڪيئن لنگهندا؟ نام ٻنا، هي ۽ سارو سنسار، اهنڪار روپي روڳ ۾ ورتايو رهيو آهي ۽ دبدا روپي ندي ۾، جيڻ ٻڏي ٻڏي مري وڃن ٿا. نام کان سواءِ هنن جو ڪوبه ڇوٽڪارو نه آهي يعني نام نه جپي، دبدا ۾ ئي ناس ٿي وڃن ٿا.

(٢) گوُر ديوا گوُر الکَ اڀيوا، ترڀوڻ سوجهي گوُر ڪي سيوا
آپي دات ڪري گوُر داتي، پايا الکَ اڀيوا

ارٿ:- گورو پرڪاشوان، الک ۽ ابو آهي، تنهن لوڪن جي سوجهي گورن جي سيوا سان ئي پراپت ٿئي ٿي. جڏهين گورو داتا پاڻ پنهنجي ڪرپا جي نظر سان نام جي بخشش ڪري ٿو، تڏهين ئي جيوَ، الک ابو واهگوروءَ کي پائين ٿا.

(٣) مَنُ راجا مَنُ مَنُ تي مانيا، مَنسا مَنهه سَمائي
مَنُ جوڳي مَنُ ٻنس ٻيوڳي، مَنُ سَمجهي گُڻ گائي

ارٿ:- من راجا آهي (پر جي ڪام آڌڪن جي وس نه اچي) ۽ من منتر يا گورن جي اپديش سان ئي لوبهه ٿئي ٿو، پوءِ ٻڏي من ۾ ئي سمائجي وڃي ٿي يعني مشائون من جي اندر سمائجي ٻند ٿي وڃن ٿيون. من گڻ ڳائي سمجهي جوڳي ٿئي ٿو ۽ من ئي سڀ گڻ ڌاري، پرميشور سان ساڻ ڏئي ٿو ۽ پوءِ وڇوڙي جي ڪري، جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي ٿو. جي من، گورن جي اپديش مان سمجهي وڃي ٿو ته پوءِ ايشور جا گڻ ڳائي ٿو.

(٤) گور تي مَنُ مارِئا شَبَدُ وِيچارِئا، تي وِرلي سَنسارا
نانَڪَ صاحِب ڀرِپُرِ ليڻا، ساچ شَبَدِ نِستارا.

ارٿ:- هن سنسار ۾ اهڙا ڪي ورلي آهن، جن گوروءَ جو شبد وٺي، من ماريو آهي ۽ ان تي ويچار ڪيو اٿن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهڙا پرش سچي شبد جي ڪري ڀرپور پرماتما ۽ سرووياپڪ ديالو ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ سنسار ساگر مان ڇوٽڪارو پائين ٿا. (ڀيو ارٿ) گورن جي سکيا وٺي، شبد جو ويچار ڪرڻ سان من مري ٿو، پوءِ ايشور جو سڀ ۾ ڀرپور ۽ وياپڪ آهي، تنهن ۾ سچي شبد ۾ سمائجڻ ڪري نستارو ٿئي ٿو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੧

ਨੈਨੀ ਦ੍ਰਿਸਟਿ ਨਹੀ ਤਨੁ ਹੀਨਾ ਜਰਿ ਜੀਤਿਆ ਸਿਰਿ ਕਾਲੋ ॥ ਰੂਪੁ ਰੰਗੁ ਰਹਸੁ ਨਹੀ ਸਾਚਾ ਕਿਉ ਛੋਡੈ ਜਮ ਜਾਲੋ ॥ ੧ ॥ ਪ੍ਰਾਣੀ ਹਰਿ ਜਪਿ ਜਨਮੁ ਗਇਓ ॥ ਸਾਚ ਸਬਦ ਬਿਨੁ ਕਬਹੁ ਨ ਛੂਟਸਿ ਬਿਰਥਾ ਜਨਮੁ ਭਇਓ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤਨ ਮਹਿ ਕਾਮੁ ਕ੍ਰੋਧੁ ਹਉ ਮਮਤਾ ਕਠਿਨ ਪੀਰ ਅਤਿ ਭਾਰੀ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਰਾਮ ਜਪਹੁ ਰਸੁ ਰਸਨਾ ਇਨ ਬਿਧਿ ਤਰੁ ਤੂ ਤਾਰੀ ॥ ੨ ॥ ਬਹਰੇ ਕਰਨ ਅਕਲਿ ਭਈ ਹੋਛੀ ਸਬਦ ਸਹਜੁ ਨਹੀ ਬੂਝਿਆ ॥ ਜਨਮੁ ਪਦਾਰਥੁ ਮਨਮੁਖਿ ਹਾਰਿਆ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਅੰਧੁ ਨ ਸੂਝਿਆ ॥ ੩ ॥ ਰਹੈ ਉਦਾਸੁ ਆਸ ਨਿਰਾਸਾ ਸਹਜ ਧਿਆਨਿ ਬੈਰਾਗੀ ॥ ਪ੍ਰਣਵਤਿ ਨਾਨਕ ਗੁਰਮੁਖਿ ਛੂਟਸਿ ਰਾਮ ਨਾਮ ਲਿਵ ਲਾਗੀ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥

راڳ ڀيرو محلا پهلا شبد (٣)

ٻڍاپڻ جي حالت

(١) نَيني دِرسَٽ نهي تَنُ هِينا، جَرِ جِيتِئا سِرِ ڪالو
رُوپَ رَنگُ رَهَسُ نهي ساچا، ڪِئُ ڇوڏي جَمَ جالو

ارٿ:- ڀلائي ۾ هيو جي اکين جي نظر گهٽ ٿي ٿي وئي ۽ ڪن هيٺو ٿو ٿئي، ڀلايو جيتي ٿو يعني غالب پوي ٿو ۽ سر مٿان ڪال سوار ٿو ٿئي. ڪي روپ ٿڪي رنگ رهي ٿو ۽ نه سچو آنند ٿو پراپت ڪري سگهي، پوءِ ڪال کيتري جڏهن يعني جڏهن جوان هو تڏهين ڪڏهن نه ڪمايئين سو پوءِ ڀلائي ۾ ڇا ڪري سگهندو؟ جڏهن ڪري ڪال پهچندو ڪم پورو ڪري ٿو ڇڏي.

پرماڻ:- ”ليکه، ليکه ٿي تن ڪينا، ڀي ڪيس دڏ وائي
روڏا ڪنٺ، شبد نهي آئڙي، آپ ڪيتا ڪرم پرائي.“
[راڳ سورٺه باڻي ڀڳتن جي شبد (۱)]

جنهنجو ارٿ آهي ته (برڌ اوستا ۾) منهنجي ليکڻ مان شڪتي ڀڄ وئي، منهنجو تن ڪري ٿي ويو آهي ۽ منهنجا وار کير جهڙي رنگ جهڙا اڇا ٿي ويا آهن. منهنجو گلو خشڪ ٿي ويو آهي ۽ وات مان ڪو لفظ نٿو نڪري، تنهنڪري اهڙي اوستا ۾ جيو اون ڇا ڪندين؟ (مطلب ته تڏهين اون ڪي به ڪين ڪري سگهندين، تنهنڪري واجب آهي ته اون هينئر ئي رام جو سمرن ڪر).

ٻڍاپي، هر جپ جنم گنئو
ساچ شبد بن ڪبهه نه ڇوٽيس، ٻرٿا جنم ڀئو

(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ٻڍاپي! تنهنجو جنم اجائي ويو آهي، تنهن ڪري نام جپ. جيئن ته گوروائي ۾ فرمايل آهي ”مانس جنم اموالڪ پائيو برٿا ڪاهي گوائو.“ سچي شبد جي جپ کانسواءِ ڪڏهين ڇوٽڪارو نه لهندءِ، تنهن ڪري اجايو جنم نه وڃاءِ.

(٢) تن مهه ڪام ڪروڌ هئُه ممتا، ڪٺن پير اَت ڀاري
گورمکهه رام جپهه رس رسنا، ان بِڌ تر تؤ تاري

ارٿ:- تنهنجي تن ۾ ڪام ڪروڌ، اهنڪار ۽ ممتا آهي، تنهن ڪري انتڪال ۾ تمام گهڻي ۽ ڪٺن پيڙا ٿيندء. رسنا د ئاران گوروء جي سکيا سان نام جپ، ته تون پڳتيء روپي بيڙيء ۾ تري ويندين. (بيو ارٿ) هي ڀائي! گورن د ئاران ٻه ٻر ڪري رسنا سان رام جپ، جنهن ڪري تون سنسار روپي نديء مان تري پار پوين.

(٣) ٻهري ڪرن عقل ڀتي هوچهي، شبد سهج نهي ٻوجهئا
جنم پدارٿ منمکهه هارئا، بِن گور انڌ نه سوجهئا

ارٿ:- هي سائين جا سنواريا! تنهنجا ڪن هاڻي ٻوڙا ٿي پيا آهن، عقل ٻه گهٽ ٿي ويو اٿيئي ۽ شبد د ئاران سروپ جي ٻوجهه نٿي پويئي. هي منمکه! امولڪ پدارٿ جهڙو مانکه جنم ونڃرت وڃايو اٿيئي ۽ ڇاڪاڻ ته اکيان جي انڌ ڪري، گوروء جو اپديش نه ورتو اٿيئي. [ٻهري = ٻوڙا. ڪرن = ڪن. هوچهي = گهٽ. سهج = سروپ.]

(٤) رهئ اُداس آس نراسا، سهج ڌئان بئراڳي
پرڻوت نانڪ گورمکهه ڇوٽس، رام نام لو لاڳي.

ارٿ:- هي جيو! اُنهن جو جنم سڦلو آهي، جي دنيا ۾ رهندي به اُداسي رهن ٿا ۽ نراسي ٿي سهج ۾ ڌيان لڳائين ٿا يعني سروپ ۾ لو لين ٿي بئراڳي ٿين ٿا. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهي گورمکه، رام نام سان لنؤ لڳائي، ڀوساگر مان مکتي پائين ٿا.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੧

ਭੂੰਡੀ ਚਾਲ ਚਰਣ ਕਰ ਖਿਸਰੇ ਤੁਚਾ ਦੇਹ ਕੁਮਲਾਨੀ ॥ ਨੇਤ੍ਰੀ ਧੁੰਧਿ ਕਰਨ ਭਏ ਬਹਰੇ ਮਨਮੁਖਿ ਨਾਮੁ ਨ ਜਾਨੀ ॥੧॥ ਅੰਧੁਲੇ ਕਿਆ

ਪਾਇਆ ਜਗਿ ਆਇ ॥ ਰਾਮੁ ਰਿਦੈ ਨਹੀ ਗੁਰ ਕੀ ਸੇਵਾ ਚਾਲੇ ਮੂਲੁ ਗਵਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਹਵਾ ਰੰਗਿ ਨਹੀ ਹਰਿ ਰਾਤੀ ਜਬ ਬੋਲੈ ਤਬ ਫੀਕੇ ॥ ਸੰਤ ਜਨਾ ਕੀ ਨਿੰਦਾ ਵਿਆਪਸਿ ਪਸੂ ਭਏ ਕਦੇ ਹੋਹਿ ਨ ਨੀਕੇ ॥ ੨ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਕਾ ਰਸੁ ਵਿਰਲੀ ਪਾਇਆ ਸਤਿਗੁਰ ਮੇਲਿ ਮਿਲਾਏ ॥ ਜਬਲਗੁ ਸਬਦ ਭੇਦੁ ਨਹੀ ਆਇਆ ਤਬਲਗੁ ਕਾਲੁ ਸੰਤਾਏ ॥ ੩ ॥ ਅਨ ਕੋ ਦਰੁ ਘਰੁ ਕਬਹੂ ਨ ਜਾਨਸਿ ਏਕੋ ਦਰੁ ਸਚਿਆਰਾ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ ਪਰਮੁ ਪਦੁ ਪਾਇਆ ਨਾਨਕੁ ਕਹੈ ਵਿਚਾਰਾ ॥੪॥੩॥੪॥

راڳ ڀيرو محلا پهلا شبد (٤)

ٻڍاپي جي حالت

(١) ٻُڍڙي چالِ ڀرڙ ڪَر ڪَسِري، تُچا ديهِ ڪُملاڻي
ليتري ڏِٺڻ ڪَرن ٻُڌي ٻوري، منمکِ نامُ نَ جاڻي

ارٿ:- هي جيو! ٻڍاپڻ ۾ تنهنجي چال ڏِنگي، اُبتي، افسوس واري ٿي ٿي آ ۽ پير هٿ ڪسڪن پيا يعني ڏڏڻ پا ٿڙن پيا ۽ چمڙي ۽ سڄي ديهه ڪومائجي وڃڻي ٿي. اکين تي ڏِنڌ چڙهي ويو آهي ۽ ڪَن ٻوڙا ٿي پيا آهن تڏهن به منمک رام نام روپي اوکد (دوا) نٿو ڄاڻي يعني ان سان پريم نٿو ڪري، جو ته حياتيءَ جو مول مقصد آهي ۽ اهو وڃائي سهاءِ ڇڏيو. [ٻُڍڙي چال = ڏِنگي، اُبتي چال. ڀرڙ = پير. ڪَر = هٿ. تُچا = کَل، چمڙي. ڪُملاڻي = ڪومائجي وڃي ٿي. ليتري = اکيون. ڪَرن = ڪَنَ. ٻوري = ٻوڙا.]

اَنڌُلي ڪِيا پائِيا جَڳ آءِ
رامُ رِدي نهي گُور ڪي سيوا، چالي مُولُ گَواءِ
(ٻِکُ رهاءُ)

ارٿ:- هي انڌا اگياني جيو! سنسار ۾ اچي تو ڪهڙو لاڀ پاتو؟ تو رام نام جو شبد نه پرايو ڪهو آهي ۽ نه ستگروءَ جي سيوا

کٿي آهي، تنهنڪري تون سواسن روپي موڙيي، اجائي وڃت
ڪري وڃين ٿو يعني مري وڃين ٿو. [انڌلي=انڌا اگياني جيو.
چالي = وڃين ٿو. مؤل = سواسن روپي موڙيي.]

(۲) جِهوا رَنگِہ نهي هَر راتي، جَب ٻوليِ تَب ڦيڪي
سَنتَ جنا ڪي نِندا وِئاپِسِ،
پسوُ ڀئي ڪدي هوهِ نَہ نيڪي

ارٿ:- هي ڀائي! جنهن پنهنجي زبان پرماتما جي پريم ۾ نہ
رنگي آهي، سو خراب ٻول ٻولي ٿو ۽ ڍورن جهڙو ٿئي ٿو، ۽ وءِ
هو ڪڏهين بہ چڱو نٿو ٿئي يعني سنتن جي گلا ڪرڻ ڪري
ڪيئن چڱو ٿيندو؟ [جهوا=زبان. ڦيڪي = خراب. رنگ =
پرماتما جو پريم. پسون=ڍورن جهڙو. نيڪي = چڱو.]

(۳) اَنمرتُ ڪا رَسُ وِرلي پائِئا، سَتِگوُر ميل مِلائي
جَبَ لَگُ سَبدُ ڀيدُ نهي آئِئا، تَبَ لَگُ ڪالُ سَنتائي

ارٿ:- ڪي ورلا شخص نام جو امرت رس پائين ٿا، جنکي
ستگورو پاڻ سان ميلي، پوءِ پرماتما سان ملائي ٿو. جيسين گوروءَ
جي اپديش جو ڀيد نٿو سمجهہ ۾ اچي، تيسين جيو کي ڪال دک
ڏئي ٿو يعني تيسين کيس ڪال جو ڊپ هروقت رهي ٿو.
[ڀيد = ڳجهہ. سنتائي = دک ڏئي ٿو.]

(۴) آنَ ڪو دَرُ گهرُ ڪَبهوُ نَہ جانِسِ، ايڪو دَرُ سَچِئارا
گوُر پرسادِ پرم پد پائِئا، نانڪُ ڪهيِ وِچارا.

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن داس ڀاو سان چون ٿا
تہ جو پرش هڪ سچي واهگوروءَ جي دروازي کان سواءِ، ٻئي
ڪنهن جو در نٿو ڄاڻي، يعني هڪ سچي پرماتما جو در پڇاڻي
ٿو، سوئي گوروءَ جي ديا سان پرم پد پائي ٿو. [آن ڪو در گهر =
ٻين جو در گهر. وچارا = ويچارو، مسڪين.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੧

ਸਗਲੀ ਰੈਣਿ ਸੋਵਤ ਗਲਿ ਫਾਹੀ ਦਿਨਸੁ ਜੰਜਾਲਿ ਗਵਾਇਆ॥ ਖਿਨ ਪਲੁ ਘੜੀ ਨਹੀ ਪ੍ਰਭੁ ਜਾਨਿਆ ਜਿਨਿ ਇਹੁ ਜਗਤੁ ਉਪਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ਮਨ ਰੇ ਕਿਉ ਛੂਟਸਿ ਦੁਖੁ ਭਾਰੀ ॥ ਕਿਆ ਲੇ ਆਵਸਿ ਕਿਆ ਲੇ ਜਾਵਸਿ ਰਾਮ ਜਪਹੁ ਗੁਣਕਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਊਂਧਉ ਕਵਲੁ ਮਨਮੁਖ ਮਤਿ ਹੋਛੀ ਮਨਿ ਅੰਧੈ ਸਿਰਿ ਧੰਧਾ ॥ ਕਾਲੁ ਬਿਕਾਲੁ ਸਦਾ ਸਿਰਿ ਤੇਰੈ ਬਿਨੁ ਨਾਵੈ ਗਲਿ ਫੰਧਾ ॥ ੨ ॥ ਡਗਰੀ ਚਾਲ ਨੇਤ੍ਰ ਫੁਨਿ ਅੰਧੁਲੇ ਸਬਦ ਸੁਰਤਿ ਨਹੀ ਭਾਈ ॥ ਸਾਸਤ੍ਰ ਬੇਦ ਤ੍ਰੈਗੁਣ ਹੈ ਮਾਇਆ ਅੰਧੁਲਉ ਧੰਧੁ ਕਮਾਈ ॥ ੩ ॥ ਖੋਇਓ ਮੂਲੁ ਲਾਭੁ ਕਹ ਪਾਵਸਿ ਦੁਰਮਤਿ ਗਿਆਨ ਵਿਹੂਣੇ ॥ ਸਬਦੁ ਬੀਚਾਰਿ ਰਾਮ ਰਸੁ ਚਾਖਿਆ ਨਾਨਕ ਸਾਚਿ ਪਤੀਣੇ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥

راڳ ڀيرو محلا پهلا شبد (٥)

هي من! تون ڪيئن ڀوساگر کان ڇٽندين؟

(١) سڳلي رَيڻِ سووت گلِ ڦاهي، ڏِنسُ جنجال گَوائِيا

کِنُ پَلُ گهڙي نهي پرڀُ جاڻِيا، جِنِ اِهُ جگتُ اُپائِيا

ارٿ:- ساري حياتيءَ رات سمهي ۽ اڪيلو گذارئين، ۽ وچارو تنهنجو ٻهراڙي ۾ پيئي اهو ماڻهو ننڊ ۾ ستو ڪتب وغيره جي جنجال ۾ وچارو ٿو، ۽ پرڀوءَ جنهن هيءَ سارو برهمانڊ رچيو آهي، تنهن کي هڪ کن، پل ۽ گهڙي به نه ٿو ياد ڪري. [سڳلي ريڻ = ساري حياتيءَ رات. گوائيا = وڃايو ٿو.]

مَن رِي، ڪِئن ڇُوٽِس دُک ڀاري

ڪِيا لي آوِس ڪِيا لي جاوِس، رام جپهُ گُڻ ڪاري

(رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا من! ٻڌ ته جنمن جي پاري دک کان ڪيئن ڇوٽڪارو پائيندين؟ سنسار ۾ تون ڇا ڪٺي آئين ۽ ڇا ڪٺي ويندين؟ سيئي گڻ يا اُپڪارن جو ڪرڻ وارو، جو رام آهي، تنهن کي تون جپ [پاري = ڏکيا. گڻ ڪاري = گڻن يا اُپڪارن جو ڪرڻ وارو.]

(٢) اُوڌُ ڪولُ منمک مت هوڇي، من انڌي سر ڌنڌا
ڪالُ بِڪالُ سدا سر تيري، بِنُ ناوي گل ڦنڌا

ارٿ:- هي منمک! تنهنجو ڪنول روپي هردو اونڌو آهي يعني ايشور کان بيمک آهين ۽ مت ٻه تڇ تي ويٺي آهي؛ هي اندي من وارا، تون سر تي دنيوي ڌنڌن جو گهڻو بار وجهي رهيو آهين، تنهن ڪري نام کان سواءِ، تنهنجي سر تي جنم مرڻ جي ڦاهي هروقت سوار آهي يعني نام کان سواءِ جونين جي ڦاهي تنهنجي گلي ۾ پيئي آهي. [اوڌ = اونڌو. هوڇي = تڇ، نيچ. ڪال = موت. بڪال = جنم. گل = گلي ۾. ڦندا = ڦاسي، ڦاهي.]

(٣) ڏگري چال نيترُ ڦُنِ انڌلي، شبد سرت نهي پائي
شاستر بيد ترئِ گُڻ هئِ مائِيا، انڌلُتر ڌنڌُ ڪمائي

ارٿ:- هي جگياسو! برڌ اوستا ۾ تنهنجي چال اٻٽي ٿي آهي يعني هلڻ ۾ ڪسڪين پيو، وري اکيون ٻه انڌيون ٿيون آهي يعني هلڻ ۾ ڪسڪين پيو، ورڪ ڏيان رکڻ ٻه نه ٿو وٺيئي. خود شاستر ۽ ويد ٻه اٿيئي ۽ شبد ۾ ڏيان رکڻ ٻه نه ٿو وٺيئي. خود شاستر ۽ ويد ٻه اٿيئي ۽ شبد ۾ ڏيان رکڻ ٻه نه ٿو وٺيئي.

(٤) ڪوئِتو مولُ لاڀُ ڪهِ پاوين، دُرمت گيان وِهوڻي
شبد بيچار رام رسُ چاکِئا، نانڪ ساچ پتيڻي.

ارٿ:- ڪهڙي ڪوڙي سمند وارا ۽ گيان ڪان رهت انسان! سواس روپي مول، اجايو ڪوڙي ڇڏيئه، پوءِ نام روپي لاڀ ڪٿان پائيندين يا ڪيئن پائيندين؟ جنهن ٻرش، گوروءَ جي اپديش سان، رام جو رس چکيو آهي، سو ئي سچ سروپ مالڪ ۾ اعتبار وارو ٿيو.
[مُول = سواس روپي موڙي. پتيڻي = اعتبار وارو ٿيو.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੧

ਗੁਰ ਕੈ ਸੰਗਿ ਰਹੈ ਦਿਨ ਰਾਤੀ ਰਾਮੁ ਰਸਨਿ ਰੰਗਿ ਰਾਤਾ ॥ ਅਵਰੁ ਨ ਜਾਣਸਿ ਸਬਦੁ ਪਛਾਣਸਿ ਅੰਤਰਿ ਜਾਣਿ ਪਛਾਤਾ ॥ ੧ ॥ ਸੋ ਜਨੁ ਐਸਾ ਮੈ ਮਨਿ ਭਾਵੈ ॥ ਆਪੁ ਮਾਰਿ ਅਪਰੰਪਰਿ ਰਾਤਾ ਗੁਰ ਕੀ ਕਾਰ ਕਮਾਵੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅੰਤਰਿ ਬਾਹਰਿ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰੰਜਨੁ ਆਦਿ ਪੁਰਖ ਆਦੇਸੋ ॥ ਘਟ ਘਟ ਅੰਤਰਿ ਸਰਬ ਨਿਰੰਤਰਿ ਰਵਿ ਰਹਿਆ ਸਚੁ ਵੇਸੋ ॥ ੨ ॥ ਸਾਚਿ ਰਤੇ ਸਚੁ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਜਿਹਵਾ ਮਿਥਿਆ ਮੈਲੁ ਨ ਰਾਈ ॥ ਨਿਰਮਲ ਨਾਮੁ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਰਸੁ ਚਾਖਿਆ ਸਬਦਿ ਰਤੇ ਪਤਿ ਪਾਈ ॥੩॥ ਗੁਣੀ ਗੁਣੀ ਮਿਲਿ ਲਾਹਾ ਪਾਵਸਿ ਗੁਰਮੁਖਿ ਨਾਮਿ ਵਡਾਈ ॥ ਸਗਲੇ ਦੂਖ ਮਿਟਹਿ ਗੁਰ ਸੇਵਾ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਸਖਾਈ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥ ੬ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا پهلا شبد (٦)
گور شيوڪ جي رهڻيءَ بابت

(۱) گُور ڪي سَنگِ رهئي ڍِن راتي، رام رَسنِ رَنگِ راتا
اَوَرُ نَ جاڻسِ، شَبدُ پڇاڻسِ، اَنتَرِ جاڻِ پڇاتا

ارٿ:- سچو شيوڪ اهو آهي، جو گوروءَ جي سنگ ۾ ڏينهن رات رهي ڪري، رسنا سان رام نام جو جاپ ڪري، پريم ۾ رنگجي ويو آ. هو ٻئي ڪنهن کي نٿو ڄاڻي، پر شبد (گوروءَ جي اپديش) کي سمجهي ٿو ۽ اندر ۾ ئي ڏيئي، نج سروپ کي ساڪيات اچي پسي ٿو. [رام رس رنگ راتا = زبان سان رام نام جو جاپ ڪري، پريم ۾ رنگجي ويو آ. پڇاڻس = سڃاڻي ٿو.]

سو جن آئسا ميئ من پاوي
آپ مار آپرنپر راتا، گور کي کار ڪماوي
(اڪ رهاءِ)

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اهڙو ني سچو شيوڪ منهنجي من کي وڻي ٿو ۽ اهو ني آپا ڀاءُ ماري، اپرنپر پرماتما کي پريم ڪري ٿو ۽ گوروءَ جي شيوا ڪمائي ٿو. [اپرنپر = پري کان پري (پرماتما).]

(٢) انتر باهر پرکُ نرنجن، آد پُرکُ آديسو
گهٽ گهٽ انتر سرب نرنتر، رو رهيا سچ ويسو

ارٿ:- آد پرکُ، نرنجن پرماتما اندر، باهر، گهٽ گهٽ ۾ ۽ ساري برهمنڊ ۾ جو اڪ رس ٿي ڪري رمي رهيو آهي، تنهن کي اهو سچو شيوڪ نمسڪار ڪري ٿو. [آديسو = نمسڪار ڪري ٿو. نرنتر = اڪ رس ٿي ڪري.]

(٣) ساچ رتي سچ انمرت جهوا، مثيا ميل نه رائي
نرمل نام انمرت رس چاکيا، شبد رتي پت پائي

ارٿ:- جو سچ روپ واهگوروءَ ۾ رتل آهي، سو نسچي ڪري امرت روپي نام اُچاري ٿو ۽ ان جي زبان ۾ ڪوڙ ٻولڻ جي ميل هڪ اُهر جي داڻي جيتري به نٿي رهي. اهو پرش نرمل ۽ امرت روپي نام جو رس چکي ٿو، جنهنڪري شبد سان رچي عزت پائي ٿو. [ميل نه رائي = جوٺ هڪ اُهر جي داڻي جيتري به نه آهي.]

(٤) گُڻي گُڻي مل لاها پاوين، گور مکه نام وڏائي
سگلي دوکه مٽيه گور شيوا، نانڪ نام سکائي.

ارٿ:- اهو شيوڪ گڻوان سنتن سان ملي، گڻ حاصل ڪرڻ ڪري، نام جو فائدو پائي ٿو ۽ گورمکه ٿي، نام جي وڏائي پراپت

ڪري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته گوروءَ جي سيوا سان سڀ دک ناس ٿين ٿا ۽ نام ٿي سگهندي يعني مددگار ٿئي ٿو. [(١) گٺي = گٺوان سنمس. (٢) گٺي = گٺ حاصل ڪرڻ ڪري.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੧

ਹਿਰਦੈ ਨਾਮੁ ਸਰਬ ਧਨੁ ਧਾਰਣੁ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਪਾਈਐ ॥ ਅਮਰ ਪਦਾਰਥ ਤੇ ਕਿਰਤਾਰਥ ਸਹਜ ਧਿਆਨਿ ਲਿਵ ਲਾਈਐ ॥ ੧ ॥ ਮਨ ਰੇ ਰਾਮ ਭਗਤਿ ਚਿਤੁ ਲਾਈਐ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਜਪਿ ਹਿਰਦੈ ਸਹਜ ਸੇਤੀ ਘਰਿ ਜਾਈਐ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਭਰਮੁ ਭੇਦੁ ਭਉ ਕਬਹੁ ਨ ਛੂਟਸਿ ਆਵਤ ਜਾਤ ਨ ਜਾਨੀ ॥ ਬਿਨੁ ਹਰਿ ਨਾਮ ਕੋ ਮੁਕਤਿ ਨ ਪਾਵਸਿ ਡੂਬਿ ਮੁਏ ਬਿਨੁ ਪਾਨੀ ॥ ੨ ॥ ਧੰਧਾ ਕਰਤ ਸਗਲੀ ਪਤਿ ਖੋਵਸਿ ਭਰਮੁ ਨ ਮਿਟਸਿ ਗਵਾਰਾ ॥ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਸਬਦ ਮੁਕਤਿ ਨਹੀ ਕਬਹੀ ਅੰਧੁਲੇ ਧੰਧੁ ਪਸਾਰਾ ॥ ੩ ॥ ਅਕੁਲ ਨਿਰੰਜਨ ਸਿਉ ਮਨੁ ਮਾਨਿਆ ਮਨਹੀ ਤੇ ਮਨੁ ਮੂਆ ॥ ਅੰਤਰਿ ਬਾਹਰਿ ਏਕੋ ਜਾਨਿਆ ਨਾਨਕ ਅਵਰੁ ਨ ਦੂਆ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥ ੭ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا پهلا شبد (٧)

(١) هردي نام سرب ڌن ڌارڻ، گور پرسادي پائيئي
آمر پدارٿ تي ڪرتارٿ، سهج ڌيان لو لائيئي

اوهه سڄي خلقت جي پاليندڙ مالڪ جو نام روپي ڌن، هردي ۾ ٿي آهي، پر اهو گوروءَ جي ڪرپا سان ئي پائي سگهبو. جنهن پرش سهج سروپ ۾ ڌيان لڳايو آهي، سو نام روپي امر پدارٿ پائي ٿو ۽ اُن جا ڪم سڦل ٿين ٿا. [ڪرتارٿ = سڦلا.]

مَن ري، رام ڀڳت چت لائيئي
گورمکه رام نام جپ هردي، سهج سيتي گهر جائيئي
(اڪ رهاؤ)



ارٿ:- هي منهنجا من! رام جي ڀڳتيءَ ۾ چت لاءِ. گوروءَ
ي مکه د ئاران، رام نام جو هردي ۾ جپ ڪر ته گيان يا سانت
ن سروپ ۾ سمائجي وڃين. [سهج = گيان. گهر = سروپ.]

(٢) ڀرم ڀيد ڀئه ڪبهه نه ڇوٽسِ، آوت جات نه جاني
بِنُ هرِ نام ڪو مُڪت نه پاوِسِ، ڏوبِ مُئي بِنُ پاني

ارٿ:- واهگوروءَ جي نام کان سواءِ، ڀرم ۽ جنم مرڻ جو ڀؤ،
ڪڏهين ننهو ناس ٿئي ۽ نڪو جيو مڪتي تو حاصل ڪري سگهي.
ير بنا پاڻيءَ ٻڏي مري ٿو يعني وشين ۾ لڳي اجايو جنم وڃائي ٿو.

(٣) ڌَنڌا ڪَرتِ سگلي پتِ کووِسِ، ڀرم نه مِٽسِ گوارا
بِنُ گور سبد مُڪتِ نهي ڪبهي، آنڌلي ڌنڌ پسارا

ارٿ:- هي گنوار! دنيوي ڌنڌا ڪري ڪري، پنهنجي سموري
پت وڃائي رهيو آهين ۽ ڀرم دور ننهو ڪري سگهين. تنهنڪري
هي انڌا، تون جو دنيوي ڌنـڌن جا پسارا ڪري رهيو آهين،
سو گوروءَ جي شبد کانسواءِ، مڪتي ڪڏهين به ڪين پائي سگهندين.
[گوارا = گنوار، بي عقل. ڌنڌ پسارا = دنيوي ڌنڌن جا پسارا.]

(٤) آڪُل نِرنجن سِئه مَنُ مانِئا، مَنهي تي مَنُ مؤئا
آنتر باهرِ ايڪو جانِئا، نانڪ آوَرُ نه دوئا.

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته ڪُل کان رهت
پرماتما سان، من جڏهين راضي ٿئي ٿو، تڏهين من سروپ جي
اندر ئي مري وڃي ٿو ۽ اندر ٻاهر اهو هڪڙو ئـي واهگورو، جيو
سمجهي ٿو، جنهنڪري ٻئي ڪنهن کي ننهو سڃاڻي. [اڪل =
ڪُل کان رهت. نرنجن = مايا جي سُرمي بنا، واهگورو. مانئا =
راضي ٿئي ٿو.]





ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੧

ਜਗਨ ਹੋਮ ਪੁੰਨ ਤਪ ਪੂਜਾ ਦੇਹ ਦੁਖੀ ਨਿਤ ਦੂਖ ਸਹੈ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਮੁਕਤਿ ਨ ਪਾਵਸਿ ਮੁਕਤਿ ਨਾਮਿ ਗੁਰਮੁਖਿ ਲਹੈ ॥ ੧ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਬਿਰਥੇ ਜਗਿ ਜਨਮਾ ॥ ਬਿਖੁ ਖਾਵੈ ਬਿਖੁ ਬੋਲੀ ਬੋਲੈ ਬਿਨੁ ਨਾਵੈ ਨਿਹਫਲੁ ਮਰਿ ਭ੍ਰਮਨਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪੁਸਤਕ ਪਾਠ ਬਿਆਕਰਣ ਵਖਾਣੈ ਸੰਧਿਆ ਕਰਮ ਤਿਕਾਲ ਕਰੈ ॥ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਸਬਦ ਮੁਕਤਿ ਕਹਾ ਪ੍ਰਾਣੀ ਰਾਮ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਉਰਝਿ ਮਰੈ ॥ ੨ ॥ ਡੰਡ ਕਮੰਡਲ ਸਿਖਾ ਸੂਤੁ ਧੋਤੀ ਤੀਰਥਿ ਗਵਨੁ ਅਤਿ ਭ੍ਰਮਨੁ ਕਰੈ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਸਾਂਤਿ ਨ ਆਵੈ ਜਪਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਸੁ ਪਾਰਿ ਪਰੈ ॥ ੩ ॥ ਜਟਾ ਮੁਕਟੁ ਤਨਿ ਭਸਮ ਲਗਾਈ ਬਸਤ੍ਰ ਛੋਡਿ ਤਨਿ ਨਗਨੁ ਭਇਆ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਤ੍ਰਿਪਤਿ ਨ ਆਵੈ ਕਿਰਤ ਕੈ ਬਾਂਧੈ ਭੇਖੁ ਭਇਆ ॥ ੪ ॥ ਜੇਤੇ ਜੀਅ ਜੰਤ ਜਲਿ ਥਲਿ ਮਹੀਅਲਿ ਜਤ੍ਰ ਕਤ੍ਰ ਤੂ ਸਰਬ ਜੀਆ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ ਰਾਖਿ ਲੇ ਜਨ ਕਉ ਹਰਿ ਰਸੁ ਨਾਨਕ ਝੋਲਿ ਪੀਆ ॥ ੫ ॥ ੭ ॥ ੮ ॥

راڳ ڀيرو محلا پهلا شبد (٨)

ڪرم ڪانڊ جا ڪم اجايا آهن. ڪيول نام ئي تارينديو.

اُٿانڪا:- هن مها سندر شبد ۾ سري گورو نانڪ صاحب جن ڏنڪ پنڊت سان بحث ڪندي ڪيس ٻڌايو ته يگيه، هوم، ورت، پوڄا ۽ ٻيا ڪرم ڪانڊ جا ڪم اجايا آهن. ڪيول نام جي ئي ڪري جيو مڪتي حاصل ڪري سگهندو:-

(١) جَڳَن هوم پُنَن تَپ پُوڄا، ديهه دُکي نِت دُوکه سهي

رام نام بِن مُڪت نه پاوِس، مُڪت نام گُورمُکه لهي

اوسط:- يگيه، هوم، پن، تپسيائن ۽ پوڄائن ڪرڻ سان، ديهه کي نت دکي ڪرايو ٿا ۽ اهڙيءَ طرح ڏاڍو مشڪ پيئي دک سهي.

رام نام کانسواءِ، مڪتي نه حاصل ٿي سگهندي. اهو نام گورمک ٿي پراپت ڪن ٿا.

رام نام بنُ، ٻرٿي جڳ جنما

ٻکه کاوئي ٻکه ٻولي ٻولئي، بنُ ناوئي نهڦل مرِ ڀرمنا

(اک رهاؤ)

ارٿ:- واهگوروءَ جي نام بنا، جيو اجايو جنم وڃائي ٿو ۽ هنجو کاڌو به وک روپ آهي ته ڳالهائڻ به خراب اٿس ۽ انت ۾ مري، وري به ڀرمن ۾ پئڪي ٿو يعني جونيون ڀوڳي ٿو. [ٻرٿي =اجايو.]

(٢) پستڪ پاٺ بيا ڪرڻ وکاڻي، سنڌيا ڪرم ٿڪال ڪري

بنُ گور شبد مڪت ڪها پراڻي، رام نام بنُ اُرجهه مري

ارٿ:- جيڪڏهين ڪو پستڪن جو پاٺ ڪري، وياڪرڻ جو وياکيان ڪري ۽ سنڌيا گائتريءَ جا ڪرم ٽنهين وقتن تي ڪري، ته به هي پراڻي! گوروءَ جي شبد کانسواءِ، مڪتي ڪٿي حاصل ڪندو؟ رام نام کانسواءِ جيو خراب ٿي مرندو. [اُرجهه مريءِ = خراب ٿي مرندو.]

(٣) ڏنڊ ڪمنڊل سکا سوُت ڌوتي،

تيرٿ گوَن آت ڀرمن ڪري

رام نام بنُ سانت نه آوئي، جپ هر هر نام س پار پري

ارٿ:- ڪو جيو سنياسيءَ جهڙن سڀ شيون (ڏنڊو، ڪمنڊل، چوٽي، جڻيو ۽ ڌوتي گڏي ڪري، تيرٿن تي گهڻو پئڪي ٿو ته به رام نام کانسواءِ کيس سانت نه ملندي. ٻر جي رام نام، سچي دل سان جپيائين ته پار پوندو. [ڏنڊ=ڏنڊو. سکا = چوٽي. سوُت = جڻيو.]

(۴) جِتا مُکَتَ تِن پَسَر لڳائي، ڀَسَر جهڙ تِن لَکَن پِئا
رام نام بن ڀوڳت نه آوئي، ڪِرت ڪي ٻاڌي پيکر پِئا

اوٿيد- لوڪي جتان هو مٽي لي گوبا منڪ ڪٽي بنائي ۽ تن لي ڀبوت لڳائي ۽ ڪهڙا جڏي لنگوٽي پهڪي، نه ته رام نام بنا لوپت نه ٿي سگهندو. اهي وس اکين ڪرمن ۾ ٻڌجي ڪري هي جيو ڪري ٿو.

(۵) جيتي جيئه جنت جل ٿل مهيئل،
جٿر ڪتر تو سرب جيئا
گور پرسادي راکِلي جن ڪئي، هر رَس نانڪ جهول پيئا.

اوٿيد- سڀئي جيون جنتون، ميدانن، ڌرتي ۽ آڪاس ۾ هي مالڪ! تون ئي وسين ٿو يعني هر هنڌ تون حاضر ناظر آهين. سوي گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته مون داس کي ڪرپا ڪري رکي ورته ۽ مهر ڪري نه مان هوئي جو نرمل رس وشين کي پاسي ڪري پيئان. [جهول پيئان = وشين کي پاسي ڪري پيئان.]

ਰਾਗੁ ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩ ਚਉਪਦੇ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਜਾਤਿ ਕਾ ਗਰਬੁ ਨ ਕਰੀਅਹੁ ਕੋਈ ॥ ਬ੍ਰਹਮੁ ਬਿੰਦੇ ਸੋ ਬ੍ਰਾਹਮਣੁ ਹੋਈ ॥ ੧ ॥ ਜਾਤਿ ਕਾ ਗਰਬੁ ਨ ਕਰਿ ਮੂਰਖ ਗਵਾਰਾ ॥ ਇਸੁ ਗਰਬ ਤੇ ਚਲਹਿ ਬਹੁਤੁ ਵਿਕਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਚਾਰੇ ਵਰਨ ਆਖੈ ਸਭੁ ਕੋਈ ॥ ਬ੍ਰਹਮੁ ਬਿੰਦੁ ਤੇ ਸਭ ਓਪਤਿ ਹੋਈ ॥ ੨ ॥ ਮਾਟੀ ਏਕ ਸਗਲ ਸੰਸਾਰਾ ॥ ਬਹੁ ਬਿਧਿ ਭਾਂਡੇ ਘੜੈ ਕੁਮ੍ਹਾਰਾ ॥ ੩ ॥ ਪੰਚ

ਤਤੁ ਮਿਲਿ ਦੇਹੀ ਕਾ ਆਕਾਰਾ ॥ ਘਟਿ ਵਧਿ ਕੋ ਕਰੈ ਬੀਚਾਰਾ ॥ ੪ ॥
ਕਹਤੁ ਨਾਨਕ ਇਹ ਜੀਉ ਕਰਮ ਬੰਧੁ ਹੋਈ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਭੇਟੇ
ਮੁਕਤਿ ਨ ਹੋਈ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥

راڳ ڀيرءُ محلا تيجا گهر پهلا شبد (۱)

ايڪ اونڪار ست گرو پرساد

ذات پات جو گيرب نہ ڪر.

(۱) جاتِ ڪا گَربُ، نہ ڪَريئہُ ڪوئي
برهم بندي، سو براهمڻ هوئي

ارٿ:- هي ڀائي! ذات پات جو اهنڪار يا ايمان ڪنهنکي نہ ڪرڻ جڳائي. اُهوئي برهمڻ آهي، جو برهم (پرماتما) کي سڃاڻي ٿو. [بندي = سڃاڻي.]

جاتِ ڪا گَربُ نہ ڪَرِ، مُورکہ گَوارا
اسُ گَربُ تي چلہِ بہُتُ وِڪارا (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي مورک اڄاڻ! ذات پات جو هٺ يا ايمان نہ ڪر. انهيءَ ايمان جي ڪري، ڀيا بہ گهڻا وڪار پيدا ٿين ٿا.

(۲) چاري وَرنَ آکيِ سَڀِ ڪوئي
برهم بِندُ تي سَڀ اوپتِ هوئي

ارٿ:- هي برهمڻ! سيڪو چوي ٿو تہ چار ورن آهن. هي برهمڻ! برهما جي ٻج مان سڀ اُپتي ٿئي ٿي. [بِندُ = ٻج.]

(۳) ماٽي ايڪ سڪَلَ سنسارا
بہُ بِڌ ڀانڊي گهڙيِ ڪُمارا

ارٿ:- هڪڙيءَ ئي مٽيءَ مان، هيءُ سڄو سنسار ٺهيل آهي. ڪنڀار (ايشور) هيڪ ان مان ڀانڊا (جيو) جوڙيا يا گهڙيا آهن.

پرماڻ:- ”ڪُماريِ ايڪ جُ ماٽي گونڌي، ٻهُ ٻڌِ ٻالي لائي
ڪاهُو مهِ موتي مُڪتاهَل، ڪاهُو ٻياڌ لڳائي.“

[راڳ آسا سري ڪبير جي شبد (١٦)]

جنهنجو ارٿ آهي تہ ڪبير هڪڙي مٽي جا ڳوهي آهي تنهن مان گهڻن ئي قسمن جا ٿانو تيار ڪيا اٿس. (ڀاو- ايشور سائين پنجن تتن مان سڀ جيو جنتو پيدا ڪيا آهن، پر سڀڪنهن جو رنگ ۽ سڀاءُ نرالو نرالو رکيو اٿس). ڪن کي (گڻن روپي) موتين جي مالها ڏني اٿس ۽ ڪن پر اوگڻ روپي روڳ لڳائي ڇڏيا اٿس.

(٤) پنچہ تتُ مِلِ ديهي ڪا آڪارا
گهٽِ وڌِ ڪو ڪريِ ويچارا

ارٿ:- پنج تت ملي، هيءُ آڪار ٺهيو آهي يعني هي روپ پنجن تتن مان ٺهيل آهي (ڀاو- پرمالما پنج تت گڏي، هيءُ جيو بنايا آهن.) ڪوبہ ويچاري ڏسي تہ انهن پنجن تتن مان گهٽ وڌ ڪجهہ بہ نہ آهي.

(٥) ڪَهتُ نانڪ اهَ جيئُ، ڪرمَ بنڌ هوئي
بنُ سَتِگُرَ ڀيٽي، مُڪتِ نَ هوئي.

ارٿ:- سري گورو امرداس جن فرمائن ٿا تہ هيءُ جيو ڪرمن جي بندش ۾ ٻڌل رهي ٿو. ستگور جي ملڻ کانسواءِ مڪتيءَ جو دروازو نٿو پائي سگهي. [ڪرم بنڌ=ڪرمن ۾ ٻڌل. ڀيٽي=ملڻ.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਜੋਗੀ ਗ੍ਰਿਹੀ ਪੰਡਿਤ ਭੇਖ ਧਾਰੀ ॥ ਏ ਸੂਤੇ ਅਪਣੈ ਅਹੰਕਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਮਾਇਆ ਮਦਿ ਮਾਤਾ ਰਹਿਆ ਸੋਇ ॥ ਜਾਗਤੁ ਰਹੈ ਨ ਮੂਸੈ ਕੋਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੋ ਜਾਗੈ ਜਿਸੁ ਸਤਿਗੁਰੁ ਮਿਲੈ ॥ ਪੰਚ ਦੂਤ ਓਹੁ ਵਸਗਤਿ ਕਰੈ ॥ ੨ ॥ ਸੋ ਜਾਗੈ ਜੋ ਤਤੁ ਬੀਚਾਰੈ ॥ ਆਪਿ ਮਰੈ ਅਵਰਾ ਨਹ ਮਾਰੈ ॥ ੩ ॥ ਸੋ ਜਾਗੈ ਜੋ ਏਕੋ ਜਾਣੈ ॥ ਪਰ ਕਿਰਤਿ ਛੋਡੈ ਤਤੁ ਪਛਾਣੈ ॥ ੪ ॥ ਚਹੁ ਵਰਨਾ ਵਿਚਿ ਜਾਗੈ ਕੋਇ ॥ ਜਮੈ ਕਾਲੈ ਤੇ ਛੂਟੈ ਸੋਇ ॥ ੫ ॥ ਕਹਤ ਨਾਨਕ ਜਨੁ ਜਾਗੈ ਸੋਇ ॥ ਗਿਆਨ ਅੰਜਨੁ ਜਾਕੀ ਨੇਤ੍ਰੀ ਹੋਇ ॥ ੬ ॥ ੨ ॥

راڳ ڀيرو محلا ٽيجا شبد (٢)

غافل ڪير آهن ۽ سجاڳ ڪير آهن؟

(١) جوڳي گرهي پنڊت ڀيکه ڌاري
اي سوُتي اپڻي اهنڪاري

ارٿ:- جوڳي، گرهستي، پنڊت ۽ ڀيکه ڌاري پنهنجي اهنڪار جي ڪري اگيان روپي ننڊ ۾ سمهيا پيا آهن.

مائيا مد ماتا، رهيا سوءِ
جاڳت رهي، نه موُسي ڪوءِ (اک رهاءُ)

ارٿ:- جيڪي مايا جي نشي ۾ رتا پيا آهن، سي رهجي وڃن ٿا يعني پرماتما سان نه ٿا ملن. جيڪي جاڳيل (خبردار) رهن ٿا، سي ڪڏهين نه ٿا ٺڳجن يعني اهي پرماتما کي پائين ٿا (ڀاو- جن کي اگيان روپي ننڊ نه آهي، سي ٺڳجن نه ٿا).

(٢) سو جاڳي، جنہن سَتگُر مِلي
پنجہ دُوت اوهہ، وَس ڪَتِ ڪَري.

ارٿ:- سوئي جاڳي ٿو، جنهن کي ستگورو ملي ٿو ۽ پنجن دوتن، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار کي اهوئي وس ڪري ٿو.

(٣) سو جاڳي، جو تَتُ وِيچاري
آپِ مَري، اَوَرا نہ ماري.

ارٿ:- اهوئي سڄاڳ آهي جو تت يا مول (پرماتما) جو ويچار ڪري ٿو. پاڻ ماري هلي ٿو ۽ ٻين کي ڏک نٿو رسائي.

(٤) سو جاڳي، جو ايڪو جاڻي
پرڪِرِتِ ڇوڏي، تَتُ پَڇاڻي.

ارٿ:- اهوئي جاڳي ٿو جو هڪ پرماتما کي جاڻي ٿو ۽ ٻين جي (پرڪرتي) خوشامد ڇڏي، تت (ايشور) کي سڃاڻي ٿو.

(٥) چَہُ وَرنا وِچہ، جاڳي ڪوهہ
جَمي ڪالي تي، ڇُوٽي سوهہ.

ارٿ:- چئن ئي ورنن ۾ ڪو ورلي آهي جو سڄاڳ رهي ٿو ۽ اهوئي جم ڪال کان ڇٽل آهي.

(٦) ڪَہَت نانڪ جَن جاڳي سوهہ
گيانَ اَنجن جاڪي نيتري دوهہ.

ارٿ:- سري گورو امرديو جن چون ٿا ته اهوئي سڄاڳ آهي، جنهنجي ٻنهي ۽ نيترن ۾، گيان جو سرمو آهي. [انجن = سرمو.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਜਾਕਉ ਰਾਖੈ ਅਪਣੀ ਸਰਣਾਈ ॥ ਸਾਚੇ ਲਾਗੈ ਸਾਚਾ ਫਲੁ ਪਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰੇ ਜਨ ਕੈ ਸਿਉ ਕਰਹੁ ਪੁਕਾਰਾ ॥ ਹੁਕਮੇ ਹੋਆ ਹੁਕਮੇ ਵਰਤਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਏਹੁ ਆਕਾਰੁ ਤੇਰਾ ਹੈ ਧਾਰਾ ॥ ਖਿਨ ਮਹਿ ਬਿਨਸੈ ਕਰਤ ਨ ਲਾਗੈ ਬਾਰਾ ॥ ੨ ॥ ਕਰਿ ਪ੍ਰਸਾਦੁ ਇਕੁ ਖੇਲੁ ਦਿਖਾਇਆ ॥ ਗੁਰ ਕਿਰਪਾ ਤੇ ਪਰਮ ਪਦੁ ਪਾਇਆ ॥ ੩ ॥ ਕਹਤ ਨਾਨਕੁ ਮਾਰਿ ਜੀਵਾਲੇ ਸੋਇ ॥ ਐਸਾ ਬੂਝਹੁ ਭਰਮਿ ਨ ਭੂਲਹੁ ਕੋਇ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا ٽيجا شبد (٣)

”حُڪمےء اَندَرِ سڀُڪو، ٻاهَرِ حُڪم نہ ڪوء“

[سري جپ صاحب]

(١) جاڪئُہ راکئ آپڻي سرڻائي

ساچي لاڳئ ساچا ڦلُ پائي

ارٿ:- جنهن کي ايشور پنهنجي سرڻ ۾ رکي ٿو، سو سچي گوروءَ کي لڳي، سچو نام روپي ڦل پائي ٿو.

ري جَنَ ڪئ سِئُہ ڪَرهُ پُڪارا

حُڪمي هوئا حُڪمي وَرتارا (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! ڪنهنکي تو پڪار ڪرين؟ ڇو تہ پرماتما جي حڪم سان پيدا ٿيو آهين ۽ ان جي حڪم سان ئي تنهنجو ورتارو سنسار ۾ ٿئي ٿو، تنهنڪري تنهنجو دک وغيره پرماتما کان سواءِ ڪير ٻڌندو؟

(٢) ايهُہ آڪارُ، تيرا هئ ڌارا

کِنَ مهہ بِنسئ، ڪَرتَ نہ لاڳئ بارا

ارٿ:- هيءَ ٻنهيجو سرشٽي پرماتما جو بنايل آهي، جو ڪن ۾
ناس ٿو ٿئي. ان کي ناس ڪرڻ ۾، ايشور کي ويرم نه ٿي لڳي.

(٣) ڪر پرساد، اڪ کيل ڏکائيا
گور ڪرپا تي، پرم پد پائيا

ارٿ:- ته ڀاؤ ديا ڪري، هيءَ هڪ کيل رچيو آهي، جو
گوروءَ جي ڪرپا سان ئي جمو پرم (اوچو) پد پائي سگهي ٿو.

پرماڻ:- ”ڪر ڪرپا تي سنت ڀيٽيا، نانڪ من پرگاس.“

(٤) ڪهت نانڪ، مار جيوالي سوءِ
آئيسا بوجهه، ڀرم نه ڀولهه ڪوءِ.

ارٿ:- سري گورو امرداس جن فرمائين ٿا ته ماري ۽ اوڙي
جياري واري، اهو ئي هڪ پرماتما آهي. (پرماڻ:- ”ماري راکي
ايڪو آپ - مانک کي ڪجهه ناهي هاٿ.“ سکمني صاحب.) اهو
جيڪو هن کي سمجهي ٿو ته اهو ڀرم ۾ نه ٿو ڀلجي وڃي.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਮੈ ਕਾਮਣਿ ਮੇਰਾ ਕੰਤੁ ਕਰਤਾਰੁ ॥ ਜੇਹਾ ਕਰਾਏ ਤੇਹਾ ਕਰੀ ਸੀਗਾਰੁ ॥੧॥ ਜਾਂ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਤਾਂ ਕਰੇ ਭੋਗੁ ॥ ਤਨੁ ਮਨੁ ਸਾਚੇ ਸਾਹਿਬ ਜੋਗੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਉਸਤਤਿ ਨਿੰਦਾ ਕਰੇ ਕਿਆ ਕੋਈ ॥ ਜਾਂ ਆਪੇ ਵਰਤੈ ਏਕੋ ਸੋਈ ॥ ੨ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਪਿਰਮ ਕਸਾਈ ॥ ਮਿਲਉਗੀ ਦਇਆਲ ਪੰਚ ਸਬਦ ਵਜਾਈ ॥ ੩ ॥ ਭਨਤਿ ਨਾਨਕੁ ਕਰੇ ਕਿਆ ਕੋਇ ॥ ਜਿਸਨੋ ਆਪਿ ਮਿਲਾਵੈ ਸੋਇ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

راڳ پيرڀ محلا تيجا شبد (۴)

هيءَ تن من پريوءَ لاءِ ئي آهي

(۱) ميءَ ڪامڻِ ميرا ڪنتُ ڪرتارُ
جيها ڪرائي، تيها ڪري سيگارُ

ارٿ:- سري گورو امرداس صاحب جن چون ٿا تہ مان آهيان هڪ جيو روپي استري ۽ منهنجو ڀتار ڪرتار (ايشور) آهي. جهڙو سينگار مونکي پاڻ ڪرائي ٿو، اهوئي ڪريان ٿي.

جانْ تِسُ ڀاوي، ڌانْ ڪري ڀوڳُ
تنُ منُ ساچي صاحب جوڳُ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- جڏهين سڄو شڪيوان پرماتما کي وڻي ٿو، تڏهين هو ڀوڳ ڪري ٿو يعني جيو جو پاڻ سان ميلاپ ڪري ٿو. هيءَ تن توڙي من ساچي صاحب جي لاءِ ئي آهي. [جوڳُ=لاءِ، واسطي.]

(۲) اُستت نِندا، ڪري ڪِئا ڪوئي
جا آپي وَرتيءِ ايڪو سوئي

ارٿ:- جڏهين هو هڪڙوئي سڀ ۾ ورتي ٿو تہ پوءِ ساراه يا گلا ڪري، جيوُ ڇا ڪندو؟

(۳) گور پرساديِ، پرم ڪسائي
ملڱڪي دئيال، پنچ شبد وَجائي

ارٿ:- گوروءَ جي ڪرپا سان، پريم جي ڪشش يا ڇڪ ٿئي ٿي يعني پريوُ پاڻ ڏانهن گهرائي ٿو. پوءِ ديالو پرماتما سان ملڻ ڪري، دسوين دئار ۾ جي پنج شبد وڄن ٿا، تن جي سوجهي پوي ٿي. [ڪسائي = ڪشش يا ڇڪ. وجائي = وڄن ٿا.]

(٤) ڀنت نانڪ، ڪري ڪِنا ڪوء
جِسدو آپ، مِلاوي سوء.

ارٿ:- سري گورو امرداسو جي فرمائين ٿا لـه هينئر وڳون ڪير وڃڻي سگهندو؟ جنهنکي پرماتما پاڻ سان ملائي ٿو، سوئي اُن سان ملي ٿو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਸੋ ਮੁਨਿ ਜਿ ਮਨ ਕੀ ਦੁਬਿਧਾ ਮਾਰੇ ॥ ਦੁਬਿਧਾ ਮਾਰਿ ਬ੍ਰਹਮੁ ਬੀਚਾਰੇ ॥ ੧ ॥ ਇਸੁ ਮਨ ਕਉ ਕੋਈ ਖੋਜਹੁ ਭਾਈ ॥ ਮਨੁ ਖੋਜਤ ਨਾਮੁ ਨਉਨਿਧਿ ਪਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮੂਲੁ ਮੋਹੁ ਕਰਿ ਕਰਤੈ ਜਗਤੁ ਉਪਾਇਆ ॥ ਮਮਤਾ ਲਾਇ ਭਰਮਿ ਭੋੁਲਾਇਆ ॥ ੨ ॥ ਇਸੁ ਮਨ ਤੇ ਸਭ ਪਿੰਡ ਪਰਾਣਾ ॥ ਮਨ ਕੈ ਵੀਚਾਰਿ ਹੁਕਮੁ ਬੁਝਿ ਸਮਾਣਾ ॥ ੩ ॥ ਕਰਮੁ ਹੋਵੈ ਗੁਰੁ ਕਿਰਪਾ ਕਰੈ ॥ ਇਹੁ ਮਨੁ ਜਾਗੈ ਇਸੁ ਮਨ ਕੀ ਦੁਬਿਧਾ ਮਰੈ ॥ ੪ ॥ ਮਨ ਕਾ ਸੁਭਾਉ ਸਦਾ ਬੈਰਾਗੀ ॥ ਸਭ ਮਹਿ ਵਸੈ ਅਤੀਤੁ ਅਨਰਾਗੀ ॥ ੫ ॥ ਕਹਤ ਨਾਨਕੁ ਜੋ ਜਾਣੈ ਭੇਉ ॥ ਆਦਿ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰੰਜਨ ਦੇਉ ॥ ੬ ॥ ੫ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا ٽيجا شبد (٥)

(١) سو مُنِ، جِ مَنَ ڪي دُبِڌا ماري
دُبِڌا مارِ، برهم بيچاري

ارٿ:- اهوئي مُني آهي، جو من جي دبڌا يعني ٻيائي ماري ٿو؛ ٻيائي ماري، برهم جو ويچار ڪري ٿو.

اِسُ مَن ڪَئُ، ڪوئي کوجهُ ڀائي
مَنُ کوجَتَ، نامُ نَؤنِدِ پائي　　(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! جيڪو هن من کي کوجيندو، سو نام روپي خزانو پائيندو. "من جيتئي جڳ جيت." [سري جپ صاحب پؤڙي (٢٨)]

(٢) مؤل موهہ کرِ، ڪرتئِ جڳتُ اُپائيا
ممتا لاءِ ڀرم ڀولائيا

ارٿ:- اگيان، جو مؤل يا منڍ موهہ جو آهي، سو بنائي، ڪرتار جڳت پيدا ڪيو آهي. ممتا جي ڪري، جيون کي ڀرم ۾ ڀلايو اٿس.

(٣) اسُ من تي، سڀ پنڊُ پراڻا
من کي ويچار، حڪم ٻجهہ سماڻا

ارٿ:- هن من روپي پرماتما کان ئي پران ۽ سرير پيدا ٿيل آهن. (من حقيقت ڪري پرماتما جو روپ آهي. "اي من، تون جوت سروپ هين، اپنا مؤل پڇاڻ.) انهي من سان ويچار ڪرڻ سان، حڪم کي سمجهي، انسان ايشور ۾ سمائجي سگهي ٿو. [پنڊ=سرير. پراڻا = پراڻ.]

(٤) ڪرمُ هووئِ، گور ڪرپا ڪرئِ
ايهہ منُ جاڳئِ، اسُ من کي دبڌا مرئِ

ارٿ:- جيڪڏهين جيو جا چڱا ڪرم يعني پورب ڪرم اُتم آهن ته هن تي گوروءَ جي ڪرپا درشٽي ٿئي ٿي. هيءُ من، جو اگيان جي ننڊ ۾ سُتل آهي، سو جڏهين جاڳي ٿو تڏهين انجي ڀيائي ناس ٿي ٿئي. [ڪرم = چڱا ڪرم. دبڌا=ڀيائي.]

(٥) منَ کا سڀاءُ، سدا ٻئراڪي
سڀ مهہ وسئِ، آتيتُ آٽراڪي

راڳ پيرڀ محلا تيجا شبد (۷)
نام جي مهما

(۱) نامي آڌري سڀ جڳني لوءِ
گورمکہ، جنا پراپت هوءِ

اوٿ:- جيترا بہ لوڪن جا جيو آهن، سي سڀ نام جي سمرن ڪري ئي تري پار ٿيا آهن. اهو نام روپي ڌن جيون کي گورمکن جي ڌارن پراپت ٿئي ٿو.

ڪرِ جيئہ آپڻي ڪرپا ڪريئہ
گورمکہ نام وڏائي ديئہ (اڪ رهاءُ)

اوٿ:- جڏهين هري پڻهنجي ڪرپا ڪري ٿو، تڏهين گورمکن کي نام جي وڏائي ملي ٿي.

(۲) رام نام جن پريت پيار
آپ اڌري، سڀ ڪل اڌارڻ هار

اوٿ:- جن جو رام نام سان پيار يا پريت آهي سي پاڻ بہ ڀوساگر مان تري وڃن ٿا، ۽ پاڻ سان گڏ سڀ ڪُل تارين ٿا.

(۳) بن ناوي، منمکہ جم پر جاہ
اؤکي هووہ چوٽا کاہ

اوٿ:- جو منمکہ نام کان وهين رهي ٿو، سو جم ڀرُوي ۾ وڃي ٿو. هو جم جا ڏنڊا کائي ٿو ۽ گهڻا ڏک ٿو سهي.

(۴) آپي ڪرتا ديوي سوءِ
نانڪ نام پراپت هوءِ.

اوٿ:- سري گورو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا تہ پربو پاڻ جيڪي نام ڏئي ٿو، انهي کي ئي نام روپي اکند ڀنڊار جي [illegible]ٿي.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਗੋਵਿੰਦ ਪ੍ਰੀਤਿ ਸਨਕਾਦਿਕ ਉਧਾਰੇ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮ ਸਬਦਿ ਬੀਚਾਰੇ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਜੀਉ ਅਪਣੀ ਕਿਰਪਾ ਧਾਰੁ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਨਾਮੇ ਲਗੈ ਪਿਆਰੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅੰਤਰਿ ਪ੍ਰੀਤਿ ਭਗਤਿ ਸਾਚੀ ਹੋਇ ॥ ਪੂਰੈ ਗੁਰ ਮੇਲਾਵਾ ਹੋਇ ॥ ੨ ॥ ਨਿਜ ਘਰਿ ਵਸੈ ਸਹਜਿ ਸੁਭਾਇ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਨਾਮੁ ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ੩ ॥ ਆਪੇ ਵੇਖੈ ਵੇਖਣਹਾਰੁ ॥ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਰਖਹੁ ਉਰਧਾਰੁ ॥ ੪ ॥ ੮ ॥

راڳ ڀيرءُ محلا تيجا شبد (۸)

جنهجي اندر ۾ پريت، تنهجي ڀڳتي سچي

(۱) گووند پريت، سنڪادڪ اُڌاري

رام نام شبد بيچاري

ارٿ:- گوبند جي پريت ڪري، سنڪ، سنندن، سناتن ۽ سنت ڪمار (برهما جا چار پٽ) اُڌري ويا يعني تري پار پيا. هنن رام نام جو شبد وٽي، انهي تي ويچار ڪيو.

هر جيئُ آپڻي ڪرپا ڌارُ

گورمکِ نامي لڳئي پيارُ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- جڏهين هري پنهنجي چڱي نظر ڪري ٿو، تڏهين ئي گورمک جو، رام نام سان سچو پيار لڳي ٿو.

(۲) آنترِ پريت، ڀڳت ساچي هوءِ

پُوري گور ميلاوا هوءِ

ارٿ:- جن جي اندر ۾ پريت آهي، تن جي ڀڳتي سچي آهي ۽ پوءِ انهنجو پوري گوروءَ سان ميلاپ ٿئي ٿو.

(۳) نِج گهرِ وَسئي، سهجِ سڀاءِ

گورمکِ نامُ وَسئي مَنِ آءِ

ارتھ:- اھی پرش سچھیتی یا سالنبکی سیاء کوی، لج سروپ (پرماتما) پر وسن تا. الھن گورمکن جی مسن پر نام اچی وسی او.

(۴) آپي ويکيۓ، ويکرݨ ھارُ
نانکؔ نامُ رکھہُ اُرڈارِ.

ارتھ:- ڈسݨ والو واھگورو باݨ ني لماشو بنائي ڈسي ويلو. سري گورو امرديو جي فرمانبن تا کہ "ھی پائی! نام کي اوھين ھردي پر ڈاربو." [ار = ھردو.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਕਲਜੁਗ ਮਹਿ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਉਰਧਾਰੁ ॥ ਬਿਨੁ ਨਾਵੈ ਮਾਥੈ ਪਾਵੈ ਛਾਰੁ ॥ ੧ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਦੁਲਭੁ ਹੈ ਭਾਈ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਜਨ ਭਾਲਹਿ ਸੋਇ ॥ ਪੂਰੇ ਗੁਰ ਤੇ ਪ੍ਰਾਪਤਿ ਹੋਇ ॥੨॥ ਹਰਿ ਕਾ ਭਾਣਾ ਮੰਨਹਿ ਸੇ ਜਨ ਪਰਵਾਣੁ ॥ ਗੁਰ ਕੈ ਸਬਦਿ ਨਾਮ ਨੀਸਾਣੁ ॥ ੩ ॥ ਸੋ ਸੇਵਹੁ ਜੋ ਕਲ ਰਹਿਆ ਧਾਰਿ ॥ ਨਾਨਕ ਗੁਰਮੁਖਿ ਨਾਮ ਪਿਆਰਿ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥

پیرو محلا تیجا شبد (۹)

(۱) کلجگ مہِ، رام نام اُرڈارُ
بِنُ ناوۓ، ماتھۓ پاوۓ چھارُ

ارتھ:- ھی پائی! ھن کلجگ دی سمےی پر، رام نام دل پر ڈارو نام کالسواء متھی پر ڈوڑ پولدء یعني حمر ني اجایو ويندء.

رام نامُ، دُلبھُ ھیۓ پائي
گورِ پرسادِ، وسۓ منِ آئي   (اک رھاو)

ارتھ:- ھي پائي! رام نام وڈو دولبھ آھي يعني پاݨ ڈکبو جي. گوروء دی کرپا سان ني، نام من پر اچي وسي او.

(٢) رام نام جن پالِهِ سوءِ
پوُري گور تي پراپت هوءِ

ارٿ:- رام نام، اهو جن (داس) ني ڳولي ٿـو، جنهن کي پوري گوروءَ کان، نام جي پراپت ڪرڻ جي ٻوُجهه ملي آهي.

(٣) هرِ ڪا ڀاڻا منني، سي جن پرواڻُ
گور ڪي شبدِ، نامِ نيشاڻُ

ارٿ:- جي پرماتما جي ڀاڻي تي راضي رهن ٿـا، يعني ڀاڻو مڃو ڪري پوڄين ٿا، سي داس ني درگاهه ۾ قبول پون ٿا. اهي گوروءَ جي شبد جي پراپتيءَ ڪري نام جپي، پرگهٽ ٿين ٿـا.
[نيشاڻ = پرگهٽ ٿين ٿا.]

(٤) سو سيوهُ، جو ڪل رکِما ڌارِ
نانڪ، گورمکهِ نامِ پيارِ.

ارٿ:- انهيءَ سرو شڪتيوان جي شيوا ڪريو، جو سڀني کي، ڪلا يا شڪتيءَ سان ڌاري ويٺو آهي. گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته گورمکن جي مکهه دُئاران نام سان پيار ڪريو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਕਲਜੁਗ ਮਹਿ ਬਹੁ ਕਰਮ ਕਮਾਹਿ ॥ ਨਾ ਰੁਤਿ ਨ ਕਰਮ ਥਾਇ ਪਾਹਿ ॥ ੧ ॥ ਕਲਜੁਗਿ ਮਹਿ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਹੈ ਸਾਰੁ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਸਾਚਾ ਲਗੈ ਪਿਆਰੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤਨੁ ਮਨੁ ਖੋਜਿ ਘਰੈ ਮਹਿ ਪਾਇਆ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਰਾਮ ਨਾਮਿ ਚਿਤੁ ਲਾਇਆ ॥ ੨ ॥ ਗਿਆਨ ਅੰਜਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਤੇ ਹੋਇ ॥ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਰਵਿ ਰਹਿਆ ਤਿਹੁ ਲੋਇ ॥੩॥ ਕਲਿਜੁਗ ਮਹਿ ਹਰਿ ਜੀਉ ਏਕੁ ਹੋਰ ਰੁਤਿ ਨ ਕਾਈ ॥ ਨਾਨਕ ਗੁਰਮੁਖਿ ਹਿਰਦੈ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਲੇਹੁ ਜਮਾਈ ॥ ੪ ॥ ੧੦ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا تيجا شبد (١٠)

(١) ڪلجُگ مَهِ، ٻهُ ڪَرَمَ ڪمائِ
نا رُت نَ ڪَرم ٿاءِ پائِ

ارٿ:- هي ڀائي! جيئن، ڪلجُگ ۾ گهڻائي ڪرم ڪئي ڪمائن، پر (ڪلجُگ جو سمو) ڪرمن ڪمائڻ جي رت=موسم نه آهي، تنهنڪري اهي ڪرم قبول ٿيندا. [ٿاءِ پائِ=قبول ٿيندا.]

ڪَلجُگ مہِ، رام نام هيءِ سارُ
گُورمُک ساچا لَگيءَ پيارُ　(اِڪ رهائُ)

ارٿ:- ڪلجُگ ۾ رام نام ئي سريشٽ آهي. گورمکن جو سچي (ايشور) سان پيار لڳي ٿو.

پرمان:- ”اب ڪلوُ آئِيو ري، اِڪُ نام بووهُ بووهُ
اَنَ رُت ناهي ناهي، مَت ڀرم ڀُولهُ ڀُولهُ.“

[بسنت محلا پنجوان]

(٢) تَنُ مَنُ کوجِ، گهرهِ مَهِ پائِيا
گُورمُکِ رام نامِ چِت لائِيا

ارٿ:- گورمکن تن من جي ڳولا ڪري، داتار کي گهر ۾ ئي يعني هردي ۾ ئي پاتو آهي. جيئن ته چيل آهي ”ڍونڍيندو او منجهه آهي رام، جيو ڀيو ڍونڍ ڍونڍ ڍوڙين؟“ گورمکن رام نام ۾ ئي چت لڳايو آهي.

(٣) گِيان اَنجَنُ، ستگُورَ تي هوءِ
رام نامُ، رَوِ رهِيا تِهُ لوءِ

ارٿ:- گيان روپي سرمو، ستگوروءَ جي بخشش سان ئي جيون کي پراپت ٿئي ٿو. پوءِ اهي گورمک سمجهن ٿا ته رام نام ئي ٽنهي لوڪن ۾ وياپي رهيو آهي.

(٤) ڪلجُگ مهِ هرِ جيئُ ايڪُ ڍو ورتِ نہ ڪائي
نانڪ گورمکِ هردئِ رام نامُ ليهُ جمائي.

ارٿ:- ڪلجگ کانسواءِ ٻي ڪابہ موسوم نام جپڻ جي نہ آهي، تنهنڪري گورمکن دنارن هردي ۾ رام نام جمائي ونو يعني ڌاريو يا درڙ ڪريو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩ ਘਰੁ ੨

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਦੁਬਿਧਾ ਮਨਮੁਖ ਰੋਗਿ ਵਿਆਪੇ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਜਲਹਿ ਅਧਿਕਾਈ ॥ ਮਰਿ ਮਰਿ ਜੰਮਹਿ ਠਉਰ ਨ ਪਾਵਹਿ ਬਿਰਥਾ ਜਨਮੁ ਗਵਾਈ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰੀਤਮ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਦੇਹੁ ਬੁਝਾਈ ॥ ਹਉਮੈ ਰੋਗੀ ਜਗਤੁ ਉਪਾਇਆ ਬਿਨੁ ਸਬਦੈ ਰੋਗੁ ਨ ਜਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਿੰਮ੍ਰਿਤਿ ਸਾਸਤ੍ਰ ਪੜਹਿ ਮੁਨਿ ਕੇਤੇ ਬਿਨੁ ਸਬਦੈ ਸੁਰਤਿ ਨ ਪਾਈ ॥ ਤ੍ਰੈਗੁਣ ਸਭੇ ਰੋਗਿ ਵਿਆਪੇ ਮਮਤਾ ਸੁਰਤਿ ਗਵਾਈ ॥ ੨ ॥ ਇਕਿ ਆਪੇ ਕਾਢਿ ਲਏ ਪ੍ਰਭਿ ਆਪੇ ਗੁਰ ਸੇਵਾ ਪ੍ਰਭਿ ਲਾਏ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੋ ਪਾਇਆ ਸੁਖੁ ਵਸਿਆ ਮਨਿ ਆਏ ॥ ੩ ॥ ਚਉਥੀ ਪਦਵੀ ਗੁਰਮੁਖਿ ਵਰਤਹਿ ਤਿਨ ਨਿਜ ਘਰਿ ਵਾਸਾ ਪਾਇਆ ॥ ਪੂਰੈ ਸਤਿਗੁਰਿ ਕਿਰਪਾ ਕੀਨੀ ਵਿਚਹੁ ਆਪੁ ਗਵਾਇਆ ॥ ੪ ॥ ਏਕਸੁ ਕੀ ਸਿਰਕਾਰ ਏਕ ਜਿਨਿ ਬ੍ਰਹਮਾ ਬਿਸਨੁ ਰੁਦ੍ਰੁ ਉਪਾਇਆ ॥ ਨਾਨਕ ਨਿਹਚਲੁ ਸਾਚਾ ਏਕੋ ਨਾ ਓਹੁ ਮਰੈ ਨ ਜਾਇਆ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥ ੧੧ ॥

راڳ ڀيرءُ محلا ٽيجا گهر دوجا شبد (١١)

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

اُٿانڪا:- سري گورو امرداس صاحب جي اڳيان سنگت سوال ڪيو تہ ديا پالي منمکن ۽ گورمکن جا ڪم ٻڌايو، جنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

راڳ ڀيرءُ محلا ٽيجا شبد (١٠)

(١) ڪلجڳ مهه، ٻهُه ڪرم ڪمامِ
نا رُتِ نهَ ڪرم ٿاءِ پامِ

ارٿ:- هي ڀائي! جيئن، ڪلجڳ ۾ گهڻائي ڪرم ڪٽي ڪمائين، پر (ڪلجڳ جو سمو) ڪرمن ڪمائڻ جي رت=موسم ٽي نه آهي، تنهن ڪري اهي ڪرم قبول ٿيندا. [ٿاءِ پاهِ=قبول ٿيندا.]

ڪلجڳ مهِ، رام نامُ هيِ سارُ
گُرمکِ ساچا لَگي پيارُ (١ رهاءُ)

ارٿ:- ڪلجڳ ۾ رام نام ئي سريشٽ آهي. گُرمکن جو سچي (ايشور) سان پيار لڳي ٿو.

پرماڻ:- "آپ ڪلوُ آئيو ري، اڪُ نام بوُوهُ بوُوهُ
آن رُتِ ناهي ناهي، مَت ڀرم ڀُولهُ ڀُولهُ."
[بسنت محلا پنجوان]

(٢) تنُ منُ کوجِ، گهرهِ مهِ پائِنا
گُرمکِ رام نامِ چتُ لائِنا

ارٿ:- گُرمکن تن من جي ڳولا ڪري، داتار کي گهر ۾ ئي يعني هردي ۾ ئي پاتو آهي. جيئن ته چيل آهي "ڍونڍيندو آهين منجهه آهي رام، ڇو ٿو ڏيهه جا ڏونگر ڏورين؟" گُرمکن رام نام ۾ ئي چت لڳايو آهي.

(٣) گيانُ انجنُ، ستگُرُ تي هوءِ
رام نامُ رويِ رهيا تهُ لوءِ

ارٿ:- گيان روپي سرمو، ستگورو جي بخشش سان ئي جيون کي پراپت ٿئي ٿو. پوءِ اهي گُرمک سمجهن ٿا ته رام نام ئي ٽنهي لوڪن ۾ وياپي رهيو آهي.

(٤) ڪلجگ مهہ ڪر جيئہ ايڪ ہو رت نہ ڪائي
نانڪ گورمکہ ہردئي رام نام ليہہ جمائي.

ارٿ:- ڪلجگ ڪانسواءِ ٻي ڪابہ موسوم نام جپڻ جي نہ آهي، تنهنڪري گورمکن ڏنائن هردي ۾ رام نام جمائي ونو يعني ڏاريو يا ڏرڙ ڪريو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩ ਘਰੁ ੨

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਦੁਬਿਧਾ ਮਨਮੁਖ ਰੋਗਿ ਵਿਆਪੇ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਜਲਹਿ ਅਧਿਕਾਈ ॥ ਮਰਿ ਮਰਿ ਜੰਮਹਿ ਠਉਰ ਨ ਪਾਵਹਿ ਬਿਰਥਾ ਜਨਮੁ ਗਵਾਈ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰੀਤਮ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਦੇਹੁ ਬੁਝਾਈ ॥ ਹਉਮੈ ਰੋਗੀ ਜਗਤੁ ਉਪਾਇਆ ਬਿਨੁ ਸਬਦੈ ਰੋਗੁ ਨ ਜਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਿੰਮ੍ਰਿਤਿ ਸਾਸਤ੍ਰ ਪੜਹਿ ਮੁਨਿ ਕੇਤੇ ਬਿਨੁ ਸਬਦੈ ਸੁਰਤਿ ਨ ਪਾਈ ॥ ਤ੍ਰੈਗੁਣ ਸਭੇ ਰੋਗਿ ਵਿਆਪੇ ਮਮਤਾ ਸੁਰਤਿ ਗਵਾਈ ॥ ੨ ॥ ਇਕਿ ਆਪੇ ਕਾਢਿ ਲਏ ਪ੍ਰਭਿ ਆਪੇ ਗੁਰ ਸੇਵਾ ਪ੍ਰਭਿ ਲਾਏ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੋ ਪਾਇਆ ਸੁਖੁ ਵਸਿਆ ਮਨਿ ਆਏ ॥ ੩ ॥ ਚਉਥੀ ਪਦਵੀ ਗੁਰਮੁਖਿ ਵਰਤਹਿ ਤਿਨ ਨਿਜ ਘਰਿ ਵਾਸਾ ਪਾਇਆ ॥ ਪੂਰੈ ਸਤਿਗੁਰਿ ਕਿਰਪਾ ਕੀਨੀ ਵਿਚਹੁ ਆਪੁ ਗਵਾਇਆ ॥ ੪ ॥ ਏਕਸੁ ਕੀ ਸਿਰਕਾਰ ਏਕ ਜਿਨਿ ਬ੍ਰਹਮਾ ਬਿਸਨੁ ਰੁਦ੍ਰ ਉਪਾਇਆ ॥ ਨਾਨਕ ਨਿਹਚਲੁ ਸਾਚਾ ਏਕੋ ਨਾ ਓਹੁ ਮਰੈ ਨ ਜਾਇਆ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥ ੧੧ ॥

راڳ ڀيرءُ محلا تيجا گهر دوجا شبد (١١)

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

اُٿانڪا:- سري گورو آمرداس صاحب جي اڳيان سنگت سوال ڪيو تہ ديا ڀالي منمکن ۽ گورمکن جا ڪم ٻڌايو، جنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

(١) ڏيدا منمکہ روڳ وِيائپي، تِرِسنا جلهہ آڳِڪائي
مرمر جنمهہ ٺؤر نہ پاوهہ، بِرٿا جنم گوائي

ارٿ:- منمک دنيمت ڀاو روپي روڳ ۾ وياپيا رهن ٿا ۽ ترشنا روپي اگن ۾ جلن ٿا. ٻيو ارٿ:- دنيمت ڀاو ڪري، منمکن کي هؤميءِ جا يا دنيوي روڳ وڌهن ٿا ۽ تمام گهڻي ترشنا جي ڪري جلن ٿا. بار بار مري ڪري، هو ايڪ جنمن ۾ اچن وڃن ٿا ۽ ٺؤر = ٺانءِ نٿا پائين. اهڙيءَ طرح جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچن ٿا ۽ امولڪ مانکا ديهي وڃائين ٿا.

ميري پريتم، ڪرِ ڪرپا ديهہ ٻجهائي
هؤميءِ روڳي جڳت اُپائيا، بنُ شبدي روڳ نہ جائي
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- منهنجي پريتم، ديا درشٽيءَ جي نظر ڪري، مونکي اهو اپديش ڏاو نہ هوميءِ روپي روڳ، هن اُپايل جڳت ۾، گورن جي شبد کان سواء ڪڏهين نہ ويندو.

(٢) سِمرت شاستر پڙهہ مُن ڪيتي، بِنُ شبدي سُرت نہ پائي
ترِيءِ گُڻ سڀيءِ روڳ وِياپي، ممتا سُرت گوائي

ارٿ:- ڪيترائي مُني، (٢٧) سمرتيون ۽ (٦) شاستر پڙهن ٿا، پر گورن جي اپديش کانسواء گيان نٿا پائي سگهن. ٽن گڻن (رجو، تمو ۽ ستو) جي ڪري، سڀ جيو هؤميءِ جي روڳ ۾ قائل رهن ٿا ۽ ممتا جي ڪري، گيان نہ ٿا پائي سگهن.

(٣) اِڪِ آپي ڪاڍِ لئي پرڀ آپي، گور شيوا پرڀ لائي
هر ڪا نام نِدانو پائيا، سکہ وسيا مَن آئي

ارٿ:- ڪڙن گورمکن کي پرڀو پاڻ، پاڻيهي گورن جي شيوا ۾ لڳائي ٿو ۽ اهڙيطرح هؤمي روپي روڳ کان بچائي وٺي ٿو. پوء

هو هريءَ جو نام روپي خزانو پائين ٿا ۽ سک شانتي اچي سندن
من ۾ واسو ٿي ڪري يعني سک شانتي پراپت ڪن ٿا.

(٤) چؤٿي پدوي گورمکهِ وَرتيہِ، تِن نِجهہ گهرِ واسا پائِئا
پُورِءِ سَتِگورِ ڪِرَپا ڪيني، وِچهہ آپُ گوائِئا

ارٿ:- گورمکھ چوٿين پدوي (تُريا اوستا) ۾ وڃن ٿا يعني
رهن ٿا ۽ نج سروپ پرماتما ۾ وسن ٿا. پوري گورو ءَ مٿن ڪرپا
درشٽي ڪئي، جنهن ڪري پاڻ مان، آپو ياءَ ڪڍي ڇڏيائون.

(٥) ايڪَس ڪي سِرڪار ايڪ، جِن برهما بِسن رُدر اُپائِئا
نانڪ نِهچلُ ساچا ايڪو، نا اوهہ مريءِ نہ جائِئا.

ارٿ:- اُنهيءَ هڪڙي پرماتما جي ئي حڪومت، هوءِ ڪ جيو مٿان
آهي، جنهن پرماتما برهما، وشنو ۽ شوُ مهراج پيدا ڪيا آهن.
گورو امرديو جن فرمائين ٿا تہ اهو هڪڙو ئي پرماتما، قائم ۽ سچو
آهي ۽ نہ ... ٿو ۽ نہ جمي ٿو يعني پاڻيهي پيدا ٿيو آهي.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੩

ਮਨਮੁਖਿ ਦੁਬਿਧਾ ਸ[illegible] ਰੋਗੀ ਰੋਗੀ [illegible]
ਬੂਝਹਿ ਰੋਗੁ ਗਵਾਵਹਿ [illegible] ਚਾਰਾ ॥ ੧
ਸੰਗਤਿ ਮੇਲਾਇ ॥ ਨਾ[illegible] ਵਡਿਆ
اُٿانڪا:- ھڪ دفعي ھندن ۽ مسلمانن گڏجي ڀڳت ڪبير صاحب جن کان پڇيو تہ ڪسائين ڪير آھي ۽ الله ڪير آھي ۽ توھين ڪنھنجي اُپاسنا ڪندا آھيو ۽ توھانجو نشچو ھندن جي ڌرم ۾ آھي يا مسلمانن جي مذھب ۾ آھي. انھن سوالن جي جواب ۾ ڀڳت ڪبيرصاحب جن ڪين ھيٺيون سندر اپديش ڏنو. اھو ويچار گرو صاحبن جو بہ ھو، تنھنڪري ھتي اھو شبد پنھنجو ڪري ڏنو اٿن.

(١) ورت نہ رهئُن، نہ مهہ رمدانا
تِس سيوي، جو رکئي ندانا

ارٿ:- مان نڪي ڪي هندن جا ورت رکانتو ۽ نڪي روزن جو مهنو واريان ٿو يعني روزا رکان ٿو، پر مان انهي شيوا ڪريان ٿو، جو انت ويلي رکيا ڪرڻ وارو آهي. [مهہ = ماهہ، مهنو. رمدانا = رمضان (مسلمانن جي روزن رکڻ جو مهنو).]

ايڪُ گسائي الله ميرا
هِندو تُرڪ دهان نيبيرا (اڪ رهاءِ)

ارٿ:- (هندن جو) گسائين ۽ (مسلمانن جو) الله منهنجي لاءِ هڪ واهگورو ئي آهي، جيڪو هندن ۽ مسلمانن ٻنهي جي جهڳڙن نبيرڻ وارو آهي. [گسائين = ايشور. ترڪ = مسلمان. دهان = ٻئي.]

(٢) حج ڪعبي جاءُ، نہ تيرت پوُجا
ايڪو سيوي، اَور نہ دوُجا

ارٿ:- مان نڪي ڪي مڪي شريف ڏانهن حج ڪرڻ لاءِ وڃان ٿو ۽ نڪي ڪي (هندن جي) تيرٿن تي (ياترا لاءِ) وڃانتو ۽ نڪي ڪي (ٺاڪرن جي) پوجا ڪريان ٿو، پر فقط هڪ واهگوروءَ جي ئي شيوا ڪريان ٿو ۽ ٻئي ڪنهنڪي سڃاڻان بہ نٿو. [ڪعبي = مڪي شريف.]

(٣) پوُجا ڪرئُن، نہ نِواج گذارءُ
ايڪ نِرنڪار لي، رِدئي نمسڪارءُ

ارٿ:- مان نڪي ڪي پٿرن کي پرميشور ڄاڻي پوڄيان ٿو ۽ نڪي ڪي نماز پڙهان ٿو پر هڪ نرنڪار کي هردي ۾ ڌارڻ ڪري يا قائم ڪري، کيس نمسڪار ڪريان ٿو. [نواج = نماز. گذارءُ = پڙهان ٿو.]

(۴) نا هم هندو، نه مسلمان
الله رام ڪي پنڊ پران

اوٿ:- مان اڪي ڪي هندو آهيان ۽ نڪي ڪي مسلمان آهيان، پر مسلمانن جو الله ۽ هندن جو رام ٻنهي کي ٻنهجي سرير ۽ پران روپ سمجهان ٿو مطلب ته پراڻ کان پيارو سمجهان ٿو.
[پنڊ = سرير.]

(۵) ڪهه ڪبير، امر ڪيتا وڪانا
گور پير مل، خود خصم پڇاڻا.

اوٿ:- سري گورو ارجن صاحب جن فرمائن ٿا ته ڪبير صاحب جن اهي واڪيان ڪيو آهي ته مون گورو پير سان ملي، پالڪي خود مالڪ سمجهو آهي. [وڪانا = واڪيان ڪيو، لوڪ ڪيو. خصم = مالڪ.]

پرماڻ:- "هرِ هرِ جن دو ايڪ هي، ٻپ ٻچار ڪڇه نام
جل تي اپجه ترنگ جيءُ، جل هي ٻکي سمام."
[رهراس صاحب ڪب پاتِ، دهرو (۲)]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਦਸ ਮਿਰਗੀ ਸਹਜੇ ਬੰਧਿਆਨੀ ॥ ਪਾਂਚ ਮਿਰਗ ਬੇਧੇ ਸਿਵ ਕੀ ਬਾਨੀ ॥ ੧ ॥ ਸੰਤ ਸੰਗਿ ਲੇ ਚੜਿਓ ਸਿਕਾਰ ॥ ਮ੍ਰਿਗ ਪਕਰੇ ਬਿਨੁ ਘੋਰ ਹਥੀਆਰ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਆਖੇਰ ਬਿਰਤਿ ਬਾਹਰਿ ਆਇਓ ਧਾਇ ॥ ਅਹੇਰਾ ਪਾਇਓ ਘਰ ਕੈ ਗਾਂਇ ॥ ੨ ॥ ਮ੍ਰਿਗ ਪਕਰੇ ਘਰਿ ਆਣੇ ਹਾਟਿ ॥ ਚੁਖ ਚੁਖ ਲੇ ਗਏ ਬਾਂਢੇ ਬਾਟਿ ॥੩॥ ਏਹੁ ਅਹੇਰਾ ਕੀਨੋ ਦਾਨੁ ॥ ਨਾਨਕ ਕੈ ਘਰਿ ਕੇਵਲ ਨਾਮੁ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (۴)
سچو شڪار.

(۱) دس مرگي، سهجي ٻنڌ آني
پانچ مرگ بيڌي، شو ڪي باني

ارٿ:- هي ڀائي! مون تہ ڏهن اندرين روپي هرڻين کي
سياوڪ ٿي (يا- گيان د ٿاران) ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ ڪلياڻداڪ
پرماتما جي ٻاڻي روپي ٻاڻن يا تيرن سان، ڪام آدڪ وڪار روپي
هرڻن کي وندي، ڪيرايو اٿم. [مرگي=هرڻيون (هتي اندريون).
سهجي = سياوڪ ٿي، گيان. بنڌاڻي = ٻڌي ڇڏيو اٿم. مرگ =
هرڻ (هتي ڪام آدڪ پنج وڪار). بيڌي = وندي، ٽنگ ڪري.
شو = ڪلياڻداڪ. ٻاني = ٻاڻ، تير.]

سنت سنگہ لي، چڙهيو شڪار
مرگ پڪري، بن گهور هٿيار (١ رهاءِ)

ارٿ:- جڏهين مان سنتن کي ساٿ سان گڏ وٺي، شڪار تي
چڙهيس تڏهين گهوڙي ۽ هٿيارن کانسواءِ (يا ڪنن ساڌنائن ڪرڻ
کانسواءِ)، ڪام آدڪ روپي پنجن هرڻن کي پڪڙي ڇڏيم، مطلب
تہ سنتن جي سنگ د ٿاران آسانيءَ سان، انهن مهابلي وڪارن کي
جيتيم. [گهور = ڪنن ساڌنائون.]

(٢) آکير برت، ٻاهر آئيو ڌاءِ
اهيرا پائيو، گهر ڪي گانءِ

ارٿ:- (سچي) شڪار جي ورتي اهائي آهي جو ٻاهران
...ي ڪندڙ من اندر آيو اٿم جنهنڪري انتهڪرڻ جي استان ۾
...شڪار کي پراپت ڪيو اٿم- مطلب تہ پرماتما کي ڇاتو اٿم. [آکير =
...ڪار. برت = ورتي. ڌاءِ = ڊ ڪندڙ من. اهيرا = شڪار. گهر
...ڪي گانءِ = انتهڪرڻ جي استان ۾.]

(٣) مرگ پڪري، گهر آڻي هاٽ
چڪہ چڪہ لي گئي، باندي باٽ

ارٿ:- ڪام آدڪ وڪارن روپي هرڻن کي پڪڙي، قيراني
...ي روپي گهر ۾ آندو اٿم. جن شيءِ گڏن کي منهنجي سربر

مان ڪنهي ٽڪر ٽڪر ڪري يا ڇما ڪري، ٻاهر ورهائي ڪئيو هو.
[ڇڪ ڇڪ = ٽڪر ٽڪر ڪري. ٻاهي ٻانٽ = ورهائي ڪئيو.]

(٤) ايهو اميرا، ڪيٽو دانُ
نانڪَ ڪي گهرِ، ڪيولَ نامُ

اوٿه:- گورن (ڪرپا ڪري) مونکي اهو شڪار دان ڪيو آهي. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجي هردي ۾ (الله ٿي ٻهر) فقط نام ئي آهي. [اهيرا = شڪار. گهر = هردو. ڪيول = فقط.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਜੇ ਸਉ ਲੋਚਿ ਲੋਚਿ ਖਾਵਾਇਆ ॥ ਸਾਕਤ ਹਰਿ ਹਰਿ ਚੀਤਿ ਨ ਆਇਆ ॥ ੧ ॥ ਸੰਤ ਜਨਾ ਕੀ ਲੇਹੁ ਮਤੇ ॥ ਸਾਧ ਸੰਗਿ ਪਾਵਹੁ ਪਰਮ ਗਤੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪਾਥਰ ਕਉ ਬਹੁ ਨੀਰੁ ਪਵਾਇਆ ॥ ਨਹ ਭੀਗੈ ਅਧਿਕ ਸੂਕਾਇਆ ॥ ੨ ॥ ਖਟੁ ਸਾਸਤ੍ਰ ਮੂਰਖੈ ਸੁਨਾਇਆ ॥ ਜੈਸੇ ਦਹ ਦਿਸ ਪਵਨੁ ਝੁਲਾਇਆ ॥ ੩ ॥ ਬਿਨੁ ਕਣ ਖਲ ਹਾਨੁ ਜੈਸੇ ਗਾਹ ਨ ਪਾਇਆ ॥ ਤਿਉ ਸਾਕਤ ਤੇ ਕੋਨ ਬਰਾਸਾਇਆ ॥੪॥ ਤਿਤਹੀ ਲਾਗਾ ਜਿਤੁ ਕੋ ਲਾਇਆ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਪ੍ਰਭਿ ਬਣਤ ਬਣਾਇਆ ॥ ੫ ॥ ੫ ॥

راڳ ڀيرو محلا پنجوان شبد (٥)
اپديش

(١) جي سؤ لوچ لوچ کاوائنا
ساڪت، هر هر چيت نه آئنا

اوٿه:- جيڪڏهين منمک کي، سوين دفعا ٻڌي پيار سان کارائجي مطلب ته ڪيترو ئي سندو اپديش ڪجيس ۽ سٺو سٺو نرو ئي طعام کارائجيس ته به سندس چت ۾ هري نام نه ايندو. [لوچ لوچ = ٻڌي پيار سان. کاوائنا = کارائجي. ساڪت = منمک.]

سنت جنا ڪي ليهہ متي - ساڌ سنگہ پاوهہ پرم گتي
(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! تون سنتن جي سکيا گرهڻ ڪر. سنتن جي سنگ ڪرڻ ڪري، تون موکيہ گتي يا وڏو درجو پراپت ڪندين. [ليهہ = گرهڻ ڪر؛ وٺ. متي = سکيا. پرم گتي = وڏو درجو، موکيہ گتي.]

(٢) پاٿر ڪٽہ، پهہ نير پوائٿا
نيهہ پيڳيءِ، آڏڪ سوڪائٿا

ارٿ:- جيڪڏهين پٿر کي ڪيترو بہ وقت کڻي پاڻيءَ ۾ رکجي تہ بہ هو اندران اڻو پيجي؛ پاڻيءَ مان تمام سڪل نڪري ٿو. مطلب تہ منمکہ ست سنگہ ۾ رهندي بہ ڪٺور رهي ٿو. [نير = پاڻي. پيڳيءِ = پجي. اڏڪ = گهڻو.]

(٣) ڪٽ شاسترہ، مورکہ سنائٿا
جيسي دهہ دس پون جهلائٿا

ارٿ:- مورکہ کي جيتوڻيڪ کڻي ڇهن شاسترن جو اُپديش بہ ٻڌائجي تہ بہ اُهي هردي ۾ اُنين ٽڪي ٿو جيئن ڏهن ئي طرفن کان هوا جو لڳڻ (مطلب تہ جيئن هوا هڪڙي طرف کان اچي ٻئي طرف هلي ويندي آهي تئن مورکہ جي هردي ۾ اُپديش نہ ٽڪندو آهي؛ اُنکي اُهو اُپديش هڪڙي ڪن کان آيو تہ ٻئي ڪن کان ويو). [کٽ = ڇهہ. سنائٿا = ٻڌائجن. دهہ دس = ڏهہ طرف. پون = هوا. جهلائٿا = لڳندي آهي.]

(٤) بن ڪڻ کلهان جيسي گاهہ نہ پائٿا
تئہ ساڪت تي ڪو نہ براسائٿا

ارٿ:- جيئن ان کانسواءِ يا سڄيءَ ٻنيءَ کي ڳاهڻ ڪري، اَن پراپت نہ ٿيندو آهي تئن ساڪت يعني منمکہ يا مايا ڌاريءَ وٽان

ڪنهن کي به فائدو نه ڏيندو آهي. [ڪرا = اناج ۽ ان. کلهان = ٻني. گاهڻ = گاهڻ ۽ گاهه ڪرڻ. پراسائنا = ورسجي ٿو، فائدو حاصل ڪري ٿو.]

(٥) تيهي لاگا، جيت ڪو لائيا
ڪهُ نانڪ، پرب بڻت بڻائيا.

ارٿ:- پرماتما جنهن کي جتي لڳايو آهي، اتي ئي هو لڳي رهيو آهي. سري گورو ارجن صاحب فرمائن ٿا ته پرميشور اهڙو ئي ناهه ناهيو آهي. [بڻت = ناهه. بڻائيا = ناهيو.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਜੀਉ ਪ੍ਰਾਣ ਜਿਨਿ ਰਚਿਓ ਸਰੀਰ ॥ ਜਿਨਹਿ ਉਪਾਏ ਤਿਸ ਕਉ ਪੀਰ ॥ ੧ ॥ ਗੁਰੁ ਗੋਬਿੰਦੁ ਜੀਅ ਕੈ ਕਾਮ ॥ ਹਲਤਿ ਪਲਤਿ ਜਾ ਕੀ ਸਦ ਛਾਮ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪ੍ਰਭੁ ਆਰਾਧਨ ਨਿਰਮਲ ਰੀਤਿ ॥ ਸਾਧ ਸੰਗਿ ਬਿਨਸੀ ਬਿਪਰੀਤਿ ॥੨॥ ਮੀਤ ਹੀਤ ਧਨੁ ਨਹ ਪਾਰਣਾ ॥ ਧੰਨਿ ਧੰਨਿ ਮੇਰੇ ਨਾਰਾਇਣਾ ॥ ੩ ॥ ਨਾਨਕੁ ਬੋਲੈ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਬਾਣੀ ॥ ਏਕ ਬਿਨਾ ਦੂਜਾ ਨਹੀ ਜਾਣੀ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥

راڳ ڀيرو محلا پنجوان شبد (٦)
پرميشور جي اپڪارن جو ورنن

(١) جيئه پراڻ جن رچيو سريرُ
جنهه اُپائي تس ڪئه پيرُ

ارٿ:- پرماتما سرڀ ناهي، جنهن کي پراڻ ڏنا آهن ۽ جنهن واهگورو جيون کي پيدا ڪيو آهي، تنهنکي اسانجي اندر جي پيڙا جي خاطر با خبر آهي. [پير = پيڙا، درد.]

گوُر گوبند جيئه ڪي ڪامُ
هَلت پَلت جاڪي سد ڇامُ (اک رهاءُ)

ارٿ:- گوبند روپ گورو، جيون جا سڀ ڪم ڪرڻ وارو آهي ۽ لوڪ پرلوڪ ۾ اُنجو سدائين آسرو آهي. [هلت = هي لوڪ. پلت = پرلوڪ. چام = ڇانو، اوٽ، آسرو.]

(۲) پرڀ آراڌن نرمل ريت
ساڌ سنگ بنسي ڀيريت

ارٿ:- پرڀوءَ جو سمرن ڪرڻ اعليٰ اُتم ريت آهي. ست سنگ دئاران ڪوڙي پريت (يا وشين سان پريت) دور ٿي وڃي ٿي. [بنسي = ناس ٿي وڃي ٿي، دور ٿي وڃي ٿي. ڀيريت = ٻي پريت، ڪوڙي پريت.]

(۳) ميت هيت ڌن نهِ پارڻا
ڌن ڌن ميري نارائڻا

ارٿ:- مت مائٽ، سنبندي ۽ ڌن اهي سڀ جيو جا سهائڪ نہ آهن يعني انهن مان ڪو بہ (انت سمي) جيو جي سهائتا ڪرڻ وارو ڪونهي پر منهنجو نارائڻ پرماتما ڌن ڌن آهي، جو سڀني جيون جو آسرو آهي. [ميت = مائٽ. هيت = پيار ڪرڻ وارا، سنبندي. پارڻا = آسرو، سهائڪ.]

(۴) نانڪ بولئِ اَنمرت باڻي
ايڪ بنا دوجا نهِي جاڻي.

ارٿ:- سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته ننهنڪري جيو کي جڳائي ته رام نام روپي امرت باڻي (مُکہ سان) اُچاريندو يا چوندو رهي ۽ هڪ واهگوروءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ ڄاڻي يعني ٻئي ڪنهن جي لڙهہ نہ لڳي. [بولي = اُچاري، چوي.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਆਗੈ ਦਯੁ ਪਾਛੈ ਨਾਰਾਇਣ ॥ ਮਧਿ ਭਾਗਿ ਹਰਿ ਪ੍ਰੇਮ ਰਸਾਇਣ ॥੧॥ ਪ੍ਰਭੂ ਹਮਾਰੈ ਸਾਸਤ੍ਰ ਸਉਣ ॥ ਸੂਖ ਸਹਜ ਆਨੰਦ ਗ੍ਰਿਹ ਭਉਣ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਰਸਨਾ ਨਾਮੁ ਕਰਨ ਸੁਣਿ ਜੀਵੇ ॥ ਪ੍ਰਭੁ ਸਿਮਰਿ ਸਿਮਰਿ ਅਮਰ ਥਿਰੁ ਥੀਵੇ ॥੨॥ ਜਨਮ ਜਨਮ ਕੇ ਦੂਖ ਨਿਵਾਰੇ ॥ ਅਨਹਦ ਸਬਦ ਵਜੇ ਦਰਬਾਰੇ ॥੩॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਪ੍ਰਭਿ ਲੀਏ ਮਿਲਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਪ੍ਰਭ ਸਰਣਾਗਤਿ ਆਏ ॥੪॥੭॥

(٣) جنم جنم کي دوکھ نواري
آنهد شبد وجي درباري

ارٿ:- نام جي سمرڻ ڪرڻ ڪري، جنم جنمانترن جا دک يا ڪليش دور ٿي وڃن ٿا. ست سنگ ۾ لڳاتار گورن جي اپديش جو اچارڻ ٿئي ٿو. [دوکھ = دک، ڪليش. نواري = دور ڪري. انهد = هڪ رس، لڳاتار. شبد = گور اپديش. وجي = اچارڻ ٿئي ٿو. درباري = ست سنگ.]

(٤) ڪرِ ڪرپا پرڀ ليئي ملائي
نانڪ پرڀ سرڻاگت آئي.

ارٿ:- سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪي پرڀوءَ جي شرڻ ۾ اچن ٿا، تن کي ديا ڪري، پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਕੋਟਿ ਮਨੋਰਥ ਆਵਹਿ ਹਾਥ ॥ ਜਮ ਮਾਰਗ ਕੈ ਸੰਗੀ ਪਾਂਥ ॥ ੧ ॥ ਗੰਗਾ ਜਲੁ ਗੁਰ ਗੋਬਿੰਦ ਨਾਮ ॥ ਜੋ ਸਿਮਰੈ ਤਿਸ ਕੀ ਗਤਿ ਹੋਵੈ ਪੀਵਤ ਬਹੁੜਿ ਨ ਜੋਨ ਭ੍ਰਮਾਮ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪੂਜਾ ਜਾਪ ਤਾਪ ਇਸਨਾਨ ॥ ਸਿਮਰਤ ਨਾਮ ਭਏ ਨਿਹਕਾਮ ॥ ੨ ॥ ਰਾਜ ਮਾਲ ਸਾਦਨ ਦਰਬਾਰ ॥ ਸਿਮਰਤ ਨਾਮ ਪੂਰਨ ਆਚਾਰ ॥ ੩ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਇਹੁ ਕੀਆ ਬੀਚਾਰੁ ॥ ਬਿਨੁ ਹਰਿ ਨਾਮ ਮਿਥਿਆ ਸਭ ਛਾਰੁ ॥ ੪ ॥ ੮ ॥

راڳ ڀيرئ محلا پنجوان شبد (٨)

نام جي مهما

(١) ڪوٽ منورٿ، آوهِ هاٿ
جم مارگ ڪئي، سنگي پانٿ

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਆਗੈ ਦਯੁ ਪਾਛੈ ਨਾਰਾਇਣ ॥ ਮਧਿ ਭਾਗਿ ਹਰਿ ਪ੍ਰੇਮ ਰਸਾਇਣ ॥ ੧ ॥ ਪ੍ਰਭੂ ਹਮਾਰੈ ਸਾਸਤ੍ਰ ਸਉਣ ॥ ਸੂਖ ਸਹਜ ਆਨੰਦ ਗ੍ਰਿਹ ਭਉਣ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਰਸਨਾ ਨਾਮੁ ਕਰਨ ਸੁਣਿ ਜੀਵੇ ॥ ਪ੍ਰਭੁ ਸਿਮਰਿ ਸਿਮਰਿ ਅਮਰ ਥਿਰੁ ਥੀਵੇ ॥ ੨ ॥ ਜਨਮ ਜਨਮ ਕੇ ਦੂਖ ਨਿਵਾਰੇ ॥ ਅਨਹਦ ਸਬਦ ਵਜੇ ਦਰਬਾਰੇ ॥ ੩ ॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਪ੍ਰਭਿ ਲੀਏ ਮਿਲਾਏ ॥ ਨਾਨਕ ਪ੍ਰਭ ਸਰਣਾਗਤਿ ਆਏ ॥ ੪ ॥ ੭ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (٧)
پرڀوء جي اوٽ ۽ نام جي مهما

(١) آڳي دَيُ پاڇي نارائڻ
مڌ ڀاڳ هر پريم رسائڻ

ارٿ:- اڳيان يعني اڳ ۾ وقت ۾ دَيُ = پرڪاشوان پرماتما آهي ۽ پٺيان يعني هن لوڪ ۾ نارائڻ اسانجو رکوارو آهي. وچين ڀاڱي = حصي يعني عمر جي مارڳ ۾ هوي ۽ هو پريم اساڻي لاءِ رسائڻ = اڪسير يا امرت آهي.

پرڀو همارَي شاستر سؤڻ
سؤک سهج آنند گرهه ڀؤڻ   (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- اسانجا شڳن ۽ شاستر يا جوتش شاستر، هڪ مالڪ ئي آهي. چوڏهن ڀون وارن سنسار ۾، ابناسي سک ۽ شڳن جو گهر هڪ پرڀو ئي آهي. [شاستر = جوتش شاستر. سؤڻ = شڳن. گرهه = گهر.]

(٢) رسنا نامُ ڪرن سڻِ جيوي
پرڀ سمر سمر امر ٿر ٿيوي

ارٿ:- زبان نام جپڻ ڪري ۽ ڪن نام ٻڌڻ ڪري ئي جيئرا رهن ٿا. ابناسي پرڀوءَ کي من ۾ واڳيءَ ڏنارن سمرڻ ڪرڻ ڪري، من استر ٿئي ٿو. [رسنا = زبان. ڪرن = ڪن. امر = ابناسي. ٿر = استر.]

(٣) جنم جنم ڪي دوکہ نواري
آنهد شبد وجي درباري

ارٿ:- نام جي سمرن ڪرڻ ڪري، جنم جنمانترن جا دک يا ڪليش دور ٿي وڃن ٿا. ست سنگ ۾ لڳاتار گورن جي اپديش جو اُچارن ٿئي ٿو. [دوکہ = دک، ڪليش. نواري = دور ڪري. انهد = هڪ رس، لڳاتار. شبد=گور اپديش. وجي = اُچارڻ ٿئي ٿو. درباري = ست سنگ.]

(٤) ڪرِ ڪرپا پرڀ ليئي ملائي
نانڪ پرڀ سرڻاگت آئي.

ارٿ:- سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪي پرڀوء جي شرڻ ۾ اچن ٿا، تن کي دیا ڪري، پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਕੋਟਿ ਮਨੋਰਥ ਆਵਹਿ ਹਾਥ ॥ ਜਮ ਮਾਰਗ ਕੈ ਸੰਗੀ ਪਾਂਥ ॥ ੧ ॥ ਗੰਗਾ ਜਲੁ ਗੁਰ ਗੋਬਿੰਦ ਨਾਮ ॥ ਜੋ ਸਿਮਰੈ ਤਿਸ ਕੀ ਗਤਿ ਹੋਵੈ ਪੀਵਤ ਬਹੁੜਿ ਨ ਜੋਨ ਭ੍ਰਮਾਮ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪੂਜਾ ਜਾਪ ਤਾਪ ਇਸਨਾਨ ॥ ਸਿਮਰਤ ਨਾਮ ਭਏ ਨਿਹਕਾਮ ॥ ੨ ॥ ਰਾਜ ਮਾਲ ਸਾਦਨ ਦਰਬਾਰ ॥ ਸਿਮਰਤ ਨਾਮ ਪੂਰਨ ਆਚਾਰ ॥ ੩ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਇਹੁ ਕੀਆ ਬੀਚਾਰੁ ॥ ਬਿਨੁ ਹਰਿ ਨਾਮ ਮਿਥਿਆ ਸਭ ਛਾਰੁ ॥ ੪ ॥ ੮ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (٨)

نام جي مهما

(١) ڪوٽ منورٿ، آوهِ هاٿ
جم مارگ ڪئي، سنگي پانٿ

ارٿ:- نام جپڻ ڪري، من جا ڪوڙين مطلب سڌ ٿين ٿا. پرميشور جو نام، هر هڪ وستو ۾ سنگي ۽ رکپڪ آهي. [هاٿ = هٿ، سڌ. ماوگر = وستو. پالڪ = رکپڪ، سنگي.]

ڳنگا جل، ڪيو گوبند نام

جو سمري تسڪي گت هوئي، پيوت ٻهڙ نہ جون ڀرمام (اڪ رهاءِ)

ارٿ:- گورو دتارن پريوه جو نام جپڻ، جڻ پاپن روپي مل کي دور ڪرڻ لاءِ گنگا جو پاڻي آهي. جيڪو نام سمري ٿو سو مڪت ٿئي ٿو ۽ جيڪو (نام) هردي ۾ ڌارڻ ڪري ٿو، سو وري جونين ۾ نٿو ڀٽڪي. [ٻهڙ = وري. ڀرمام = ڀٽڪي.]

(۲) پوڄا جاپ تاپ اشنان

سمرت نام، ٿئي نهڪام

ارٿ:- پوڄا، جپ، تپ ۽ تيرٿن جا اشنان ڪرڻ، انهي ماڻهوءَ جا سڦلا آهن، جيڪو نام جپي، واشنا کان رهت ٿئي ٿو. [نهڪام = نشڪام، واشنا کان رهت.]

(۳) راج مال سادن دربار

سمرت نام پورن آچار

ارٿ:- راج ڪرڻ، ملڪيت گڏ ڪرڻ، طعامن جا سواد وٺڻ ۽ ڪچهوري لڳائڻ، اهي سڀ ڪم نام جپڻ سان ئي سڦل ٿين ٿا. [سادن = ڀوڄن جو سواد. آچار = ڪم. پورن = سڦل.]

(۴) نانڪ داس، ايهہ ڪيئا بيچار

بن هر نام، مٿيا سڀ ڇار.

ارٿ:- سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا تہ پريوءَ داسن، اهو ويچار طئہ ڪيو آهي تہ واهگورو جي نام کانسواءِ سڀ پدارٿ ڇوڙا ۽ ڌوڙ سمان آهن. [مٿيا = ڪوڙو. ڇار = ڌوڙ.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਲੇਪੁ ਨ ਲਾਗੋ ਤਿਲ ਕਾ ਮੂਲਿ ॥ ਦੁਸਟੁ ਬ੍ਰਾਹਮਣੁ ਮੂਆ ਹੋਇਕੈ ਸੂਲ ॥੧॥ ਹਰਿ ਜਨ ਰਾਖੇ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮਿ ਆਪਿ ॥ ਪਾਪੀ ਮੂਆ ਗੁਰਿ ਪਰਤਾਪਿ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਆਪਣਾ ਖਸਮੁ ਜਨਿ ਆਪਿ ਧਿਆਇਆ ॥ ਇਆਣਾ ਪਾਪੀ ਓਹੁ ਆਪਿ ਪਚਾਇਆ ॥ ੨ ॥ ਪ੍ਰਭ ਮਾਤ ਪਿਤਾ ਅਪਣੇ ਦਾਸ ਕਾ ਰਖਵਾਲਾ ॥ ਨਿੰਦਕ ਕਾ ਮਾਥਾ ਈਹਾਂ ਊਹਾ ਕਾਲਾ ॥ ੩ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਕੀ ਪਰਮੇਸਰਿ ਸੁਣੀ ਅਰਦਾਸਿ ॥ ਮਲੇਛੁ ਪਾਪੀ ਪਚਿਆ ਭਇਆ ਨਿਰਾਸੁ ॥ ੪ ॥ ੯ ॥

راڳ ڀيرو محلا پنجوان شبد (۹)

وارتا:- سري گورو رامداس صاحب جن، گورتا جي گادي، سري گورو ارجن صاحب پنهنجي ننڍي پٽ کي هر طرح لائق سمجهي ڏني، جنهن تي سندن وڏو پٽ پرٿيچند ڏاڍي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ هر ڪنهن وقت ڪان پوءِ شانت ۾ رهيو، چالاڪ ته سمجهيائين ته جنهن صورت ۾ سري گورو ارجن صاحب جن کي پنهنجو پٽ ڪونهي، تنهن صورت ۾ گورتا جي گادي، پنهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي پٽ مهروان کي ڏيندا. واهگورو ۽ اهڙي قدرت ورتائي، جو ڪجهه وقت کان پوءِ سري گورو ارجن صاحب کي پٽ ڄائو، جنهن ڪري پرٿيچند جا ڇهه ئي ڇٽي پيا ۽ صاحبن جي پٽ سري گورو هرگوبند صاحب کي، مارائڻ جا گهات گهڙڻ لڳو. هن ۽ سندس استري ڪرمو، هڪ صلاح ڪري، پهرين پنهنجي ڪٽنب جي جهوني دائي کي موڪليو، جا ڇاتيءَ کي زهر لڳائي، سري گورو هرگوبند صاحب کي

ڏارائڻ لاءِ ويئي، پر صاحبن سندس ڏيکالت اِئين ڪيو، جيئن سري ڪرشن مهراج، پوتنا جو ڪيو.

ڪجهه ڏينهن ڪــدرڻ بعد، ڪرموءَ پنهنجي پتيءَ پرتيچند کي چيو تہ "تو دان جو حيلو تہ ڪو بہ نہ هليو. هاڻي ڪهو جو ٻاليڙ، جنهن سان سري گورو هرگوبند صاحب ڏاڍو هريل آهي، تنهنکي کهرائي اُنکي ڏتاري ڇڏيوس تہ ٻالڪ کي هنجهہ ڪٽي زهر پيئاري اڇيس." پرتيچند کي اها صلاح ڏاڍي وڻي ۽ هڪدم ٻاليڙ کي راتو واهہ کهرائي، ٥٠٠ روپين جي لالچ ڏيئي کيس سري گورو هرگوبند صاحب جن کي زهر پيارڻ لاءِ چيو. ٻاليڙ لالچ ۾ ويو ۽ پرتيچند اُنهيءَ رات جي وقت، زهر جي پڙي ٻاليڙ کي ڏني، جا هو پــکہ ۾ ٻڌي دستور موجب سري گورو هرگوبند صاحب کي هنجهہ ڪٽي کڻائڻ ويو. ٻاليڙ، پــوءِ ڏڏ جو ڪٽورو، جو ٻالهيءَ سري گورو هرگوبند صاحب جن واسطي آندو هو، سو ڪٽي، پــکہ مان پڙي ڪڍي اُن ۾ چڱيءَ طرح ملائي، ٻالڪ کي مٿي کڏ تي ڪٽي ويو. ٻاليڙ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو تہ ڪير ڏسي تہ ڪو نہ ٿو. اهڙي طرح پڪ ڪري، هن اُهو ڏڌ جو ڪٽورو ٻالڪ جي اڳيان جهليو، پر سري گورو هرگوبند صاحب جن، منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيو. ٻاليڙ وري ڪٽورو ڪٽي صاحبن جي اڳيان جهليو، مگر صاحبن، ڏڌ پيئڻ جي اصل نہ ڪئي. تڏهين ٻاليڙ ٻالڪ کي هڙڪا ڏنا ۽ زور سان ڪمرت سان، صاحبن جسا ٻئي هٿ جهلي، ٻئي هٿ

سـان كين ڏڌ پيارڻ لڳو جنهن تـي صاحبن وٽـي
ڏاڍا واڪا ڪيا، جي ماتا گنگا ۽ سري گورو ارجن صاحب
جن ٻڌا. گورو صاحبن يڪدم هڪ ماڻهوءَ کي موڪليو ته
ڏسي اچ ته ٻالڪ ڇو ٿو روئي. اُن ماڻهوءَ ڌانيڻ کان اچي
پڇيو ته ٻالڪ ڇو ٿو روئي؟ ڌانيڻ يڪدم جواب ڏنو ته ڏڌ ٿو
پياريانس ته نٿو پيئي ۽ اڻلندو پيو روئي. نوڪر ڌانيڻ کي
صاحبن وٽ وٺي آيو ۽ صاحبن ڌانيڻ کان پڇيو ته اِج ٻالڪ
کي روئارين ڇو پيو؟ هن جواب ڏنو ته سائين ڏڌ ٿو پياريانس
پر نٿو پيئي. گورو صاحبن هڪدم ڳالهه صحيح ڪري ورتي
۽ هنجي ڪپت ظاهر ڪرڻ لاءِ، اهو ڏڌ هڪ ڪتي اڳيان
رکيو، جو پيئندي شرط ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو. اهو حال
ڏسي ڌانيڻ کي هيبت وٺي ويئي ۽ سڀ ماڻهو حيران ٿي
يا. صاحبن پوءِ پنهنجا چرن، ڪتي کي ڇهايا ۽ مڪت
ڪيائونس ۽ ڌانيڻ کي سراپ ڏنائون ته جيئن هن ڪتي لُڇي
ب پران ڏنا آهن، تئن تون به پران ڏيندين. سراپ ملڻ
ا، ڌانيڻ کي پيٽ ۾ سور پيو ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي اُتي جو اُتي
ڏنائين. ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا ۽ چيائون تہ ٻالڪ
ڪلا وارو آهي جو ڪيئن نه ڏڌ ۾ زهر سمجهي پيئڻ
نهن موڙيائين ۽ روڏن ڪيائين! اُن وقت صاحبن
مها سندر شبد اُچاريو:-

ب نہ لاگو تَل ڪا مُول
شٽ براهمڻ، مُوئا هوئڪي سُول

ارٿ:- شري گورو هرگوبند صاحب کي اُن ڌڻي جو آڌار آهي جيترو بہ لڳو ٿو اُلوهوڊ شڪ پرڀوءَ ڀڳت جي سُور وڃڻي مُرڪي وِڃو. [ليپ = آڌار. تِل کا = تِر جيترو. مُول = اصل. سُوُل = سور.]

هرِ جن راکي، پاربرهم آپ

پاپي موئا، گور پرتاپ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- پرڀو پرميشور، ڀڳتن داسن جي رکيا پاڻ ٿي ڪئي ۽ پاپي پراڻي گورو ۽ جي پرتاپ ڪري مري ويو. [پرتاپ = تيج.]

(۲) آپڻا خصم، جن آپ ڌيائيا

اِنانَا پاپي، اوهه آپ پچائيا

ارٿ:- هريءَ جا داس، ڀڳتي مالڪ کي سدائين ياد ڪن ٿا. بي سمجهہ مورکہ پاپي پرڀوءَ کي، واهگورو ۽ پاڻ دکہ ڏيئي کپي ڪيو. [خصم = مالڪ.]

(۳) پرڀ مات پتا، اپڻي داس کا رکوالا

نندڪ کا ماٿا، ايهان اوهان کالا

ارٿ:- مالڪ، ماءُ پيءُ وانگر ڀڳتي داسن جو سدائين رکيڪ يا رکپال آهي. نندڪ جو هن لوڪ توڙي پرلوڪ ۾ ڪارو منهن آهي. [رکوالا = رکيڪ، رکپال. نندڪ = گلا خور. ماٿا = منهن. ايهان = هن لوڪ. اوهان = پرلوڪ. ڪالا = ڪارو.]

(۴) جن نانڪ کي پرميسر سڻي اَرداس

مليڇہ پاپي پچيا، ڀئيا نراس.

ارٿ:- سري گورو ارجن صاحب جن فرمائن ٿا تہ مون داس جي وينتي پرميشور ٻڌي ۽ مليڇ پاپي پرڀوءَ جي آس پوري ٿيڻ نہ ڏنائين ۽ هو اُنجي مري ويو.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਖੂਬੁ ਖੂਬੁ ਖੂਬੁ ਖੂਬੁ ਖੂਬੁ ਤੇਰੋ ਨਾਮੁ ॥ ਝੂਠੁ ਝੂਠੁ ਝੂਠੁ ਝੂਠੁ ਦੁਨੀ ਗੁਮਾਨੁ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਨਗਜ ਤੇਰੇ ਬੰਦੇ ਦੀਦਾਰੁ ਅਪਾਰੁ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਸਭ ਦੁਨੀਆ ਛਾਰੁ ॥੧॥ ਅਚਰਜੁ ਤੇਰੀ ਕੁਦਰਤਿ ਤੇਰੇ ਕਦਮ ਸਲਾਹ ॥ ਗਨੀਵ ਤੇਰੀ ਸਿਫਤਿ ਸਚੇ ਪਾਤਿਸਾਹ ॥੨॥ ਨੀਧਰਿਆ ਧਰ ਪਨਹ ਖੁਦਾਇ ॥ ਗਰੀਬ ਨਿਵਾਜ ਦਿਨੁ ਰੈਣਿ ਧਿਆਇ ॥੩॥ ਨਾਨਕ ਕਉ ਖੁਦਿ ਖਸਮ ਮਿਹਰਵਾਨ ॥ ਅਲਹੁ ਨ ਵਿਸਰੈ ਦਿਲ ਜੀਅ ਪਰਾਨ ॥੪॥੧੦॥

ڀيرو محلا پنجوان شبد (١٠)

وينتي

خوبُ خوبُ خوبُ، خوبُ خوبُ تيرو نامُ

جهوٺُ جهوٺُ جهوٺُ، جهوٺُ دُني گمانُ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي سهڻا مالڪ! ڇڱني جڳن ۾ تنهنجو نام سندر آهي ۽ ساڳيءَ طرح چئن ئي جڳن ۾ مايا جو اهنڪار جوٺو آهي.
[خوب = چڱو، سندر. گمان = اهنڪار.]

(١) نگَجَ تيري بندي ديدارُ اَپارُ

نامَ بنا سڀ دُنيئا ڇارُ

ارٿ:- هي بي انت پرميشور! تنهنجي داسن جو درشن سريشٽ آهي. تنهنجي نام کانسواءِ سڄي دنيا رک وانگر آهي.
[نگج = نغز = چونڊيل، سريشٽ. نغزيدن = چونڊڻ. اپار = بي انت (پرميشور) ڇار = رک.]

(٢) اَچرَجُ تيري قُدرت تيري قدمَ سالاهَ

غنيوُ تيري صفت سچي پاتشاهَ

ارٿ:- هي واهگوروءَ! تنهنجي مايا اچرج روپ آهي ۽ تنهنجا چرن بہ اُستت ڪرڻ جا لائق آهن. هي سچا پاتشاهہ! جڏهن اسين تنهنجي سيوا ڪريون ٿا، تڏهن شاهوڪار ٿيون ٿا يعني نام روپي ڌن اسان کي ملي ٿو. [قدرت = شڪتي، مايا. قدم = چرن. سلاهہ = اُستت، ساراهہ. غني = غني، شاهوڪار.]

(٣) ليدَرنا دَرِ پنہہ خُداهہ
غريب نوازِ دنِ رَيڻِ ڏِناهہ

ارٿ:- هي خدا! ئي آسرن جا آسرا! سڀ تنهنجي اوٽ ورتي آهي. هي پرميشور! غريبن کي وڏائي ڏيڻ وارا! مان ڏينهن رات تو کي ياد ڪريان ٿو. [ليدرنا = آسري کان رهت. دَر = آسرو. پنہہ = پناهہ، اوٽ. نواز = نوازيندڙ، وڏائي ڏيڻ وارو. رتن = رات.]

(٤) نانڪ ڪُنَہ خودِ خصمِ مِهروان
اللهہ نہ وسري دِل جيئہ پران.

ارٿ:- سري گورو ارجن صاحب هن ونتي ڪري چون ٿا تہ هي سوامي! مون تي تون ڪرپا ڪرڻ وارو آهين. هي الله سڀني جيون جا پران روپ! تنهنجو نام مون جي دل مان نہ وسري. مطلب تہ سدائين تنهنجو نالو منهنجي چت ۾ رهي. [خصم = مالڪ. مهروان = ڪرپا ڪرڻ وارو.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਸਾਚ ਪਦਾਰਥੁ ਗੁਰਮੁਖਿ ਲਹਹੁ ॥ ਪ੍ਰਭ ਕਾ ਭਾਣਾ ਸਤਿ ਕਰਿ ਸਹਹੁ ॥ ੧ ॥ ਜੀਵਤ ਜੀਵਤ ਜੀਵਤ ਰਹਹੁ ॥ ਰਾਮ ਰਸਾਇਣੁ ਨਿਤ ਉਠਿ ਪੀਵਹੁ ॥ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਰਸਨਾ ਕਹਹੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਲਿਜੁਗ ਮਹਿ ਇਕ ਨਾਮਿ ਉਧਾਰੁ ॥ ਨਾਨਕੁ ਬੋਲੈ ਬ੍ਰਹਮ ਬੀਚਾਰੁ ॥ ੨ ॥ ੧੧ ॥

ڀيرءُ محلا پنجوان شبد (۱۱)

اُپديش

(۱) ساچ پدارٿُ، گو رمکهہ لهہُ

پرڀ کا ڀاڻا، ست کر سهہُ

ارٿ:- هي ڀائي! نامروپي سچو پدارٿ يا گيان، گورن د ناران پراپت ڪريو؛ پرڀوءَ جو حڪم سچو سمجهي سهارن ڪريو (يعني واهگوروءَ جي ڀاڻي ۾ پنهنجي الپ مت موجب، ڪجهہ تڪڙ نہ ڪريو ۽ ڌيرج ڌريو). [لهہ = همٿ ڪريو، پراپت ڪريو. ڀاڻا = حڪم. سهہ = سهارن ڪريو.]

جيوت جيوت جيوت رههُ

رام رسائڻُ نت اُٺِ پيوهُ - هر هر هر هر رسنا کهہُ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- سدائين اُٿي رام جو رسائڻ = اڪسير امرت پيئو تہ سديو جيون مڪت رهندا. زبان د ناران، هري هري يا سديو پرڀوءَ جو نام اُچارن ڪريو. [رسائڻ = رسن جو گهر، اڪسير، امرت.]

(۲) ڪلجگ مهہ، اِڪ نام اُڌارُ

نانڪ بولي، برهم بيچار.

ارٿ:- ڪلجگ ۾ فقط هڪ واهگوروءَ جي نام (جپڻ) سان ئي جيو جو اُڌار ٿئي ٿو. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرماتما جي پراپتيءَ جو رستو، مون (هن شبد ۾) ويچاري، نرنئہ ڪيو آهي. [اُڌار = موڪش.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਸਤਿਗੁਰੁ ਸੇਵਿ ਸਰਬ ਫਲ ਪਾਏ ॥ ਜਨਮ ਜਨਮ ਕੀ ਮੈਲੁ ਮਿਟਾਏ ॥ ੧ ॥ ਪਤਿਤ ਪਾਵਨ ਪ੍ਰਭ ਤੇਰੋ ਨਾਉ ॥ ਪੂਰਬਿ ਕਰਮ ਲਿਖੇ

ਗੁਣ ਗਾਉ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਧੂ ਸੰਗਿ ਹੋਵੈ ਉਧਾਰੁ ॥ ਸੋਭਾ ਪਾਵੈ
ਪ੍ਰਭ ਕੈ ਦੁਆਰ ॥ ੨ ॥ ਸਰਬ ਕਲਿਆਣ ਚਰਣ ਪ੍ਰਭ ਸੇਵਾ ॥ ਧੂਰਿ
ਬਾਛਹਿ ਸਭਿ ਸੁਰਿ ਨਰ ਦੇਵਾ ॥੩॥ ਨਾਨਕ ਪਾਇਆ ਨਾਮ ਨਿਧਾਨੁ ॥
ਹਰਿ ਜਪਿ ਜਪਿ ਉਧਰਿਆ ਸਗਲ ਜਹਾਨੁ ॥ ੪ ॥ ੧੨ ॥

ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (۱۳)

نام ۽ ستگورن جي مهما

(۱) ستگر سيو سرب ڦل پائي
جنم جنم ڪي ميل مٽائي

ارٿ:- ستگورن جي سيوا ڪرڻ سان سڀ ڦل پراپت ٿين ٿا ۽ جنم جنمانترن جي پاپن روپي مئل دور ٿي وڃي ٿي. [مٽائي = دور ٿي وڃي ٿي.]

پتت پاون پرڀ تيرو ناءُ
پورب ڪرم لکي گڻ گاءُ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي واهگورو! تنهنجو نام پاپين کي پوتر ڪرڻ وارو آهي، پر تنهنجي گڻ ڳائڻ، گذريل جنم جي شڀ ڪرمن جي لکئي انوسار ٿئي ٿو. [پتت = پاپي. پاون = پوتر. ناءُ = نام. پورب = گذريل جنم.]

(۲) ساڌو سنگ هووي اُڌار
سوڀا پاوي پرڀ ڪي دئار

ارٿ:- سنتن جي سنگ ۾ اُڌار ٿئي ٿو ۽ هو مالڪ جي دربار ۾ سوڀا پائي ٿو. [اُڌار = موکش. سوڀا = مان، عزت. دئار = دربار.]

(۳) سرب ڪلياڻ چرن پرڀ سيوا
ڌور باڇهه سڀ سر نر ديوا

ارٿ :- هي ڀريو! تنهنجي چرنن جي سيوا ڪرڻ ڪري، هر طرح جو ڪلياڻ يا سک ٿئي ٿو، تنهنڪري نندا توڙي وڏا ديوتا ۽ آدمي تنهنجي چرنن جي دوڙ جي چاهنا رکن ٿا. [ٻاڇهه = چاهين ٿا.]

(۴) نانڪ پائِنا نامُ نِدانُ

هرِ جپِ جپِ اُڌَرِيا سگل جهانُ.

ارٿ :- سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته مون نام روپي خزانو پراپت ڪيو آهي، جنهن نام کي چڱي طرح جپي، سڄو سنسار تري ويو آهي. [ندان = خزانو. اڌريا = تري ويو. سگل = سڄو. جهان = سنسار.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਅਪਣੇ ਦਾਸ ਕਉ ਕੰਠਿ ਲਗਾਵੈ ॥ ਨਿੰਦਕ ਕਉ ਅਗਨਿ ਮਹਿ ਪਾਵੈ ॥੧॥ ਪਾਪੀ ਤੇ ਰਾਖੇ ਨਾਰਾਇਣ ॥ ਪਾਪੀ ਕੀ ਗਤਿ ਕਤਹੂ ਨਾਹੀ ਪਾਪੀ ਪਚਿਆ ਆਪ ਕਮਾਇਣ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਦਾਸ ਰਾਮ ਜੀਉ ਲਾਗੀ ਪ੍ਰੀਤਿ ॥ ਨਿੰਦਕ ਕੀ ਹੋਈ ਬਿਪ੍ਰੀਤਿ ॥ ੨ ॥ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮ ਅਪਣਾ ਬਿਰਦੁ ਪ੍ਰਗਟਾਇਆ ॥ ਦੋਖੀ ਅਪਣਾ ਕੀਤਾ ਪਾਇਆ ॥ ੩ ॥ ਆਇ ਨ ਜਾਈ ਰਹਿਆ ਸਮਾਈ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਹਰਿ ਕੀ ਸਰਣਾਈ ॥ ੪ ॥ ੧੩ ॥

ڀيرءُ محلا پنجوان شبد (١٣)

وُٿانڪا :- اڪبر بادشاهه ١٦٠٥ ع ۾ چالاڻو ڪيو ۽ سندس جاءِ تي سندس پٽ جهانگير بادشاهه ٿيو. صلهي خان ۽ چندو گڏجي، جهانگير بادشاهه کي سري گورو ارجن ديو جي برخلاف ڇيڙيو. صلهي خان بادشاهه کي چيو ته پنجاب جي ڪل مونکانسواءِ وصول ٿي نه سگهندي، تنهنڪري مونکي

موڪل مليي ته مان وصول ڪري اچان. پرمتوني پادشاهه حڪم ڏنو ته ”توهان بلاشڪ لشڪر وٺي وڃ ۽ ڌل اڳاڙي جلد ميڙائيندو اچ.“ صلحي خان پرٿيچند سان ڪوٺي گرام ۾ اچي ڪڏيو. اتي ٻنهي ڄڻن ڪسوره صاحبن جي برخلاف ڪئين ٻيتون سٽيون. صاحبن کي ڪن سکن اچي ٻڌايو ته ”ستگوره سچا پاتشاهه، صلحي خان وڏو لشڪر وٺي پنجاب ديش ۾ اچي سهڙيو آهي. هو چوي ٿو ته مان گوروءَ کي ڏسي وٺندس. اوهين ديا پالسي ڪنهن ٻئي پاسي نڪري هلو، متان ڪا خرابي نه ٿي پوي.“ صاحبن فرمايو ته ”پيارا، اوهين وياڪل نه ٿيو، ڌيرج ڌاريو ۽ نشچو رکو. ستگوره اسانجي رکيا ڪندو ۽ صلحي خان تي اهڙي آفت اچي ڪڙڪندي، جو هو اسان تائين پهچي ڪين سگهندو.“ ٻو ڏانهن پرٿيچند صلحي خان کي چيو ته ”سائين، اوهانجي مهرباني سان، مون پنهنجي ڪوٺ ۾ چڱا محلات ٺهرايا آهن. اوهين هلي اچي ڏسندا ته مان خوش ٿيندس.“ صلحي خان اڳڀاڙي قرار ڪري، گهوڙي تي چڙهي پرٿيچند سان گڏ جاڻون ۽ سيرن جا ڪوڙا ڏسڻ ويو ۽ جوڙ لکيو ته ”جيسين دن تلوار سان گوروءَ کي نه ماريندس، تيسين موکي آرام نه ايندو.“ اتي ڇا ٿيو، جو صلحي خان جي گهوڙي جو پير ڪنهن ٽالڊي تي اچي ويو ۽ هو ڇرڪي ٽوا ڪٽڻ لڳو ۽ يڪدم گهوڙو ۽ سوار، ٻئي وڃي تتل ڪوڙي ۾ داخل ٿيا ۽ پچي مئا. تلوار، جا صلحي خان صاحبن جي مارڻ لاءِ ڪڍي هئي، سا سندس ئي سيني ۾ وڃي لڳي. جلد ئي ڪن سکن صاحبن کي اها خبر اچي پهچائي، جنهن تي

صاحبن هينيون سندر شبد ۽ ”صلحي تي ناراڻ راکہ“ (جو راڳ بلاول محلا پنجوان جو ۱۰۴ شبد آهي) وارو شبد اُچاريا:-

(۱) آپڻي داس کَءُ کَنٺِ لگاوءِ
نِندڪ کَءُ آگن مهِ پاوءِ

ارٿ:- پرميشور پنهنجي داسن کي گلي سان لڳائي ٿو (يعني کنهن به قسم جو دک لڳڻ نٿو ڏئي) ۽ نندڪ کي باهه ۾ وجهي ٿو. [کنٺ = گلي. آگن = باهه.]

پاپي تي راکي ناراڻ
پاپي کي گتِ کَتهوُ ناهي- پاپي پَچِتا آپ کَماڻِ
(اِک رهاءُ)

ارٿ:- پاپيءَ کان پرميشور رکي وٺي ٿو يا رکيا کري ٿو. پاپي پرشن جي گتي ڪڏهين به نٿي ٿئي. (صلحي) پاپي پنهنجي خراب ڪم کري سڙي ويو. [راکي = رکيا کري. کتهو = ڪڏهين به.]

(۲) داسَ رام جيءُ لاگي پرِيت
نِندڪ کي هوئي بِپرِيت

ارٿ:- هون داس جي پربوءَ سان پريت لڳي ويئي ۽ نندڪ جي اُلٽي ريت يا دُرگتي ٿي ويئي- مطلب ته صلحي نندڪ سڙي مري ويو. [بپريت = اُلٽي ريت، دُرگتي.]

(۳) پارَ برهمِ آپڻا بِرَدُ پرگٽائِيا
دوکي آپڻا کيتا پائِيا

ارٿ:- پرمشور (ڀڳتن جي رکيا ڪرڻ وارو) پنهنجو فرض
پورو ڪري ڏيکاريو، جنهنڪري دوکي يعني نندڪ پڇتائو ڪيتو
اوڙيو. [برد = فرض. ڪبتو = ڪرمن جو ڦل.]

(٤) آءِ ته جائي رچنا سمائي
نانڪ داس هرِ ڪي سرڻائي.

ارٿ:- سري گورو ارجن صاحب جن ونتي ڪري چون ٿا
ته مون داس اهي پرڀوءَ جي شرن ورتي آهي، جو اهي وچ لئو
۽ سڀ ۾ سمايو پيو آهي.

ਰਾਗੁ ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫ ਚਉਪਦੇ ਘਰੁ ੨

੧ ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥
ਸ੍ਰੀਧਰ ਮੋਹਨ ਸਗਲ ਉਪਾਵਨ ਨਿਰੰਕਾਰ ਸੁਖ ਦਾਤਾ ॥ ਐਸਾ
ਪ੍ਰਭੁ ਛੋਡਿ ਕਰਹਿ ਅਨ ਸੇਵਾ ਕਵਨ ਬਿਖਿਆ ਰਸ ਮਾਤਾ ॥ ੧ ॥ ਰੇ
ਮਨ ਮੇਰੇ ਤੂ ਗੋਵਿੰਦ ਭਾਜੁ ॥ ਅਵਰ ਉਪਾਵ ਸਗਲ ਮੈ ਦੇਖੇ ਜੋ
ਚਿਤਵੀਐ ਤਿਤੁ ਬਿਗਰਸਿ ਕਾਜੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਠਾਕੁਰੁ ਛੋਡਿ ਦਾਸੀ
ਕਉ ਸਿਮਰਹਿ ਮਨਮੁਖ ਅੰਧ ਅਗਿਆਨਾ ॥ ਹਰਿ ਕੀ ਭਗਤਿ ਕਰਹਿ
ਤਿਨ ਨਿੰਦਹਿ ਨਿਗੁਰੇ ਪਸੂ ਸਮਾਨਾ ॥ ੨ ॥ ਜੀਉ ਪਿੰਡੁ ਤਨੁ ਧਨੁ ਸਭੁ
ਪ੍ਰਭ ਕਾ ਸਾਕਤ ਕਹਤੇ ਮੇਰਾ ॥ ਅਹੰਬੁਧਿ ਦੁਰਮਤਿ ਹੈ ਮੈਲੀ ਬਿਨੁ
ਗੁਰ ਭਵਜਲਿ ਫੇਰਾ ॥ ੩ ॥ ਹੋਮ ਜਗ ਜਪ ਤਪ ਸਭਿ ਸੰਜਮ ਤਟਿ
ਤੀਰਥਿ ਨਹੀ ਪਾਇਆ ॥ ਮਿਟਿਆ ਆਪੁ ਪਏ ਸਰਣਾਈ ਗੁਰਮੁਖਿ
ਨਾਨਕ ਜਗਤੁ ਤਰਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ੧੪ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا پنجوان چؤپدي گهر دوجا شبد (١٤)

اڪ اونڪار ست گور پرساد

اپديش

(١) سريڌر موهن سڪل اپاون، نرنڪار سکداتا
ايسا پرڀ ڇوڙ ڪرهه ان سيوا، ڪون بکيا رس ماتا

ارٿ:- هي پاڻي! پريو، لڇميءَ جو پتي، موهيندڙ، سڀني
کي پيدا ڪرڻ وارو، نرڪار ۽ سکن جو داتار آهي - مطلب ته پريو
سڀني گڻن جي کاڻ آهي. اهڙي پريوءَ کي ڇڏي، جيڪو ٻين جي
شيوا ڪري ٿو، سو ٻڌايو ته ڪهڙي وشيءِ جي رس کي چڱو
سمجهي اُن ۾ مست ٿيو آهي؟ مطلب ته وشين جو رس تڇ آهي.
[سري ڌر = لڇمي کي ڌارڻ وارو يعني لڇميءَ جو پتي. موهن =
موهيندڙ. سگل = سڀ. اُپاون = پيدا ڪرڻ وارو. نرڪار = نراڪار؛
آڪار کان رهت. سکداتا = سُکن جو ڏيندڙ. ان = ٻين. ماتا = مست.]

ري مَن ميري، تُو گووِند ڀاڄُ
اَوَر اُپاوَ سَگَل ميءِ ديکي، جو چِتوِيئِي تِت بِگَرِس ڪاجُ
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا من! تون گوبند جو سمرن ڪر، ڇاڪاڻ
ته مون ٻيا سڀ اُپاءَ يا دنيا جا ڌندا (وزن ڪري) ڏٺا آهن
(۽ انهن نشچي ڪيو اٿم ته پرميشور کانسواءِ) جنهن ٻئي کي ياد
ڪجي ٿو يا جنهن ٻئي جي پنيان پئجي ٿو، تنهن مان مکتي روپي
ڪم بگڙي وڃي ٿو. [ڀاڄ = ڀڄ ۽ ياد ڪر. چتويئيءَ = ياد ڪجي.
بگرس = بگڙي وڃي ٿو. ڪاج = ڪم.]

(٢) ٺاڪُرُ ڇوڙِ داسي ڪَئُ سِمرَهِ، مَنَمُکَ اَنڌَ اَگيانا
هَرِ ڪي ڀَگتِ ڪَرَهِ تِن نِندَهِ، نِگُري پسُو سَمانا

ارٿ:- جيڪي ٺاڪر کي ڇڏي، مايا روپي داسيءَ کي ياد
ڪن ٿا يعني هر وقت دنيوي ڌندن ۽ عيش عشرتن ۾ غلطان
ٿين ٿا، سي منمک انهي اگيان جي ڪري انڌا آهن. جيڪي
پريوءَ جي ڀڳتي ڪن ٿا، تنکي اُهي منمک ننديِن ٿا؛ انهي ڪري
ٿي نگرا، پسون جي برابر آهن. [ٺاڪر = پريو. داسي = مايا.
نگري = بي گرا؛ منمک. سمانا = برابر، وانگر.]

پرمان :- ”آوَنِ آئي سرشٽ مهِ، بِنُ بُجهي پسُ ڍورُ.“
[گؤڙي باون اکري محلا پنجوان پؤڙي (٦) سلوڪ]

(٣) جيئه پنڊ تن ڌن سڀ پرڀ ڪا، ساڪت ڪهتي ميرا
اهنبڌ دُرمت هيئي ميلي، بِنُ گُرُ ڀوجل ڦيرا

ارٿ :- جيو ۽ سوکم لوڙی استول سرير ۽ ڌن، اهي سڀ پرڀوءِ جا ڏنل آهن، پر مايا ڌاري پرش چون ٿا ته اهي سڀ اسانجا آهن. اهنڪار ڪري جن جيون جي بُڌي خراب ٿي آهي، تن ڪوئيءَ پڌ وارن لکرن جو سنسار ۾ ڦيرو ٿئي ٿو يعني اهي جمن مرن ٿا. [ساڪت = منمک، مايا ڌاري پرش.]

(٤) هوم جگه جپ تپ سڀ سنجم، تٽ تيرٿ نهي پائيا
مِٽيا آپُ پئي سرڻائي، گُرمُکِ نانڪ جگت ترائيا.

ارٿ :- هوم، يگيه، تپ ۽ ٻيون سڀئي جُگتيون ڪرڻ لوڙي لهرن جي ڪنارن تي رهڻ سان، پرڀو پراپت ڪو ٿئي. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن اهنڪار ڇڏي، گوروءَ جي شرڻ ولي ٿو، سو گورمک (پاڻ ته تري ٿو) پر ساري جڳ کي اپديش ڏيئي تاري ڇڏي ٿو. [سنجم = جُگتيون. تٽ = ڪنارا.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਬਨ ਮਹਿ ਪੇਖਿਓ ਤ੍ਰਿਣ ਮਹਿ ਪੇਖਿਓ ਗ੍ਰਿਹਿ ਪੇਖਿਓ ਉਦਾਸਾਏ ॥ ਦੰਡ ਧਾਰ ਜਟ ਧਾਰੈ ਪੇਖਿਓ ਵਰਤ ਨੇਮ ਤੀਰਥਾਏ ॥ ੧ ॥ ਸੰਤ ਸੰਗਿ ਪੇਖਿਓ ਮਨ ਮਾਏ ॥ ਊਭ ਪਇਆਲ ਸਰਬ ਮਹਿ ਪੂਰਨ ਰਸਿ ਮੰਗਲ ਗੁਣ ਗਾਏ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜੋਗ ਭੇਖ ਸੰਨਿਆਸੈ ਪੇਖਿਓ ਜਤਿ ਜੰਗਮ ਕਾਪੜਾਏ ॥ ਤਪੀ ਤਪੀਸੁਰ ਮੁਨਿ ਮਹਿ ਪੇਖਿਓ ਨਟ ਨਾਟਿਕ ਨਿਰਤਾਏ ॥ ੨ ॥ ਚਹੁ ਮਹਿ ਪੇਖਿਓ ਖਟ ਮਹਿ ਪੇਖਿਓ ਦਸ ਅਸਟੀ ਸਿੰਮ੍ਰਿਤਾਏ ॥ ਸਭ ਮਿਲਿ ਏਕੋ ਏਕੁ ਵਖਾਨਹਿ ਤਉ ਕਿਸ ਤੇ ਕਹਉ

ਦੁਰਾਏ ॥੩॥ ਅਗਹ ਅਗਹ ਬੇਅੰਤ ਸੁਆਮੀ ਨਹ ਕੀਮ ਕੀਮ ਕੀਮਾਏ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਤਿਨ ਕੈ ਬਲਿ ਬਲਿ ਜਾਈਐ ਜਿਹ ਘਟਿ ਪਰਗਟੀਆਏ ॥੪॥੨॥੧੫॥

راڳ ڀيرو محلا پنجوان شبد (١٥)

پرميشور سڀ ۾ وياپڪ

(١) بن مهِ پيکِئو ترِط مهِ پيکِئو، گرِهِ پيکِئو اُداسائي

دنڌ ڌار جٽ ڌاريءِ پيکِئو، ورت نيم تيرٿائي

ارٿ:- پرميشور کي جهنگ ۾ به ڏٺم، گاهه ۾ به ڏٺم ۽ گرهستين توڙي اُداسين ۾ به ڏٺم. ڪيس ڏنڊن کڻڻ وارن، جٽائن رکڻ وارن، ورتن توڙي نيمن رکڻ وارن ۽ تيرٿن تي وڃڻ وارن ۾ يا تيرٿن تي به ڏٺم. [بن = جهنگ. ترط = گاهه. پيکِئو = ڏٺم. دنڌ ڌار = ڏنڊن کڻڻ وارا فقير.]

سنت سنگِ پيکِئو من مائي

اُوڀ پِئال سرب مهِ پُور رن، رِس منگل گرط گائي (اِڪ رهائو)

ارٿ:- هي ڀائي! سنتن جي سنگ ڌاران، پرميشور پنهنجي من ۾ ئي ڏٺم. جڏهين پريم سان آنند روپ واهگوروءَ جا گڻ ڳايم تڏهين ڪيس آسمان، پاتال توڙي پرٿويءَ تي پُورن وياپڪ ڏٺم. [مائي = اندر ۾. اُوڀ = اڀ ۽ آسمان. پئال = پاتال. رس = پريم. منگل = آنند (روپ واهگورو).]

(٢) جوگ ڀيکَ سنياسيءِ پيکِئو، جٽ جنگم ڪاپڙائي

تپي تپيسر مُن مهِ پيکِئو، نٽ ناٽڪ نرتائي

ارٿ:- پرڀوءَ کي جوڳين، سنياسين، ڀيک ڌارين، جتين، جنگمن ۽ ڪاپڙين ۾ به ڏٺم. ڪيس تپين توڙي وڏن تپيسرن،

مُنبسرن، بازيگرن، تماشي ڪرڻ وارن ۽ راس ڌارين ناچن ۾ نه ڏٺم. [جوڳ = جوڳي. ڀيکر = ڀيک ڌاري. جنگم = پنٿ جو قسم. ڪاپڙائي = پنٿ جو قسم. مُن = مُنبسر. نٽ = بازيگر. ناٽڪ = تماشي ڪرڻ وارا. ترنائي = راس ڌارين، ناچن، ڀگتيون ڪندڙ.]

(٣) چهه مهه پيکئو ڪت مهه پيکئو، دس آشتي سِنمرتائي
سڀ مل ايڪو ايڪ وکانهه، تئُ ڪس تي ڪهئُ دُرائي

ارٿ:- ٻڌوءِ ڪي چئن ويدن ڇهن شاسترن، ارڙهن پراڻن ۽ ستاويهن سمرتين ۾ نه ڏٺم. سڀ (متبان ذڪر ڪيل پنٿ ۽ شاسترن) گڏجي، هڪ هيءَ ئي ڳالهه ثابت ڪن ٿا ته مان ڪئن چوان ته پرميشور ڪنهن کان پري آهي يعني سڀني ۾ ڀرپور ويا پڪ آهي. [چهه = چار (ويد). ڪت = ڇهه (شاستر). دس اشٽي = ارڙهن (پُران). دُرائي = پري.]

(٤) اَگهه اَگهه بي اَنت سُئامي، تهه ڪيم ڪيم ڪيمائي
جن نانڪ تنڪي بل بل جائيئي، جهه گهٽ پرگٽيائي.

ارٿ:- مهنجو مالڪ من ۽ ٻاڻيءَ جي پهچ کان ٻاهر ۽ تمام بي انت آهي ۽ تنهن وقت ۾ هنجي قيمت ڪٿي نٿي وڃي. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته جنهنجي هردي ۾ پياريءَ جو پڙدو دور ٿي مالڪ پرگهٽ ٿيو آهي تنهن تان مان سدائين بلهار وڃان. [اگهه اگهه = من ۽ ٻاڻيءَ جي پهچ کان ٻاهر. قيم = قيمت. گهٽ = هردو.]

نوٽ:- هن شبد سان ڀيٽيو سري نامديو صاحب جو شبد (١) راڳ آسا ۾.

(١) "ايڪ اَنيڪ ٻياپڪ پُورڪ، جَت ديکئُ تت سوئي
مايا چتر بچتر بموهت، برلا ٻُوجهي ڪوئي

سڀ گوبند هئي، سڀ گوبند هئي، گوبند بن نهي ڪوئي
سوت ايڪ مڻ ست سهنس جيسي،
اوت پوت پرڀ سوئي (اڪ رهاؤ)

(٢) جل ترنگ ار ڦين بدبدا، جل تي ڀن نه هوئي
اه پرپنچ پاربرهم ڪي ليلا، بچرت آن نه هوئي

(٣) مٿيا ڀرم ار سپن منورٿ، ست پدارٿ جانئيا
سڪرت منشا گور اپديشي، جاڳت هي من مانئيا

(٤) ڪهت نامديئه هر ڪي رچنا، ديکهه رديئي بيچاري
گهٽ گهٽ انتر، سرب نرنتر، ڪيول ايڪ مراري.

ڀاو ارٿ

(١) هڪڙوئي پورڻ پرماتما انيڪ جيون ۽ وشين ۾ سمايل آهي
جيڏانهن مان نهاريان تو تيڏانهن هو آهي. مايا جي سهڻن رنگن
جيون کي موهي ڇڏيو آهي، تنهنڪري ڪو ورلي پرماتما کي
سڃاڻي ٿو.

سڀئي (جيو ۽ وستو) پرماتما جو روپ آهن ۽ پرماتما کان
خالي ڪوبه نه آهي. جهڙيطرح هڪڙي ست جي ڌاڳي ۾ سوين
هزارين مالها جا داڻا پوتل تين ٿا، تهڙيطرح پڀؤ تاڃي پيٽي، سڀ
۾ سمايل آهي.

(٢) جهڙيطرح لهرون، گجي ۽ ڦوڪڻا، پاڻيءَ کان نيارا نه آهن،
تهڙيطرح هيءُ سنسار پرماتما جو کيل آهي. ويچار ڪرڻ سان
سمجهندين ته اهو پرماتما کان نيارو نه آهي.

(٣) ڀرم، جي نه جٽاءِ ڪندڙ آهن ۽ من جا سنڪلپ، جي
سپني وانگر نه هلندڙ آهن، تنکي اسان سچا يعني جٽاءِ ڪندڙ
پدارث ڪري سمجهيو آهي. جڏهين گورن جي اپديش ڪري
چڱن ڪمن ڪرڻ واري بڌي ٿئي ٿي، تڏهين هي جيو سچاءَ
... نشچي سمجهي ٿو ته دنيا جا پدارث سپني وانگر نه هلندڙ آهن،
... تنکي اسان سچا يعني جٽاءِ ڪندڙ پدارث ڪري سمجهيو آهي.
... جڏهين گورن جي اپديش ڪري چڱن ڪمن ڪرڻ واري بڌي

ٿئي ٿي، نڌهين ھي ھيو سهاڳ ني لسڇي سمڌوي نو (ڏ د ليا
جا پدارٿ سڀني والڪو ڪوڙا آهن ۽ ار مشور سب ۽ ويارڪ آهي).
(۴) سري نامدار صاحب جن فرمايا تا ڏ ھوڇي ھي رچنا
ھردي ۽ وڇاري ڏسو ڏ سڀني ھردن ۽ شڪ شموي ڪالسواءِ فقط
ھڪ ني يرمالما آهي.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਨਿਕਟਿ ਬੁਝੈ ਸੋ ਬੁਰਾ ਕਿਉ ਕਰੈ ॥ ਬਿਖੁ ਸੰਚੈ ਨਿਤ ਡਰਤਾ
ਫਿਰੈ ॥ ਹੈ ਨਿਕਟੇ ਅਰੁ ਭੇਦੁ ਨ ਪਾਇਆ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਸਭ ਮੋਹੀ
ਮਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ਨੇੜੈ ਨੇੜੈ ਸਭੁ ਕੋ ਕਹੈ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਭੇਦੁ ਵਿਰਲਾ ਕੋ
ਲਹੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਨਿਕਟਿ ਨ ਦੇਖੈ ਪਰ ਗ੍ਰਿਹਿ ਜਾਇ ॥ ਦਰਬੁ
ਹਿਰੈ ਮਿਥਿਆ ਕਰਿ ਖਾਇ ॥ ਪਈ ਠਗਉਰੀ ਹਰਿ ਸੰਗਿ ਨ ਜਾਨਿਆ ॥
ਬਾਝੁ ਗੁਰੂ ਹੈ ਭਰਮਿ ਭੁਲਾਨਿਆ ॥ ੨ ॥ ਨਿਕਟਿ ਨ ਜਾਨੈ ਬੋਲੈ
ਕੂੜੁ ॥ ਮਾਇਆ ਮੋਹਿ ਮੂਠਾ ਹੈ ਮੂੜੁ ॥ ਅੰਤਰਿ ਵਸਤੁ ਦਿਸੰਤਰਿ ਜਾਇ ॥
ਬਾਝੁ ਗੁਰੂ ਹੈ ਭਰਮਿ ਭੁਲਾਇ ॥ ੩ ॥ ਜਿਸੁ ਮਸਤਕਿ ਕਰਮੁ ਲਿਖਿਅ
ਲਿਲਾਟ ॥ ਸਤਿਗੁਰੁ ਸੇਵੇ ਖੁਲੇ ਕਪਾਟ ॥ ਅੰਤਰਿ ਬਾਹਰਿ ਨਿਕਟ
ਸੋਇ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਆਵੈ ਨ ਜਾਵੈ ਕੋਇ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥ ੧੬ ॥

راڳ ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (١٦)

ايديش

) نڪٽ ٻجهي سو برا ڪئن ڪري
بکہ سنچي نت ڏرتا ڦري

ارٿ:- جيڪو واهگورو کي ويجهو سمجهي ٿو، سو ٻئي جي
ڪئن ڪندو؟ مطلب ڏ ڪنهنجي برائي ڏ ڪندو. جيڪو
ن يعني مايا جا پدارٿ ڪٺا ٿو ڪري، سو سدائين ڀؤ ۾ رهي
لب ڏ ڪڏهين ڏ لڙيؤ يا بي خوف اٿو رهي. [نڪٽ =
. نکہ = وشيون، مايا جا پدارٿ. سنچي = گڏ ڪري.]

هئي نڪٽي اَر ڀيدُ نہ پائنا
ن ستگور سڀ موهي مائنا

ارٿ:- واهگورو تہ تمام ويجهو آهي پر انجو ڀيد جاڻو نٿو وڃي، چاڪاڻ تہ ستگوروءَ کانسواءِ مايا سڀني سرشٽي موهي ڇڏي آهي. [ڀيد = ڀيد.]

نيڙي نيڙي سڀ ڪو ڪهي
گورمک ڀيد وِرلا ڪو لهي (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- پرماتما کي تہ سڀڪو ويجهو ويجهو پيو ڪوٺي، پر اهي ڳجهہ کي ڪو ورلو گورمک جاڻي ٿو. [نيڙي = ويجهو.]

(٢) نِڪَٽِ نہ ديکئي، پرگرهِ جاءِ
درب هِري، مِٿيا ڪرِ کاءِ

ارٿ:- جيڪو واهگوروءَ کي ويجهو نٿو ڏسي، سو پرائي گهر يعني پرائيءَ استريءَ وٽ وڃي ٿو. ڌن چوري ڪري ۽ ڪوڙ ڳالهائي کائي ٿو. [پر گرهہ = پرائي گهر، پرائي استري. درب = ڌن. هِري = چوري ڪري. مِٿيا = جهوٽ، ڪوڙ.]

پئي ٺگئوري، هرِ سنگہ نہ جانيا
باجهہ گورو، ڀئي ڀرمِ ڀلانيا

ارٿ:- انهيءَ طرح مايا جي ٺڳيءَ ۾ ڀيل يا ڦاٿل جيو، پرڀوءَ کي پاڻ سان گڏ يا ويجهو نٿو سمجهي، چاڪاڻ تہ گوروءَ کانسواءِ جيو ڀرم ۾ ڀليو رهي ٿو. [باجهہ = کانسواءِ.]

(٣) نِڪَٽِ نہ جانئي، بولي ڪوڙ
مائيا موهِ موٺا، هئي موڙ

ارٿ:- جيڪو واهگوروءَ کي ويجهو نٿو سمجهي سو ڪوڙ ڳالهائي ٿو چاڪاڻ تہ مورک جيو مايا جي موهہ ڪري، مٺيو يا ٺڳيو پيو آهي. [موڙ = مورک.]

انترِ وست، دِسنتر جاءِ
باجهہ گورو، ڀئي ڀرمِ ڀلاءِ

ارٿ:- آتم وستو هردي ۾ رهي آهي ۽ مورکه جيو (انکي لڀت ڪرڻ لاءِ) ڏوراهين ملڪن ۾ وڃي ٿو جاڪاڻ ته گروءَ بالسواءِ هو ڀرم ۾ ڀلو پيو آهي. [دسنتر = ڏوراهان ملڪ.]

(۴) جن مستڪ ڪرم لکيا للاٽ
ستگر سيوي کلي ڪپاٽ

ارٿ:- جنهن جي مستڪ تي پرماتما سندس ڪرمن موجب ڀلو ليک لکيو آهي، سو ستگورن جي سيوا ڪري ٿو، جنهن ڪري سندس ڪپاٽ کلي پون ٿا يا پنج ڪوشن روپي لڪتا کلي پون ٿا.
[مستڪ = مٿي تي. للاٽ = مٿو يعني چڱا ڪرم. ڪپاٽ = پڙدا، دروازا (اگيان روپي).]

انتر باهر ايڪي سوءِ
جن نانڪ آوي نه جاوي ڪوءِ.

ارٿ:- اهو هڪ واهگوروءَ کي اندر باهر سڀنين ۾ ڏسي ٿو. سوئي گرو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته اهڙو پرش ڪو ورلو آهي. هو اچي وڃي نٿو يعني جمي مري نٿو. [ڪوءِ = ورلو.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਜਿਸੁ ਤੂ ਰਾਖਹਿ ਤਿਸੁ ਕਉਨੁ ਮਾਰੈ ॥ ਸਭ ਤੁਝਹੀ ਅੰਤਰਿ ਸਗਲ ਸੰਸਾਰੈ ॥ ਕੋਟਿ ਉਪਾਵ ਚਿਤਵਤ ਹੈ ਪ੍ਰਾਣੀ ॥ ਸੋ ਹੋਵੈ ਜਿ ਕਰੈ ਚੋਜ ਵਿਡਾਣੀ ॥ ੧ ॥ ਰਾਖਹੁ ਰਾਖਹੁ ਕਿਰਪਾ ਧਾਰਿ ॥ ਤੇਰੀ ਸਰਣਿ ਤੇਰੈ ਦਰਵਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਨਿ ਸੇਵਿਆ ਨਿਰਭਉ ਸੁਖ ਦਾਤਾ ॥ ਤਿਨਿ ਭਉ ਦੂਰਿ ਕੀਆ ਏਕੁ ਪਰਾਤਾ ॥ ਜੋ ਤੂ ਕਰਹਿ ਸੋਈ ਫੁਨਿ ਹੋਇ ॥ ਮਾਰੈ ਨ ਰਾਖੈ ਦੂਜਾ ਕੋਇ ॥ ੨ ॥ ਕਿਆ ਤੂ ਸੋਚਹਿ ਮਾਣਸ ਬਾਣਿ ॥ ਅੰਤਰਜਾਮੀ ਪੁਰਖੁ ਸੁਜਾਣੁ ॥ ਏਕ ਟੇਕ ਏਕੋ ਆਧਾਰੁ ॥ ਸਭ ਕਿਛੁ ਜਾਣੈ ਸਿਰਜਣਹਾਰੁ ॥ ੩ ॥ ਜਿਸ ਊਪਰਿ ਨਦਰਿ ਕਰੇ ਕਰਤਾਰੁ ॥ ਤਿਸੁ ਜਨ ਕੇ ਸਭਿ ਕਾਜ ਸਵਾਰਿ ॥ ਤਿਸ ਕਾ ਰਾਖਾ ਏਕੋ ਸੋਇ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਅਪੜਿ ਨ ਸਾਕੈ ਕੋਇ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥ ੧੭ ॥

ڀيروُ محلا پنجوان شبد (١٧)

اُٿانڪا:- هي شبد سري گورو آرجن ديو ٽڏهين اُچاريو، جڏهين پرٿيچند صاحبن جو وڏو ڀاءُ، ڀيو ويچار ڪندو هو ته ڪيئن پنهنجي ڀائٽئي سري هرگوبند صاحب جن کي ماريان. هنجا هيت ڪئي به پهچي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته سري واهگورو ٻالڪ جي هرطرح پٺي رکيا ڪئي:-

(١) جِسُ تُوُ راکهِ تِسُ ڪوَنُ مارئِ
سَبِ تُجهِي آنتر سڪل سنسارئِ

ارٿ:- هي ڀريو! جنهنجي تون رکيا ڪرين ٿو، تنهنکي ڪير ماري سگهندو؟ مطلب ته ڪير به نه ماري سگهندو، ڇاڪاڻ ته سڄو سنسار هرطرح تنهنجي حڪم ۾ ئي آهي. [راکهه = رکيا ڪرين ٿو.]

ڪوٽِ اُپاوَ، چِنتوَت هئِ پراڻي
سو هووئِ، جِه ڪرئِ چوج وِڏاڻي

ارٿ:- جيو پنهنجي فائدي لاءِ ڪروڙين اُپاو (پنهنجي اندر ۾) سوچي ٿو يا ويچاري ٿو، پر ٿئي اُهوئي ٿو، جيڪي منهنجو ڪوتڪي ڀريو ڪري ٿو. [چِنتوت = سوچي ٿو، ويچاري ٿو. چوج وڏاڻي = ڪوتڪي ڀريو.]

راکهُ راکهُ ڪِرپا ڌارِ
تيري سَرڻِ تيري دَروارِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀريو! ڪرپا ڪري منهنجي رکيا ڪر، ڇاڪاڻ ته مان تنهنجي ست سنگ روپي دربار ۾، تنهنجي شرن آيو آهيان. [دروار = (ست سنگ روپي) دربار.]

(٢) جن سيوِيا تِرپتِ سُکداتا

تِن پِتِر دوُرِ کِينا، ايڪُ پرَاتا

ارٿ:- هي ترپت سک ڏاتا واهگورو! جن ٽنهنجي سيوا ڪئي آهي، تن پنهنجو (جنم مرڻ وغيره جو) ڀؤ دور ڪيو آهي ۽ تو هڪ کي ئي چڱي طرح پڇاڻيو آهي. [پراتا = پڇاڻيو، سڃاتو.]

جو توُ ڪَرَهِ، سوئي ڦُنِ هوءِ

مارِيءِ نه راکيءِ دوُجا ڪوءِ

ارٿ:- هي واهگورو! جيڪي ڪي تون ڪرين ٿو، سوئي ٿئي ٿو؛ مارڻ وارو يا رکيا ڪرڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪونهي. [ڦن = وري.]

(٣) ڪِتا توُ سوچهِ مانَس ناڻِ

انتر جامي پُرکُ سُجاڻُ

ارٿ:- هي ڀائي! تون پنهنجي انساني سياڻ موجب ڪهڙو ٻيو سوچ ڪرين، (اوکي خبر نه آهي ته) اڪال پرک انترجامي ۽ وڏو سياڻو آهي. [مانس ناڻ = انساني سياڻ.]

ايڪَ ٽيڪَ ايڪو آڌارُ

سبَ ڪِڇُ جاڻِيءِ سِرجڻهارُ

ارٿ:- ٽنهنجي من ۾ ٽيڪ ۽ آڌار، هڪ واهگورو ۽ جو ئي آسرو ونو جاڪاڻ ته هو سرشٽيءَ جي رچڻ وارو واهگورو سڀ ڪجهه ڄاڻي رهيو آهي. [سرجڻهار = سرشٽيءَ جي رچڻ وارو.]

(٤) جِسُ اوُپرِ، ندرِ ڪَري ڪَرتارُ

تِسُ جن ڪي، سبِ ڪاج سوارِ

ارٿ:- جنهن تي ڪرتار ڪرپا درشٽي ڪري ٿو، تنهن جا سڀ ڪارج راس ڪري ٿو. [ندر = نظر يا درشٽي (ڪرپا جي).]

تسڪا راکا ايڪو سوء
جن نانڪ آپڙ نہ ساڪي ڪوء.

ارٿ:- ھن جو رکيڪ، ھڪ واهگورو ئي ٿئي ٿو. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا تہ اُنهي داس کي ٻوء ڪير بہ پهچي نٿو سگهي يعني هنکي ڪير بہ دکہ ڏ يئي نٿو سگهي. [آپڙ = پهچڻ.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਹੋਵੈ ਬਾਹਰਿ ॥ ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਵਿਸਰੈ ਨਰਹਰਿ ॥ ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਦੂਜਾ ਭਾਏ ॥ ਕਿਆ ਕੜੀਐ ਜਾਂ ਰਹਿਆ ਸਮਾਏ ॥ ੧ ॥ ਮਾਇਆ ਮੋਹਿ ਕੜੇ ਕੜਿ ਪਚਿਆ ॥ ਬਿਨੁ ਨਾਵੈ ਭ੍ਰਮਿ ਭ੍ਰਮਿ ਭ੍ਰਮਿ ਖਪਿਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਦੂਜਾ ਕਰਤਾ ॥ ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਅਨਿਆਇ ਕੋ ਮਰਤਾ ॥ ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਕਿਛੁ ਜਾਣੈ ਨਾਹੀ ॥ ਕਿਆ ਕੜੀਐ ਜਾਂ ਭਰਪੂਰਿ ਸਮਾਹੀ ॥ ੨ ॥ ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਕਿਛੁ ਹੋਇ ਧਿਙਾਣੈ ॥ ਤਉ ਕੜੀਐ ਜੇ ਭੂਲਿ ਰੰਵਾਣੈ ॥ ਗੁਰਿ ਕਹਿਆ ਜੋ ਹੋਇ ਸਭੁ ਪ੍ਰਭ ਤੇ ॥ ਤਬ ਕਾੜਾ ਛੋਡਿ ਅਚਿੰਤ ਹਮ ਸੋਤੇ ॥ ੩ ॥ ਪ੍ਰਭ ਤੂ ਹੈ ਠਾਕੁਰੁ ਸਭੁਕੋ ਤੇਰਾ ॥ ਜਿਉ ਭਾਵੈ ਤਿਉਂ ਕਰਹਿ ਨਿਬੇਰਾ ॥ ਦੁਤੀਆ ਨਾਸਤਿ ਇਕੁ ਰਹਿਆ ਸਮਾਇ ॥ ਰਾਖਹੁ ਪੈਜ ਨਾਨਕ ਸਰਣਾਇ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥ ੧੮ ॥

ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (۱۸)
(سنڌي ويئتي)

(۱) تئہ ڪڙيئي، جو هووئي ٻاهر
تئہ ڪڙيئي، جي وسرئي نرهر
مائما! ڪڙهئي تڏهين کجي، جڏهين تنهنجي نر تيندو هجي. ڪڙهئي تڏهين کجي جڏهين

هي نرسنگهه روپ واهگورو! تهنجو نام وسري وڃي. [ڪرِائيءِ =
ڳلتي ڪجي، ڇهڙجي. نرهر = نرسنگهه.]

تَهُ ڪَرِيئِيءِ، جي ڏُوجا پائي
ڪِتا ڪَرِيئِيءِ، جا رِتا سمائي

ارٿ:- جڏهين برماتما کانسواءِ ڪو ٻيو پاڻي هجي تڏهين
ڏک ڪرڻ گهرجي. تڏهين ڏک ڇو ڪجي، جڏهين هو سڀني
جيون ۾ سمايو پيو آهي.

مائِيا موهِ ڪَڙي ڪَرِ پَچِئا
بِنُ ناوي ڀُرمِ ڀُرمِ ڀُرمِ کِپِئا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي پربوا هي جيو تهنجي مايا جي موهه ۾ ڇُهڙي
ڇُهڙي پچي يا سڙي رهيو آهي ۽ نام کانسواءِ ڀرم ۾ ڀرمجي ڇوراسي
لک جونين ۾ ڀتڪي رهيو آهي. [ڪڙي ڪرِ = ڇهڙي ڇهڙي.]

(٢) تَهُ ڪَرِيئِيءِ، جي ڏُوجا ڪَرَتا
تَهُ ڪَرِيئِيءِ، جي آنِياءِ ڪو مَرَتا

ارٿ:- ڳلتي تڏهين ڪجي جڏهين (برماتما کانسواءِ) ڪو
... ڪرڻ وارو هجي. ڳلتي تڏهين ڪجي جڏهين ڪو بي انصافيءَ
... مري وڃي - مطلب - ته ايشور وٽ پورو انصاف آهي. [ڪرتا =
... ڻ وارو. آنياء = بي انصافي.]

پرماڻ:- ”اوٿي سچو هي سچ نبيڙي،
چُڻِ وکِ ڪڍي جچمالتا.“

[سري آسادي وار پوڙي (٢)]
... هنجو ارٿ آهي ته اُتي (يعني پرميشور جي دربار ۾) سچ
... نو نبري ۽ پاپين کي چونڊي ڪڍي ٻاهر ڪن ٿا. [چڻ =
... وک = ٻاهر. جچمالتا = مايا ۾ اٽڪيل، پاپي.]

ٿنِ ڪريٿئي، جي ڪُڇ جاڻئي ناهي
ڪِئا ڪريٿئي، جانُ پرپورِ سماهي

ارٿ:- ڳُٽتي تڏهين ڪجي، جڏهين واهگورو جاڻندو نه هجي يعني اڻڄاڻ هجي. ڳُٽتي ڇو ڪجي، جڏهين هو سڀني ۾ هڪ رس وياپڪ ٿي رهيو آهي.

(٣) ٿنِ ڪريٿئي، جي ڪُڇ هوءِ ڌِڱاڻئي
ٿنِ ڪريٿئي جي ڀولِ رنڃاڻئي

ارٿ:- ڳُٽتي تڏهين ڪجي جڏهين ڪجهه زبردستيءَ سان تيندو هجي. ڳُٽتي تڏهين ڪجي جڏهين ڪير ڪنهنکي ڀُل ۾ دٻائي ۽ ڏکائي. [ڌگاڻي = زبردستي. رنڃاڻيءِ = دٻائي ۽ ڏکائي.]

گورِ ڪهِئا، جو هوءِ سڀ پرڀ تي
تب ڪاڙا ڇوڙِ، اچنت هر سوئي

ارٿ:- جڏهين گورن اهو اُپديش ڏنو ته جيڪي به ڪجهه ٿئي ٿو، سو پرڀوءَ جي طرفان ٿي ٿئي ٿو، تڏهين مان ڳُٽتي ڇڏي، بي فڪر يا نشچنت ٿي سمهان ٿو. [سوئي = سمهان ٿو.]

(٤) پرڀ تون هئي ٺاڪر، سڀ ڪو تيرا
جِن ڀاوئي، ٿِن ڪرهِ نبيرا

ارٿ:- هي پرڀو! تون سڀ جو سوامي آهين ۽ هرڪو تنهنجو داس آهي. جئن توکي وڻي ٿو تئن تون نياءُ يا فيصلو ڪرين ٿو.

دُتِيئا ناستِ اِڪُ رهِئا سماءِ
راکهُ پِڄهِ نانڪ سرڻاءِ.

ارٿ:- ٻيو ڪو به ڪونهي، فقط هڪ تون ئي سڀ ۾ سمائجي رهيو آهين. سري گورو ارجن صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا

نه هي ٻڌيو! مان تنهنجي سرن آڙ آهيان ؛ تون سنهنجي پنچ رکه.
[ناسد = نه اسد = نه آهي.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਬਿਨੁ ਬਾਜੇ ਕੈਸੋ ਨਿਰਤਕਾਰੀ ॥ ਬਿਨੁ ਕੰਠੈ ਕੈਸੇ ਗਾਵਨਹਾਰੀ ॥ ਜੀਲ ਬਿਨਾ ਕੈਸੇ ਬਜੈ ਰਬਾਬ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਬਿਰਥੇ ਸਭਿ ਕਾਜ ॥੧॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਕਹਹੁ ਕੋ ਤਰਿਆ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਕੈਸੇ ਪਾਰਿ ਪਰਿਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬਿਨੁ ਜਿਹਵਾ ਕਹਾ ਕੋ ਬਕਤਾ ॥ ਬਿਨੁ ਸ੍ਰਵਨਾ ਕਹਾ ਕੋ ਸੁਨਤਾ ॥ ਬਿਨੁ ਨੇਤ੍ਰਾ ਕਹਾ ਕੋ ਪੇਖੈ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਨਰੁ ਕਹੀ ਨ ਲੇਖੈ ॥ ੨ ॥ ਬਿਨੁ ਬਿਦਿਆ ਕਹਾ ਕੋਈ ਪੰਡਿਤ ॥ ਬਿਨੁ ਅਮਰੈ ਕੈਸੇ ਰਾਜ ਮੰਡਿਤ ॥ ਬਿਨੁ ਬੂਝੇ ਕਹਾ ਮਨੁ ਠਹਰਾਨਾ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਸਭੁ ਜਗੁ ਬਉਰਾਨਾ ॥ ੩ ॥ ਬਿਨੁ ਬੈਰਾਗ ਕਹਾ ਬੈਰਾਗੀ ॥ ਬਿਨੁ ਹਉ ਤਿਆਗਿ ਕਹਾ ਕੋਊ ਤਿਆਗੀ ॥ ਬਿਨੁ ਬਸਿ ਪੰਚ ਕਹਾ ਮਨ ਚੂਰੇ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਸਦ ਸਦਹੀ ਝੂਰੇ ॥ ੪ ॥ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਦੀਖਿਆ ਕੈਸੇ ਗਿਆਨੁ ॥ ਬਿਨੁ ਪੇਖੇ ਕਹੁ ਕੈਸੋ ਧਿਆਨੁ ॥ ਬਿਨੁ ਭੈ ਕਥਨੀ ਸਰਬ ਬਿਕਾਰ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਦਰ ਕਾ ਬੀਚਾਰ ॥ ੫ ॥ ੬ ॥ ੧੯ ॥

ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (19)
(نام کانسواء سڀ وڏرت)

(١) بِنُ باجي، ڪيسو نرتڪاري
بِنُ ڪنٺي، ڪيسي گاوَنُ هاري

اوستوين ساز ٻاجا، ناچؤ ڪهڙو آهي؟ مطلب ته ڪنهن نه ڪم جو نه آهي. سٺي ڳلي کانسواء، ڳائڻ وارو ڪهڙو آهي؟ مطلب نه اهڙو ڳائڻ وارو آهي. [باجي = ساز. نرتڪاري = ناچؤ، نچڻ وارو. ڪنٺي = سٺو ڳلو.]

جيل بنا، ڪيسي بجي رباب
نام بنا، برٿي سڀ ڪاج

ڀيرؤ-

ارٿ:- تار ڪانسواءِ، رباب جو وڄڻ ڪهڙو آهي؟ مطلب تہ نٿو
وڄي. اهڙيءَ طرح نام ڪانسواءِ، سڀ ڪم وڻرت آهن. [جيل =
رباب جي هڪ تار جو نالو. رباب = سُرندو. ٻرٿي = اجايا، وڻرت.]

نام بِنا، ڪَيهہ ڪو ترٿا
بنُ ستگور، ڪيسي پار پرٿا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ٻائي بِداءِ، تہ نام ڪانسواءِ، ڪير تريو آهي - مطلب تہ
ڪير بہ نہ تريو آهي؛ ستگورن ڪانسواءِ (سنسار سمنبد مان) ڪهڙيءَ
طرح ڪير پار پيو آهي مطلب تہ نہ پار پيو آهي. [ڪهہ = بِداءِ.]

(٢) بنُ جِهوا، ڪَها ڪو بِڪتا
بنُ سِروَنا، ڪَها ڪو سُنتا

ارٿ:- زبان ڪانسواءِ، ڪير ڪجهہ ڳالهائي سگهي ٿو؟ يعني
نٿو ڳالهائي سگهي. ڪنن ڪانسواءِ، ڪير ڪجهہ ٻڌي سگهي ٿو؟
مطلب تہ ٻڌي نٿو سگهي. [جهوا = زبان. بڪتا = ڳالهائي. سرونا =
ڪن. سُنتا = ٻڌي.]

بنُ نيترا، ڪَها ڪو پيکئي
نام بِنا، نر ڪَهي نہ ليکئي

ارٿ:- اکين ڪانسواءِ، ڪير ڪجهہ ڏسي سگهي ٿو؟ مطلب
تہ نٿو ڏسي سگهي. اهڙيءَ طرح نام ڪانسواءِ، ماڻهو ڪنهن بہ ڪم
جو نہ آهي. [نيترا = اکيون. پيکي = ڏسي. ليکي = حساب.]

(٣) بنُ بِدِئا، ڪَها ڪوئي پنڊت
بنُ اَمرئي، ڪيسي راج منڊت

ارٿ:- وديا ڪانسواءِ ڪهڙيءَ طرح ڪير پنڊت ٿي سگهي
ٿو؟ مطلب تہ پنڊت ٿي نٿو سگهي. حڪم هلائڻ ڪانسواءِ، ڪهڙيءَ
طرح ڪير تخت تي ويهي راجا ٿي سگهي ٿو- مطلب تہ اهو راجا
ٿي نٿو سگهي. [بدئا = وديا. منڊت = تخت.]

نه هي ڀريو! مان تنهنجي سرن آڌر آهيان؛ اون سنهنجي پنج رک.
[ناسب = نه اسب = نه آهي.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਬਿਨੁ ਬਾਜੇ ਕੈਸੋ ਨਿਰਤਕਾਰੀ ॥ ਬਿਨੁ ਕੰਠੈ ਕੈਸੇ ਗਾਵਨਹਾਰੀ ॥ ਜੀਲ ਬਿਨਾ ਕੈਸੇ ਬਜੈ ਰਬਾਬ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਬਿਰਥੇ ਸਭਿ ਕਾਜ ॥੧॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਕਹਹੁ ਕੋ ਤਰਿਆ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਕੈਸੇ ਪਾਰਿ ਪਰਿਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬਿਨੁ ਜਿਹਵਾ ਕਹਾ ਕੋ ਬਕਤਾ ॥ ਬਿਨੁ ਸ੍ਰਵਨਾ ਕਹਾ ਕੋ ਸੁਨਤਾ ॥ ਬਿਨੁ ਨੇਤ੍ਰਾ ਕਹਾ ਕੋ ਪੇਖੈ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਨਰੁ ਕਹੀ ਨ ਲੇਖੈ ॥ ੨ ॥ ਬਿਨੁ ਬਿਦਿਆ ਕਹਾ ਕੋਈ ਪੰਡਿਤ ॥ ਬਿਨੁ ਅਮਰੈ ਕੈਸੇ ਰਾਜ ਮੰਡਿਤ ॥ ਬਿਨੁ ਬੂਝੇ ਕਹਾ ਮਨੁ ਠਹਰਾਨਾ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਸਭੁ ਜਗੁ ਬਉਰਾਨਾ ॥ ੩ ॥ ਬਿਨੁ ਬੈਰਾਗ ਕਹਾ ਬੈਰਾਗੀ ॥ ਬਿਨੁ ਹਉ ਤਿਆਗਿ ਕਹਾ ਕੋਊ ਤਿਆਗੀ ॥ ਬਿਨੁ ਬਸਿ ਪੰਚ ਕਹਾ ਮਨ ਚੂਰੇ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਸਦ ਸਦਹੀ ਝੂਰੇ ॥ ੪ ॥ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਦੀਖਿਆ ਕੈਸੇ ਗਿਆਨੁ ॥ ਬਿਨੁ ਪੇਖੇ ਕਹੁ ਕੈਸੋ ਧਿਆਨੁ ॥ ਬਿਨੁ ਭੈ ਕਥਨੀ ਸਰਬ ਬਿਕਾਰ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਦਰ ਕਾ ਬੀਚਾਰ ॥ ੫ ॥ ੬ ॥ ੧੯ ॥

ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (١٩)
(نام ڪانسواءِ سڀ وئرٿ)

(١)-بِنُ باجي، ڪَيسو نِرتڪاري
بِن ڪنٺيءَ، ڪَيسي گاوَن هاري

ارٿ:- ساز بنا، ناچ ڪهڙو آهي؟ مطلب نه ڪنهن نه ڪم جو نه آهي. سٺي گلي ڪانسواءِ، ڳائڻ وارو ڪهڙو آهي؟ مطلب نه اهڙو ڳائڻ ونرت آهي. [باجي = ساز. نرتڪاري = ناچ، نچڻ وارو. ڪنٺي = سٺو گلو.]

جيلَ بنا، ڪَيسي بَجيءَ رَبابَ
نامَ بنا، بِرٿي سڀ ڪاجَ

ارٿ:- تار کانسواءِ رباب جو وڄڻ ڪهڙو آهي؟ مطلب تہ نٿو وڄي. اهڙيءَ طرح نام کانسواءِ سڀ ڪم وٿرت آهن. [جيل = رباب جي هڪ تار جو نالو. رباب = سُرندو. برٿي = اجايا، وٿرت.]

نام بِنا، ڪَهہ ڪو ترِئا

بِنُ ستگور، ڪيَسي پارِ پرِئا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي پائي بڌاءِ، تہ نام کانسواءِ ڪير ترِيو آهي - مطلب تہ ڪير بہ نہ تريو آهي ۽ ستگورن کانسواءِ (سنسار سمنڊ مان) ڪهڙيءَ طرح ڪير پار پيو آهي مطلب تہ نہ پار پيو آهي. [ڪهه = بڌاءِ.]

(۲) بِنُ جِهوا، ڪَها ڪو بڪتا

بِنُ سروَنا، ڪَها ڪو سُنتا

ارٿ:- زبان کانسواءِ ڪير ڪجهہ ڳالهائي سگهي ٿو؟ يعني نٿو ڳالهائي سگهي. ڪَنن کانسواءِ ڪير ڪجهہ ٻڌي سگهي ٿو؟ مطلب تہ ٻڌي نٿو سگهي. [جهوا = زبان. بڪتا = ڳالهائي. سروَنا = ڪَن. سُنتا = ٻڌي.]

بِنُ نيترا، ڪَها ڪو پيکئي

نام بِنا، نرُ ڪَهي نہ ليکئي

ارٿ:- اکين کانسواءِ ڪير ڪجهہ ڏسي سگهي ٿو؟ مطلب تہ نٿو ڏسي سگهي. اهڙيءَ طرح نام کانسواءِ ماڻهو ڪنهن بہ ڪم جو نہ آهي. [نيترا = اکيون. پيکي = ڏسي. ليکي = حساب.]

(۳) بِنُ بِدئا، ڪَها ڪوئي پنڊِت

بِنُ آمرئي، ڪيَسي راج منڊِت

ارٿ:- ودِيا کانسواءِ ڪهڙيءَ طرح ڪير پنڊت ٿي سگهي ٿو؟ مطلب تہ پنڊت ٿي نٿو سگهي. حڪم هلائڻ کانسواءِ ڪهڙيءَ طرح ڪير تخت تي ويهي راجا ٿي سگهي ٿو- مطلب تہ اهو راجا ٿي نٿو سگهي. [بدئا = وديا. منڊت = تخت.]

بِنُ بوُجهي، ڪَها مَنُ ٺِهرانا
نامِ بِنا، سَبُ جڳُ بَئُرانا

ارٿ:- پرميشور جي گيان کانسواءِ، من ڪيئن استر ٿي سگهي
ٿو؟ مطلب تہ من هڪ هنڌ نٿو ٽڪي. اهڙي طرح نام کانسواءِ سڄو
سنسار يا جهان چريو آهي. [ٺهرانا = استر. بئرانا = چريو.]

(۴) بِنُ بَئراڳہ، ڪَها بَئراڳي
بِنُ هئُ تِيَاڳہ، ڪَها ڪوئُ تِيَاڳي

ارٿ:- ويراڳ کانسواءِ، ڪهڙيءَ طرح ڪو ويراڳي ٿي سگهي
ٿو. هؤمي ڇڏڻ کانسواءِ، ڪهڙيءَ طرح ڪو تياڳي يا ورڪت
سنت ٿي سگهي ٿو. [هئُ = هؤمي، اهنڪار. تياڳي = ورڪت سنت.]

بِنُ بِسِ پنچہ، ڪَها مَنُ چوُرِي
نامِ بِنا، سَد سَدِ جهوُرِي

ارٿ:- ڪام آدڪ پنجن وڪارن کي وس ڪرڻ کانسواءِ،
ڪهڙيءَ طرح ڪو من کي چورن يا وس ڪري سگهي ٿو؟
مطلب تہ من نٿو ماري سگهي. اهڙيءَ طرح نام کانسواءِ جيو سدئيو
ڳڻتيون ٿي پوڳيندو رهندو. [بس = وس. پنچ = ڪام آدڪ پنج
وڪار. چوُري = چورن، وس. جهوُري = ڳڻتيون.]

(۵) بِنُ گور دِيکِيَا، ڪَئِسي گيانُ
بِنُ پيکي، ڪَہُ ڪَئِسو دِهيانُ

ارٿ:- گورن جي سکيا کانسواءِ، گيان ڪهڙي طرح ٿي سگهي
ٿو؟ مطلب تہ گيان ٿي نٿو سگهي. (شيخ جي) ڏسڻ کانسواءِ، آن
پر ڌيان ڪهڙيءَ طرح لڳي سگهي ٿو؟ مطلب تہ ڌيان لڳي نٿو
سگهي. [دِيکِيَا = سکيا.]

بِنُ ڀَيُ، ڪَتَنِي سَرَبَ ٻِڪار
ڪَهُ نانَڪ، دَرِ ڪا ٻيچار.

ارٿ:- پرميشور جي ڀو کان سواءِ، جيڪو پڙهڻ يا ڪتا ڪرڻي آهي سا سڀ وڪار روپ آهي يعني ونرٿ آهي. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا تہ مون ڏهو پرميشور جي درگاهہ جو ويچار ٻڌايو آهي.

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਹਉਮੈ ਰੋਗੁ ਮਾਨੁਖ ਕਉ ਦੀਨਾ ॥ ਕਾਮ ਰੋਗਿ ਮੈਗਲੁ ਬਸਿ ਲੀਨਾ ॥ ਦ੍ਰਿਸਟਿ ਰੋਗਿ ਪਚਿ ਮੁਏ ਪਤੰਗਾ ॥ ਨਾਦ ਰੋਗਿ ਖਪਿ ਗਏ ਕੁਰੰਗਾ ॥੧॥ ਜੋ ਜੋ ਦੀਸੈ ਸੋ ਸੋ ਰੋਗੀ ॥ ਰੋਗ ਰਹਿਤ ਮੇਰਾ ਸਤਿਗੁਰੁ ਜੋਗੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਹਵਾ ਰੋਗਿ ਮੀਨੁ ਗ੍ਰਸਿਆਨੋ ॥ ਬਾਸਨ ਰੋਗਿ ਭਵਰੁ ਬਿਨਸਾਨੋ ॥ ਹੇਤ ਰੋਗ ਕਾ ਸਗਲ ਸੰਸਾਰਾ ॥ ਤ੍ਰਿਬਿਧਿ ਰੋਗ ਮਹਿ ਬਧੇ ਬਿਕਾਰਾ ॥ ੨ ॥ ਰੋਗੇ ਮਰਤਾ ਰੋਗੇ ਜਨਮੈ ॥ ਰੋਗੇ ਫਿਰਿ ਫਿਰਿ ਜੋਨੀ ਭਰਮੈ ॥ ਰੋਗ ਬੰਧ ਰਹਨੁ ਰਤੀ ਨ ਪਾਵੈ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਰੋਗੁ ਕਤਹਿ ਨ ਜਾਵੈ ॥ ੩ ॥ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮਿ ਜਿਸੁ ਕੀਨੀ ਦਇਆ ॥ ਬਾਹ ਪਕੜਿ ਰੋਗਹੁ ਕਢਿ ਲਇਆ ॥ ਤੂਟੇ ਬੰਧਨ ਸਾਧ ਸੰਗੁ ਪਾਇਆ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਗੁਰਿ ਰੋਗੁ ਮਿਟਾਇਆ ॥ ੪ ॥ ੭ ॥ ੨੦ ॥

ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (٢٠)
(سنگورن کانسواءِ سڄو سنسار ڪنهن نہ ڪنهن
روڳ ۾ گرفتار)

(١) هؤمي روڳُ، مانکہ ڪَئُ دينا
ڪام روڳِ، مَيگلُ ٻس لينا

ارٿ:- ٻيو اهنڪار روپي روڳ، ماڻهوءَ کي ڏنو آهي ۽ ڪام روپي روڳ سان، هاٿيءَ کي وس ڪري ڇڏيو آهي. [هؤمي = اهنڪار. مئگل = هاٿي.]



دُرشٽ روڳ، پڇه مُٺي پَٽنڪا
ناد روڳه، کپ ڪَنِي ڪَرنڪا

اوست:- روپ ڏسڻ جي روڳ ڪري، ٻوپٽ سڙي مري وڃن ٿا ۽ مٺي آواز ٻڌڻ واي روڳ ڏاوان، هرڻ (ڦڪڙجي) ڪهي وڃن ٿا. [دوشٽ = ڏسڻ (سندر روپ). پتنڪا = ٻوپٽ. ناد = سندر آواز. ڪرنڪا = هرڻ.]

جو جو ديسيءِ سو سو روڳي
روڳ رهت، ميرا ستگور جوڳي (اڪ رهاءِ)

اوست:- جيڪو جيڪو جيو يا جسم نظر اچي ٿو، سو سڀ روڳي آهي. روڳ کان رهت فقط منهنجو ستگورو آهي، جو پرماتما سان جُڙيل يا ملبل آهي. [رهت = جڙل، آزاد. جوڳي = جُڙيل، مليل.]

(٢) جهوا روڳه، مين ڪِرِستانو
باسن روڳه، پڙو ڀنسانو

اوست:- زبان جي چشڪي جي روڳ ڪري، مڇي ڦڪڙجي ٿي ۽ خوشبوءِ سنگهڻ واري روڳ ڪري، ڀور ناس ٿئي ٿو. [جهوا = زبان. مين = مڇي. گرستانو = ڦڪڙجي ٿي. باسن = خوشبوءِ سنگهڻ. ٻنسانو = ناس ٿئي ٿو.]

هيت روڳه ڪا، سڪل سنسارا
ترِبِڌ روڳه مهه، ٻڌي ٻڪارا

اوست:- موهه جي روڳ ۾ سارو سنسار آهي. ٽن قسمن جي بيماريءَ ۾ ئي، سڀ وشن جا وڪار وڌن ٿا- مطلب ته ترگٽي (سنو، رجو ۽ تمو) مايا واري بيماريءَ ۾ ئي وڪار وڌن ٿا. [هيت = موهه. ترٻڌ = ٽن قسمن جي، ترگٽي (مايا). ٻڌي = وڌن ٿا.]

(٣) روڳي مرتا، روڳي جنمي
روڳي ڦرِ ڦرِ جوني ڀرمي



ارٿ:- اگيان روپي روڳ ڪري، جيو جمندو مرندو رهي ٿو ۽ اگيان روپي روڳ ڪري ئي، هر هر جونين ۾ ڀٽڪي ٿو. [ڀرمي = ڀٽڪي ٿو.]

روڳ بنڌ، رهڻ رتي نه پاوي
بن ستگور روڳ، ڪتهه نه جاوي

ارٿ:- جيڪو آدمي اگيان روپي روڳ ۾ جڪڙيل يا گرفتار ٿيل آهي، سو (يا تنهنجو مڻ) نه ماتر به استر نٿو ٿئي ۽ ستگورن کانسواءِ، اگيان روپي روڳ ڪڏهين به دور نٿو ٿئي. [بنڌ = ٻڌل، جڪڙيل، گرفتار ٿيل؛ رهڻ پاوي = استر ٿئي، ٽڪي. ڪتهه = ڪڏهين به.]

(۳) پاربرهم جس ڪيني دئيا
باهه پڪڙ، روڳهه ڪي لئيا

ارٿ:- جنهن تي پرميشور ديا ڪئي آهي، تنهنکي ٻانهن کان وٺي، سنسار روپي روڳ کان ٻاهر ڪڍيو اٿس.

ٽوٽي بنڌن، ساڌ سنگ پائيا
ڪهه نانڪ، گور روڳ مٽائيا.

ارٿ:- جڏهين سنتن جو سنگ پراپت ٿيو تڏهين دنيا جا سڀ بنڌن ٽٽي ويا. سري گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا ته ستگورن ئي اگيان روپي روڳ دور ڪري ڇڏيو آهي. [مٽائيا = دور ڪري ڇڏيو.]

ਭੈਰਉ ਮਹਲਾ ੫

ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾ ਮਹਾ ਅਨੰਦ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਭਿ ਦੁਖ ਭੰਜ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਰਧਾ ਪੂਰੀ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਕਬਹਿ ਨ ਝੂਰੀ ॥ ੧ ॥ ਅੰਤਰਿ ਰਾਮਰਾਇ ਪ੍ਰਗਟੇ ਆਇ ॥ ਗੁਰਿ ਪੂਰੈ ਦੀਓ

ਰੰਗੁ ਲਾਇ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਰਬ ਕੋ ਰਾਜਾ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਪੂਰੇ ਕਾਜਾ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਰੰਗਿ ਗੁਲਾਲ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਦਾ ਨਿਹਾਲ ॥ ੨ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਦ ਧਨਵੰਤਾ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਦਨਿ ਭਰੰਤਾ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਭਿ ਰੰਗ ਮਾਣੇ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਚੂਕੀ ਕਾਣੇ ॥ ੩ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸਹਜ ਘਰੁ ਪਾਇਆ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਤਾਂ ਸੁੰਨਿ ਸਮਾਇਆ ॥ ਚੀਤਿ ਆਵੈ ਸਦ ਕੀਰਤਨੁ ਕਰਤਾ ॥ ਮਨੁ ਮਾਨਿਆ ਨਾਨਕ ਭਗਵੰਤਾ ॥ ੪ ॥ ੮ ॥ ੨੧ ॥

ڀيرؤ محلا پنجوان شبد (٢١)

(پريؤ جــو چت ۾ وسڻ جــو ڦل)

(١) چيتِ آويَ تان، مَها آنَندَ

چيتِ آويَ تان، سَبِ دُکَ ڀنجَ

ارٿ:- هي ڀڳوان! جيڪڏهن چت ۾ ياد اچي ته تڏهن ته ڏاڍو آنند ٿئي ٿو. هي هري! جيڪڏهن چت ۾ ياد اچي ته سڀ دک ناس ٿيو وڃن ٿا.
[ڀنج = ڀڄڻ ٿا، ناس ٿين ٿا.]

چيتِ آويَ تان، سرڌا پُڙ ري

چيتِ آويَ تان، ڪَبهِم نَ جهوُري

ارٿ:- هي واهگورو! جيڪڏهن چت ۾ ياد اچي ته من جي شرڌا يا اڇا پوري ٿئي ٿي. جي هري! جيڪڏهن چت ۾ ياد اچي ته ڪڏهين به جهوري يا ڳڻتي نٿي ٿئي. [سرڌا = اڇا، خواهش. جهوُري = ڳڻتي.]

پرماڻ:- پرڀ ڪيَ سمرنِ ڪَبهِم نَ جهوُ ري
[سکمني صاحب اشٽپدي (١) پد (٧)]

اَنتَرِ رامَراءِ، پرگٽي آءِ

گورِ پوُري ديئو، رنگُ لاءِ (اڪرهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! ننگا ئي هن سنسار ۾ اچڻ ۽ ننگو ئي وڃڻ ۾ ننگو ٿيندو. ڪو به راجا يا راڻو هتي هميشه نه رهندو. منهنجي لاءِ نو نڌيون يا نو خزانا، راجا رام ئي آهي، تنهنجو پيار ملڪيت، استري ۽ ڌن مال آهي. [سمپت = ملڪيت. ڪلت = نار.]

(٢) آوت سنگ، نه جات سنگاتي
ڪها ڀئيو، در باندي هاٿي

ارٿ:- اهي (دنيوي پدارٿ) نڪي اچڻ وقت سنگ اچن ٿا ۽ نڪي وڃڻ مهل سنگ هلندا. ڪهڙي ڳالهه آهي، جن جي در تي هاٿي ٻڌل هئا؟

(٣) لنڪا ڳڙهه، سوني ڪا ڀئيا
مورکه راوڻ، ڪيا لي گئيا

ارٿ:- لنڪا جو قلعو، جو سون جو ٺهيل هو (اُن جو مالڪ) مورکہ راوڻ، ٻاڻ سان ڇا کڻي ويو؟ [گڍ = قلعو.]

(٤) ڪهہ ڪبير، ڪڇهہ گُن بيچار
چلي جُئاري، دوء هٿ جهار.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ هي پاڻي! پرماتما جي گڻن جو ڪجهہ ويچار ڪر نہ تہ (پڇاڙيءَ ۾) جوئاريءَ وانگر ٻئي هٿ خالي ڪري هليو ويندين يعني پنهنجي سواسن روپي پونجي هاراني، هٿين خالي هليو ويندين.

ਮੈਲਾ ਬ੍ਰਹਮਾ ਮੈਲਾ ਇੰਦੁ ॥ ਰਵਿ ਮੈਲਾ ਮੈਲਾ ਹੈ ਚੰਦੁ ॥ ੧ ॥ ਮੈਲਾ ਮਲਤਾ ਇਹੁ ਸੰਸਾਰੁ ॥ ਇਕੁ ਹਰਿ ਨਿਰਮਲੁ ਜਾਕਾ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਰੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮੈਲੇ ਬ੍ਰਹਮੰਡਾਇ ਕੈ ਈਸ ॥ ਮੈਲੇ ਨਿਸਿ ਬਾਸੁਰ ਦਿਨ ਤੀਸ ॥੨॥ ਮੈਲਾ ਮੋਤੀ ਮੈਲਾ ਹੀਰੁ ॥ ਮੈਲਾ ਪਵਨੁ ਪਾਵਕੁ ਅਰੁ ਨੀਰੁ ॥ ੩ ॥ ਮੈਲੇ ਸਿਵ ਸੰਕਰਾ ਮਹੇਸ ॥ ਮੈਲੇ ਸਿਧ ਸਾਧਿਕ ਅਰੁ ਭੇਖ ॥ ੪ ॥ ਮੈਲੇ ਜੋਗੀ ਜੰਗਮ ਜਟਾ ਸਹੇਤਿ ॥ ਮੈਲੀ ਕਾਇਆ ਹੰਸ ਸਮੇਤਿ ॥੫॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਤੇ ਜਨ ਪਰਵਾਨ ॥ ਨਿਰਮਲ ਤੇ ਜੋ ਰਾਮਹਿ ਜਾਨ ॥ ੬ ॥ ੩ ॥

راڳ ڀيرؤ سري ڪبير جي شبد (٣)
هڪ ايشور کانسواء ٻيا سڀ اپوتر آهن

(١) ميلا برهما، ميلا اندُ
رو ميلا، ميلا هي چندُ

ارٿ:- برهما ميلو يا اپوتر آهي تہ اندر بہ ميلو آهي. سورج ديوتا ميلو آهي تہ چندرما بہ ميلو آهي.

ميلا ملتا، اِهُ سنسارُ
اِڪُ هر نِرملُ، جاڪا انتُ نہ پارُ (اڪ رهاءُ)

اوٿ:- اڳيان جي مليڻا ڪري، ھيءَ سارو سنسار ميلو آھي. ھڪڙو ھري اومل آھي، جنھنجو نڪو آھي انت نڪو پار- پا- جنھن ھي انت جو ڪو پار ڪرائي.

(٢) ميلي برھمنداءِ ڪي ايش

ميلي ليس پاسر، ڍن تيس

اوٿ:- برھمنڊن جا ايش يعني ديوتائون بہ ميلا آھن ۽ راس ڏينھن ۽ ٽيھن ڏينھن جا مھينا بہ ميلا آھن (جي اُھ پرستيءَ ۾ وڃائين ٿا).

(٣) ميلا موتي، ميلا ھير

ميلا پوَن پاوڪ، اَرُ نير

اوٿ:- موتي بہ ميلا آھن تہ ھيرا بہ ميلا آھن. ھوا، اڳني ۽ پاڻي يعني اِھي پنج ئي تَت ميلا آھن.

(٤) ميلي شو، شنڪرا مھيش

ميلي سِڌ ساڌڪ، اَرُ ڀيکہ

اوٿ:- شو شنڪر مھيش آدڪ ديوتائون بہ ميلا آھن. سِڌ ساڌڪ يعني ساڌنائون ڪندڙ ۽ ڀيکہ ڌاريندڙ بہ ميلا آھن.

(٥) ميلي جوڳي، جنگم جٽا سھيت

ميلي ڪائيا، ھنس سميت

اوٿ:- جوڳي، جنگم ۽ جٽاڌاري بہ ميلا آھن. جيو روپي ھنس سميت ڪايا يا ديھي جي بہ ميلو آھي.

(٦) ڪھ ڪبير، تي جن پروان

نرمل تي، جو رامھ جان.

اوٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ پروان يا قبول پيل . . پرش اھي آھن، جي رام کي جاڻن ٿا.

ਮਨੁ ਕਰਿ ਮਕਾ ਕਿਬਲਾ ਕਰਿ ਦੇਹੀ ॥ ਬੋਲਨ ਹਾਰੁ ਪਰਮ ਗੁਰੁ ਏਹੀ ॥ ੧ ॥ ਕਹੁ ਰੇ ਮੁਲਾਂ ਬਾਂਗ ਨਿਵਾਜ ॥ ਏਕ ਮਸੀਤਿ ਦਸੈ ਦਰਵਾਜ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮਿਸਿਮਿਲਿ ਤਾਮਸੁ ਭਰਮੁ ਕਦੂਰੀ ॥ ਭਾਖਿ ਲੇ ਪੰਚੈ ਹੋਇ ਸਬੂਰੀ ॥ ੨ ॥ ਹਿੰਦੂ ਤੁਰਕ ਕਾ ਸਾਹਿਬੁ ਏਕ ॥ ਕਹ ਕਰੈ ਮੁਲਾਂ ਕਹ ਕਰੈ ਸੇਖ ॥੩॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਹਉ ਭਇਆ ਦਿਵਾਨਾ ॥ ਮੁਸਿ ਮੁਸਿ ਮਨੂਆ ਸਹਜਿ ਸਮਾਨਾ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

راڳ ڀيرؤ سري ڪبير جي شبد (۴)

هن شبد ۾ سري ڪبير صاحب جن، هڪ مُلي کي اُپديش ڏنو آهي:—

(١) مَنُ ڪَرِ مَڪا، قِبلا ڪَرِ ديهي

ٻولَن هارُ، پَرَم گُرُ ايهي

ارٿ:— هي ملا! من کي مڪو يعني رب جو گهر ڪري بناءِ، هن ديهيءَ کي قبلو يعني اُن جي پٺ بناءِ. (انهيءَ گهر ۾) هيءُ ٻولڻ وارو يعني چيتن ساکي، وڏو گورو آهي. [قبلا = اها پٺ، جنهن ڏانهن مسلمان منهن ڪري نماز پڙهندا آهن، ڪعبي جي چئن ديوارن جو نالو.]

ڪَهُ ري مُلا، بانگَ نِواز

ايڪ مَسيتِ، دَسئي دَرواز (١ رهاءُ)

ارٿ:— هي ملا! انهيءَ هڪ ديهه روپي مسيت، جنهن کي ڏهه دروازا آهن تنهن ۾ ويهي بانگ ۽ نماز پڙهه.

(٢) مِسِمِلِ تامَسُ، ڀَرَمُ ڪَدُوري

ڀاکِ لي پنچئي، هوءِ صبوري

ارٿ:— ڪروڌ کي مار ۽ ڀرم کي ڪڍي ڇڏ. پنجن ڪامادڪن کي ڀکڻ ڪر يعني انهن کي ڪاٽي ناس ڪر ته پوءِ تو کي صبر پراپت

ٿيندو. [مسمل = بسمل يعني حلال ڪرڻ، مارڻ. تامس = لموڪڻ، ڪروڌ. ڪدوُري = ڪٽي جڏ. پاڪرلي = بڪن ڪر - يا - ڪاڻي جڏ.]

(۳) هندوُ ترڪَ ڪا، صاحبُ ايڪَ

ڪَهَ ڪَري مُلا، ڪَهَ ڪَري شيخ

اوٿه:- هندو ۽ ترڪن جو صاحب هڪڙو ئي آهي. ملو يا شيخ ڇا ڪري سگهندو يعني اسانکي ڪهڙي سوائتا ڪري سگهندو؟

(۴) ڪَهِ ڪبيرَ، هَمُ ڀَئا دِوانا

مُسِ مُسِ مَنوُئا، سهجِ سمانا.

اوٿه:- سري ڪبير صاحب جن فرمائن ٿا ته مان ته ديوانو ٿي پيو آهيان. منهنجو من ڌيري ڌيري سهج (شانت روپ) پرماتما ۾ سمائجي ويو آهي. [مُس مُس = آهستي آهستي.]

ਗੰਗਾ ਕੇ ਸੰਗ ਸਲਿਤਾ ਬਿਗਰੀ ॥ ਸੋ ਸਲਿਤਾ ਗੰਗਾ ਹੋਇ ਨਿਬਰੀ ॥ ੧ ॥ ਬਿਗਰਿਓ ਕਬੀਰਾ ਰਾਮ ਦੁਹਾਈ ॥ ਸਾਚੁ ਭਇਓ ਅਨ ਕਤਹਿ ਨ ਜਾਈ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਚੰਦਨ ਕੈ ਸੰਗਿ ਤਰਵਰੁ ਬਿਗਰਿਓ ॥ ਸੋ ਤਰਵਰੁ ਚੰਦਨ ਹੋਇ ਨਿਬਰਿਓ ॥ ੨ ॥ ਪਾਰਸ ਕੈ ਸੰਗ ਤਾਂਬਾ ਬਿਗਰਿਓ॥ ਸੋ ਤਾਂਬਾ ਕੰਚਨੁ ਹੋਇ ਨਿਬਰਿਓ॥੩॥ ਸੰਤਨ ਸੰਗਿ ਕਬੀਰਾ ਬਿਗਰਿਓ ॥ ਸੋ ਕਬੀਰੁ ਰਾਮੈ ਹੋਇ ਨਿਬਰਿਓ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥

راڳ ڀيرؤ ڀاڳي سري ڪبير جي شبد (٥)

سري ڪبير صاحب کي برادريءَ وارن چيو ته تو هين هندو ۽ مسلمان ٻنهي کان بگڙيل آهيو. سري ڪبير صاحب فرمايو ته برابر، پر ڪهڙي طرح بگڙيل آهيان:-

(۱) گنگا ڪي سنگ، سَلِتا بِگري

سو سَلِتا، گنگا هوءِ نِبري

ارٿ:- گنگا ندي جي سنگ ۾ ٻيون ننڍيون نديون بگڙي يعني بدلجي گنگا تي پيئون آهن يعني اهي گنگا سان ملي هڪ تي ويون آهن. [سلتا = ننڍي ندي.]

بِگَرِئو ڪَبيِرا، رامَ دُهائي
ساچُ ڀِئِو، اَن ڪَتَهِ نَ جائي (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- رام جو قسم آهي ته (اهڙي طرح) ڪبير به بگڙي يعني بدلجي پيو آهي ۽ سچي پرماتما سان هڪ تي ويو آهي. هاڻي هو ٻي ڪنهن جاءِ تي نٿو وڃي - ياڻ- ٻئي ڪنهن ديوي ديوتا کي نٿو پوڄي. ڪيول هڪ واهگوروءَ جو سروپ تي ويو آهي.

(۲) چَندَن ڪَي سَنگِ، تَرَوَر بِگَرِئو
سو تَرَوَر، چندن هوءِ نِبرِئو

ارٿ:- چندن جي سنگ ۾ ٻيا وڻ بگڙي يعني بدلجي پيا آهن ۽ اهي وڻ هاڻي چندن جو روپ تي ويا آهن.

پرماڻ:- ”ڪبير چندن ڪا بِروا ڀلا، بيڙِئو ڍاڪ پلاس
اوءِ ڀي چندن هو رهي، بسي جُ چندن پاس.“
[سلوڪ (۱۱)]

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته چندن جو وڻ چڱو آهي، جو جو ڍاڪ جو ساد وڻ، جو سندس چؤگرد هوندو آهي ۽ جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي خوشبوءِ نه هوندي آهي، سو به چندن جهڙو خوشبوءِ دار تي پوندو آهي جاڪاڻ ته چندن جي وڻ ڀرسان هوندو آهي.

(۳) پارَسِ ڪَي سَنگِ، تانبا بِگَرِئو
سو تانبا، ڪنچن هوءِ نِبرِئو

ارٿ:- پارس جي سنگ ۾ ٽامو بگڙجي پوي ٿو ۽ اهو ٽامو پوءِ سون تي تو پوي.

(٤) سنتن سنگ، ڪبيرا بگڙيو
سو ڪبير، رامہِ هوءِ نبڙيو.

ارٿ:- (اهڙي طرح) سنتن جي سنگ ۾ ڪبير بگڙجي بدلجي ويو آهي ۽ اهو ڪبير هاڻي رام جو روپ ٿي ويو آهي.

ਮਾਥੇ ਤਿਲਕੁ ਹਥਿ ਮਾਲਾ ਬਾਨਾਂ ॥ ਲੋਗਨ ਰਾਮੁ ਖਿਲਉਨਾ ਜਾਨਾਂ ॥ ੧ ॥ ਜਉ ਹਉ ਬਉਰਾ ਤਉ ਰਾਮ ਤੋਰਾ ॥ ਲੋਗੁ ਮਰਮੁ ਕਹ ਜਾਨੈ ਮੋਰਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤੋਰਉ ਨ ਪਾਤੀ ਪੂਜਉ ਨ ਦੇਵਾ ॥ ਰਾਮ ਭਗਤਿ ਬਿਨੁ ਨਿਹਫਲ ਸੇਵਾ ॥ ੨ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਪੂਜਉ ਸਦਾ ਸਦਾ ਮਨਾਵਉ ॥ ਐਸੀ ਸੇਵ ਦਰਗਹ ਸੁਖੁ ਪਾਵਉ ॥ ੩ ॥ ਲੋਗੁ ਕਹੈ ਕਬੀਰੁ ਬਉਰਾਨਾ ॥ ਕਬੀਰ ਕਾ ਮਰਮੁ ਰਾਮ ਪਹਿਚਾਨਾਂ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥

ڀيرؤ ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (٦)

اُٿانڪا:- هن شبد ڏئاران، سري ڪبير صاحب جن ڪن برهمڻن کي اُپديش ڏنو ته اوهين پاکنڊ ڪريو، مٿي تي تلڪ لڳايو ٿا ۽ هٿ ۾ مالها ڦيريو ٿا، پر اوهانجي سچي سائين سان ڪا ڪري به پريت نه آهي. اهي ڀيکه اوهانکي آخرت ۾ ڪنهن به ڪم جا نه ٿيندا.

(١) ماٿي تلڪ، هٿ مالا بانان
لوگن رامُ، کلؤنا جانانْ

ارٿ:- هي پريو! اوهين مٿي تي تلڪ لڳايو ٿا ۽ هٿ ۾ مالها ڦيرايو ٿا ۽ اهو ڀيکه ڌاريو ٿا. اوهان لوڪن، رام کي راند ڪو ڪري سمجهيو آهي. [بانا = ڀيکه. کلؤنا = راندڪو.]

جئو هئو بئُرا، تئو رامُ تورا
لوگُ مرمُ ڪهَ جاني مورا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي رام! جي مان ڇريو آهيان ته به تنهنجو آهيان.
لوڪ منهنجي ڇريائيءَ جو ڳجهه ڪيئن ڄاڻندا؟ [مرم=ڳجهه.]

(٢) توره نه پاتي، پوُجا نه ديوا
رام ڀڳت بن، نِهفل سيوا

ارٿ:- مان گل ۽ پن ڇني، ديوتائن جي پوڄا نه ٿو ڪريان،
ڇو ته رام جي ڀڳتيءَ کان سواءِ، ٻي سڀ شيوا نسفل آهي.

(٣) سَتگور پوُجَهه، سدا سدا مناوءِ
ايسي شيوءِ، درگهه سکهه پاوءِ

ارٿ:- مان ست گوروءَ جي پوڄا ڪريان ٿو ۽ سدائين اُن کي
منايان يعني خوش ڪريان ٿو. اهڙي شيوا ڪرڻ سان ئي، مان
درگاهه ۾ سکهه پائيندس.

(٤) لوگ ڪهئي، ڪبير بئُرانا
ڪبير ڪا مرم، رام پهچانا.

ارٿ:- لوڪ چون ٿا ته ڪبير ڇريو ٿيو آهي، پر ڪبير جو
ڳجهه ته رام ئي ڄاڻو آهي. [بئُرانا=ڇريو.]

ਉਲਟਿ ਜਾਤਿ ਕੁਲ ਦੋਊ ਬਿਸਾਰੀ ॥ ਸੁੰਨ ਸਹਜ ਮਹਿ ਬੁਨਤ ਹਮਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਹਮਰਾ ਝਗਰਾ ਰਹਾ ਨ ਕੋਊ ॥ ਪੰਡਿਤ ਮੁਲਾਂ ਛਾਡੇ ਦੋਊ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬੁਨਿ ਬੁਨਿ ਆਪ ਆਪੁ ਪਹਿਰਾਵਉ ॥ ਜਹ ਨਹੀ ਆਪੁ ਤਹਾ ਹੋਇ ਗਾਵਉ ॥੨॥ ਪੰਡਿਤ ਮੁਲਾਂ ਜੋ ਲਿਖਿ ਦੀਆ ॥ ਛਾਡਿ ਚਲੇ ਹਮ ਕਛੂ ਨ ਲੀਆ ॥ ੩ ॥ ਰਿਦੈ ਇਖਲਾਸੁ ਨਿਰਖ ਲੇ ਮੀਰਾ ॥ ਆਪੁ ਖੋਜਿ ਖੋਜਿ ਮਿਲੇ ਕਬੀਰਾ ॥ ੪ ॥ ੭ ॥

ڀيرو ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (٧)

سنسار جي اُبتڙ هلت هلون ٿا

اُٿانڪا:- سري ڪبير صاحب جن هندن ۽ مسلمانن
جي ٻاهرين ريتين کي ڇڏي ڏنو ۽ هڪ ورتي پرماتما ۾

جوڙيائون ته لوڪن کين جهڳڙائي ڪري ڪوٺيو. صاحب کين اُتر ۾ هي شبد ٻڌايو:-

(١) اَلَکَ ذات، ڪُلَ دوئي پساري
سُن سهج مهه، پنت ڌماري

ارٿ:- سنسار کان الڳ ليکي يعني سنسار کان منهن ڦيري آسان ذات ۾ ڪُل ٻنهي جو ايمان وساريو آهي. هاڻي اٿو يعني اڇِٽ پرميشور ۾ يا ترُيا اوستا ۾ اسانجي آتما ٿي رهي آهي يعني ورتي لڳي رهي آهي.

همرا جهگرا رها نه ڪوئي
پنڊت مُلان ڇاڏي دوئي (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هاڻي اسانجو ڪنهن سان ڪو جهڳڙو نه رهيو آهي. اسان پنڊتن لوڙي مُلن ٻنهي کي ڇڏي ڏنو آهي.

(٢) بُنِ بُنِ آپ، آپ پهراوءُ
جهه نهي آپ، تها هوءِ گاوءُ

ارٿ:- گيان روپي ڪپڙا اُڻي اُڻي يعني ورتي لڳائي لڳائي، اسين پاڻ کي پهرايون ٿا يعني آنند ماڻيون ٿا. جتي آپو يا ايمان نه آهي يعني او ايمان هوندي سان، هريءَ جو جس ڳايون ٿا (٢) جتي سنگ ۾ آپا ڀاءُ نه آهي اُتي يعني سنتن جي سنگ ۾، هريءَ جو جس ڳايون ٿا.

(٣) پنڊت مُلان جو لکه ديتا
ڇاڏ چلي، هم ڪڇهو نه ليتا

ارٿ:- پنڊتن ۽ مُلن جيڪي شاسترن ۽ ڪتابن ۾ لکيو آهي، سو اسان سڀ ڇڏي ڏنو آهي. اسان اُنهن جي مت مان ڪجهه ٻه گرهڻ نه ڪيو آهي.

(٤) رديءِ اِخلاص، نِرکِ لي ميرا
آپ کوجِ کوجِ، مِلي ڪبيرا.

ارٿ:- ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته ردي ۾ نشڪپٽ
ڀاو رکي، اسان ميرو يعني پرميشور پاتشاه جو درسن ڪيو آهي.
هنجي اندر کوجي کوجي، اسين هن وڏي مالڪ سان مليا آهيون.
اخلاص = نشڪپٽ ڀاو. ٿوکه لي = ڏٺو، درسن ڪيو.]

ਨਿਰਧਨੁ ਆਦਰੁ ਕੋਈ ਨ ਦੇਇ ॥ ਲਾਖ ਜਤਨ ਕਰੈ ਓਹੁ ਚਿ
ਨ ਧਰੇਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਉ ਨਿਰਧਨੁ ਸਰਧਨ ਕੈ ਜਾਇ ॥ ਆ
ਬੈਠਾ ਪੀਠਿ ਫਿਰਾਇ ॥੧॥ ਜਉ ਸਰਧਨੁ ਨਿਰਧਨ ਕੈ ਜਾਇ ॥ ਦੀ
ਆਦਰੁ ਲੀਆ ਬੁਲਾਇ ॥ ੨ ॥ ਨਿਰਧਨ ਸਰਧਨੁ ਦੋਨਉ ਭਾਈ ॥ ਪ੍ਰ
ਕੀ ਕਲਾ ਨ ਮੇਟੀ ਜਾਈ ॥ ੩ ॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਨਿਰਧਨ ਹੈ ਸੋਈ
ਜਾਕੇ ਹਿਰਦੈ ਨਾਮੁ ਨ ਹੋਈ ॥ ੪ ॥ ੮ ॥

ڀيرؤ باڻي سري ڪبير جي شبد (۸)

سچو نردن ڪير آهي؟

نِردَن آدرُ ڪوئي نه ديئه
لاکه جتن ڪري، اوهُ چِت نه ڌريئه (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- غريب کي آدر ڪو نه ٿو ڏي. (هو شاهوڪار کي
وش ڪرڻ لاءِ) لڪين جتن ڪري ٿو، پر تڏهين به شاهوڪار
پس خيال ۾ ئي نه ٿو آڻي.

(۱) جئه نِردَن، سرڌن ڪئي جاءِ
آگيءَ بئٺا، پيٺ ڦراءِ

ارٿ:- جڏهين غريب شاهوڪار وٽ وڃي ٿو، تڏهين اڳيان
ويهون ويٺل به، پٺي ڦيرائي وهي ٿو (ته متان مون کان ڪجهه گهري).

(۲) جئه سرڌن، نِردَن ڪئي جاءِ
ديٺا آدرُ، ليٺا بلاءِ

ارٿ:- جڏهين شاهوڪار، غريب وٽ وڃي ٿو، تڏهين هو
هنکي آدر ڏيئي، اندر گهرائي وهاري ٿو.

(٣) ڀَرَڻَ سَرَڻُ، دولتِ پائي
ڀُرب ڪي ڪَال، نہ ميٽي جائي

ارٿ:- (ڄيترو ٺيڪ) غريب ۽ شاهوڪار ٻئي پائر آهن، تنهن ڀاڳ جي پيدا ڪيل ڪَلا هٽائي نہ ٿي سگهجي - ڀاو- ڪن کي سندن ڪرمن اوسار غريب ڪري ٿو نہ ڪن کي شاهوڪار.

(٤) ڪَہِ ڪَبيرُ، ڀَرَڻَ ھيُ سوئي
جاڪي ڀردئي، نامُ نہ هوئي.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائن ٿا نہ سچ پچ ڀرڻ پا ڪُنل اهو آهي، جنهن جي هردي ۾ نام جو واسو نہ آهي.

ਗੁਰ ਸੇਵਾ ਤੇ ਭਗਤਿ ਕਮਾਈ ॥ ਤਬ ਇਹ ਮਾਨਸ ਦੇਹੀ ਪਾਈ ॥ ਇਸ ਦੇਹੀ ਕਉ ਸਿਮਰਹਿ ਦੇਵ ॥ ਸੋ ਦੇਹੀ ਭਜੁ ਹਰਿ ਕੀ ਸੇਵ ॥ ੧ ॥ ਭਜਹੁ ਗੋੁਬਿੰਦ ਭੂਲਿ ਮਤ ਜਾਹੁ ॥ ਮਾਨਸ ਜਨਮ ਕਾ ਏਹੀ ਲਾਹੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਬਲਗੁ ਜਰਾ ਰੋਗੁ ਨਹੀ ਆਇਆ ॥ ਜਬਲਗੁ ਕਾਲਿ ਗ੍ਰਸੀ ਨਹੀ ਕਾਇਆ ॥ ਜਬਲਗੁ ਬਿਕਲ ਭਈ ਨਹੀ ਬਾਨੀ ॥ ਭਜਿ ਲੇਹਿ ਰੇ ਮਨ ਸਾਰਿਗ ਪਾਨੀ ॥ ੨ ॥ ਅਬ ਨ ਭਜਸਿ ਭਜਸਿ ਕਬ ਭਾਈ ॥ ਆਵੈ ਅੰਤੁ ਨ ਭਜਿਆ ਜਾਈ ॥ ਜੋ ਕਿਛੁ ਕਰਹਿ ਸੋਈ ਅਬ ਸਾਰੁ ॥ ਫਿਰਿ ਪਛੁਤਾਹੁ ਨ ਪਾਵਹੁ ਪਾਰੁ ॥ ੩ ॥ ਸੋ ਸੇਵਕੁ ਜੋ ਲਾਇਆ ਸੇਵ ॥ ਤਿਨਹੀ ਪਾਏ ਨਿਰੰਜਨ ਦੇਵ ॥ ਗੁਰ ਮਿਲਿ ਤਾਕੇ ਖੁਲੇ ਕਪਾਟ ॥ ਬਹੁਰਿ ਨ ਆਵੈ ਜੋਨੀ ਬਾਟ ॥ ੪ ॥ ਇਹੀ ਤੇਰਾ ਅਉਸਰੁ ਇਹ ਤੇਰੀ ਬਾਰ ॥ ਘਟ ਭੀਤਰਿ ਤੂ ਦੇਖੁ ਬਿਚਾਰਿ ॥ ਕਹਤ ਕਬੀਰੁ ਜੀਤਿ ਕੈ ਹਾਰਿ ॥ ਬਹੁ ਬਿਧਿ ਕਹਿਓ ਪੁਕਾਰਿ ਪੁਕਾਰਿ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥ ੯ ॥

ڀيرؤ باڻي سري ڪبير جي شبد (٩)
گورو ۽ جي شيوا جو ڦل

(١) گور شيوا تي، ڀڳتِ ڪمائي - تب اهہ مانس ديهي پائي
اس ديهي ڪئہ، سمرہِ ديو - سو ديهي، ڀڄ هرِ ڪي شيو

ارٿ:- جڏهين گوروءَ جي سچي ۽ اڪام شيوا ڪرڻ سان لوڪارٿ جي ڀڳتي ڪجي ٿي، تڏهين هيءَ ٻالڪ منش ديهي سڦل ٿئي ٿي. هن منش ديهيءَ کي ديوتائون بہ ياد ڪن ٿا. انهي ديهيءَ ۾ تون هريءَ جي شيوا ۽ ڀڄن ڪر.

ڀڄهُ گوبندَ، ڀُول مت جاهُ

مانسَ جنم ڪا ايهي لاهُ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- گوبند جو ڀڄن ڪر، ڀُلجي نہ وڃ. مانش جنم ملڻ جو سچو لاڀ يا فائدو اِهوئي آهي.

(٢) جب لگ، جرا روگ نهي آئيا

جب لگ، ڪال گرسي نهي ڪائيا

جب لگ، بِڪل ڀئي نهي باني

ڀڄِ ليهِ ري من، سارِگ پاني

ارٿ:- جيستائين ٻڍاپڻ ۽ بيماري نہ آئي آهي، جيستائين ڪال، تنهنجي سريرکي نہ اچي پڪڙيو آهي، جيستائين تنهنجي واڻي ۽ زبان نہ ٿڪي آهي يعني تو ۾ ڳالهائڻ جي طاقت آهي، تيستائين هي من! تون انهي سارنگ پاڻ (پرماتما) جو ڀڄن ڪر.

(٣) اب نہ ڀجسِ، ڀجسِ ڪب ڀائي

آوي انت، نہ ڀجيا جائي

جو ڪڇُ ڪرهِ، سوئي اب سار- ڦِر ڀڇتاهُ، نہ پاوهُ پار

ارٿ:- هي ڀائي! هينئر نہ ڀڄن ڪندين تہ ڪڏهين ڪندين؟ جڏهين انت ويلا ايندي تڏهين ڀڄن ڪري نہ سگهندين. جيڪي هينئر ڀڄن ڪندين سوئي سريشٽ اٿيئي نہ تہ پوءِ ڀين جونين ۾ پڇتائيندين ۽ ايشور جو پتو بہ ڪون پائي سگهندين.

(٤) سو شيوڪُ، جو لائيا شيوَ- تنهي پائي، نرنجن ديو

گورِ مِل، تاکي کُلي ڪپاٽ- ڀهرِ نہ آوي، جوني پاٽ

ارٿ:- سچو سيوڪ اهو آهي، جنهن کي اوڪار پنهنجي سيوا ۾ لڳايو آهي. اهڙيءَ ني نراڄڻ پرماتما پاتو آهي. گرزوءَ سان ملي هن جا ڪپاٽ کليا آهن. هو ورري جوڻين جي وات ۾ يعني جنم مرڻ جي چڪر ۾ نه ٿو اچي. [نراڄڻ = مايا رهت.]

(٥) اهي تيرا اَوسَرُ، اهَ تيري بارَ - گهَٽَ ڀيتَرِ، تون ديکُ بچار
ڪَهَتَ ڪبيرُ، جيت ڪي هارِ - ٻهُ بِدِ ڪَهِيو پُڪار پُڪار

ارٿ:- هيءُ ئي تنهنجو سمو ۽ هيءُ ئي تنهنجو وقت آهي. اندر ۾ تون ويچار ڪري ڏس. سري ڪبير صاحب هن فرمائين ٿا ته هي ڀائي! اسان توکي گهڻن نمونن سان پڪاري پڪاري چتايو آهي، هاڻي وڃيمي نه ڪٿ، وڃيئي نه هاراءِ. [اوسر = ويلو. سمو.]

ਸਿਵ ਕੀ ਪੁਰੀ ਬਸੈ ਬੁਧਿ ਸਾਰੁ ॥ ਤਹ ਤੁਮ ਮਿਲਿਕੈ ਕਰਹੁ ਬਿਚਾਰੁ ॥ ਈਤ ਊਤ ਕੀ ਸੋਝੀ ਪਰੈ ॥ ਕਉਨ ਕਰਮ ਮੇਰਾ ਕਰਿ ਕਰਿ ਮਰੈ ॥ ੧ ॥ ਨਿਜ ਪਦ ਊਪਰਿ ਲਾਗੋ ਧਿਆਨੁ ॥ ਰਾਜਾ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਮੋਰਾ ਬ੍ਰਹਮ ਗਿਆਨੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮੂਲ ਦੁਆਰੈ ਬੰਧਿਆ ਬੰਧੁ ॥ ਰਵਿ ਊਪਰ ਗਹਿ ਰਾਖਿਆ ਚੰਦੁ ॥ ਪਛਮ ਦੁਆਰੈ ਸੂਰਜੁ ਤਪੈ ॥ ਮੇਰ ਡੰਡ ਸਿਰ ਊਪਰਿ ਬਸੈ ॥ ੨ ॥ ਪਸਚਮ ਦੁਆਰੇ ਕੀ ਸਿਲ ਓੜ ॥ ਤਿਹ ਸਿਲ ਊਪਰਿ ਖਿੜਕੀ ਅਉਰ ॥ ਖਿੜਕੀ ਊਪਰਿ ਦਸਵਾ ਦੁਆਰੁ ॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਤਾਕਾ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਰੁ ॥ ੩ ॥ ੨ ॥ ੧੦ ॥

ڀيرءُ ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٠)
يوگ مارگ

اٿانڪا:- سري ڪبير صاحب جن کي ڪن شخص پڇيو ته اوهين ڪرم ڪانڊ، آرچا پوڄا وغيره ڪانه ٿا ڪريو؟ اتي اُپديش ٻين کي ٿا ڪريو ته، سو اوهانجو ڏيان ڪٿي جُڙيل آهي سو مهرباني ڪري ٻڌايو. اتي ٻڌي سري ڪبير صاحب هيٺيون شبد يوگ بابت اُچاريو:-

(١) شِوَ ڪي ڀَرِي، ڀَسِيُ ڀِدَ سارُ - تِهِ تِرِ مِلڪِيُ ڪَرَمَ ٻِچارُ
اِيتَ اُدِتَ ڪي، سو جِهي ڀَرِيُ

ڪَوَن ڪَرَمَ ميرا ڪَرِ ڪَرِ مَرِيُ

ارٿ:- (سار) سريشٽ ڀَديءَ وارا جوڳي پُرش، شِو (ڪلياڻ روپ) پرماتما جي ڀَرِيءَ يعني دسمي دئار ۾ وسن ٿا، انهن جو جنهن سان ملي، تو هين پرماتما جو ويچار ڪريو ته هن لوڪ توڙي پرلوڪ جي سوجهي تو هان کي ٿئي. جڏهين اهڙو گيان حاصل ٿيندو، تڏهين ڪير هوميءَ جا ڪرم ڪري مرندو؟ يعني هوميءَ جا ڪرم او هين ڪو نه ڪندا.

نِجَ پدَ اُوپرِ لاڳو ڌيانُ
راجا رام نامُ مورا بُرهم گيانُ (١ ڪ رهاءُ)

ارٿ:- منهنجو ڌيان نه نج پد يعني نج سروپ ۾ لڳو آهي. راجا رام جي نام جو جاپ ئي، منهنجو برهم گيان آهي.

(٢) مُوُلَ دُئاريُ بنڌِئا بنڌَ - رِوِ اُوپرِ گَهِرِ راکِيا چنڌَ
پڇم دُئاريُ سُورج تپيُ - مير ڏنڌَ سِرِ اُوپرِ بَسيُ

ارٿ:- مُوُل دئار جو ناڀي (ڌُن) کان گُديا تائين چڪر آهي اُن ۾ جو اُپان وايو رهي ٿو، اُنجو بندن پڌ وسون (نوٽ:- جوڳي آسن لڳائي پير جي کُڙي گُديا وٽ رکي بند ڪندا آهن. ڏسو راڳ رامڪلي، ڀڳت بيڻي صاحب ”اسو ندي ڪا بنڌيءِ مُول - پڇم ڦير چڙاويءِ سُور“ يعني جوڳي اسري سياءِ واري ندي جو منهن بند ڪري ٿو ۽ (اُپان وايو کي) پنيان ڦيرائي دسمي دئار ۾ چاڙهي ٿو. اسان (چند =) چندرما ناڙي (اڙا)، جا سيتل آهي تنهنکي پڪڙي، تنل سورج ناڙي (پنگلا)، جي مٿان رکيسون، جنهن ڪري اها سيتل ٿي پيئي.

ٻيو ارٿ:- سِت گُڻ روپي چندرما ناڙي کي، تمي گُڻ روپي

سورج ناڙيءَ جي مٿان ڪيوسون. (پڇم =) اولهندي پاسي جي
دروازي ۾ سورج نهي ٿو يعني پوءِ گيان روپي سورج اڀري ٿو.
جوڳي پليءَ جي ڪندي ڪان پران ڪڍي ڏسمي دئار ۾ چاڙهين ٿا.

(٣) پڇم دئاري ڪي سِلَ اوڙَ. تهِ سِلَ اوپرِ کڙڪي اوُرَ
کڙڪي اوپرِ دسوا دئارُ. ڪهِ ڪبير تاڪا انت نه پارُ.

اوٿو:- (پڇم) اولهندي واري دروازي (ناسڪا) کي، (سل=سر)
ماس جي ڏري يا سُڏي جي اوڙ = رنڊڪ لڳل آهي. ان سر ۾
مٿان (اوڙ =) ٻي قسم جي (کڙڪي) کڙڪي يا دري آهي.
ان دريءَ جي مٿان ڏسئون دئار آهي، ان ۾ جو پرمالما رهي ٿو،
تنهنجو انت ۽ (پار) حد ڪانهي - يا - جو جوڳيسر انکي پهچي ٿو،
انجو انت ۽ پار ڪونهي.

ਸੋ ਮੁਲਾਂ ਜੋ ਮਨ ਸਿਉ ਲਰੈ ॥ ਗੁਰ ਉਪਦੇਸਿ ਕਾਲ ਸਿਉ ਜੁਰੈ ॥ ਕਾਲ ਪੁਰਖ ਕਾ ਮਰਦੈ ਮਾਨੁ ॥ ਤਿਸੁ ਮੁਲਾ ਕਉ ਸਦਾ ਸਲਾਮੁ ॥ ੧ ॥ ਹੈ ਹਜੂਰਿ ਕਤ ਦੂਰਿ ਬਤਾਵਹੁ ॥ ਦੁੰਦਰ ਬਾਧਉ ਸੁੰਦਰ ਪਾਵਹੁ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਾਜੀ ਸੋ ਜੁ ਕਾਇਆ ਬੀਚਾਰੈ ॥ ਕਾਇਆ ਕੀ ਅਗਨਿ ਬ੍ਰਹਮੁ ਪਰਜਾਰੈ ॥ ਸੁਪਨੈ ਬਿੰਦੁ ਨ ਦੇਈ ਝਰਨਾ ॥ ਤਿਸੁ ਕਾਜੀ ਕਉ ਜਰਾ ਨ ਮਰਨਾ ॥ ੨ ॥ ਸੋ ਸੁਰਤਾਨੁ ਜੁ ਦੁਇ ਸਰ ਤਾਨੈ ॥ ਬਾਹਰਿ ਜਾਤਾ ਭੀਤਰਿ ਆਨੈ ॥ ਗਗਨ ਮੰਡਲ ਮਹਿ ਲਸਕਰੁ ਕਰੈ ॥ ਸੋ ਸੁਰਤਾਨੁ ਛਤ੍ਰੁ ਸਿਰਿ ਧਰੈ ॥ ੩ ॥ ਜੋਗੀ ਗੋਰਖੁ ਗੋਰਖੁ ਕਰੈ ॥ ਹਿੰਦੂ ਰਾਮ ਨਾਮ ਉਚਰੈ ॥ ਮੁਸਲਮਾਨ ਕਾ ਏਕੁ ਖੁਦਾਇ ॥ ਕਬੀਰ ਕਾ ਸੁਆਮੀ ਰਹਿਆ ਸਮਾਇ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥ ੧੧ ॥

ڀيرؤ باڻي سري ڪبير جي شبد (١١)

اُٿانڪا:- مان ۽ قاضين چيو ته "سائين خدا صاحب ته
ستين آسمان ۾ آهي سو ڏسوين دئار ۾ ڪٿان ملي سگهندو؟
تنهنڪري جڏهن اسين اوڏان کي راهه ڏيکاريون ٿا ته

تہ پوءِ خدا صاحب اوهان کي بنا ڪنهن ٻہ شڪ جي ملندو.“
اهو ٻڌي سري ڪبير صاحب جن هي شبد اُچاريو:-

(١) سو مُلان جو مَن سِئُہ لڙيءِ - گُرو اُپديس ڪال سِئُہ جُڙيءِ
ڪال پُرک ڪا مَردَيءِ مانُ - تِسُ مُلا ڪئُہ سدا سلامُ

ارٿ:- سچو مُلو اهو آهي جو مَن سان لڙي ٿو. گُروءَ جو اُپديش وٺي، ڪال سان ڳنڍ جي ٻوي يعني اُن سان جنگ ڪري ٿو (پاوَ- گيان سان مرتيوءَ جو ڀئو دور ڪري ٿو). هو جم راجا جو مانُ، مردن ڪري ٿو يعني هنکي هٽائي دور ڪري ٿو؛ اُنهيءَ مُلي کي اسانجو نمسڪار آهي. [مَردَيءِ مانُ = ڪال جو مان مردن ڪري ٿو يعني هنکي دور ڪري ٿو. سلام = نمسڪار.]

هي حضُورِ ڪِتَ دُورِ بتاوہُ
دُندرِ باڌہُ، سُندرِ پاوہُ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- پرماتما حاضران حضور آهي، ماڻهن کي ڇو ٿا ٻتايو يا ٻڌايو تہ دور آهي. ٻلوان مَن کي روڪيو تہ سندر پرماتما پايو. [ڪت = ڇو. دُندر = ٻلوان مَن. باڌہ = روڪيو.]

(٢) قاضي سو جو ڪايئا بيچاريءِ - ڪائئا کي اَگنِ برہم پرجاريءِ
سُپنيءِ بِندُ نہ ديئي جهرنا - تِسُ قاضي ڪئُہ جرا نہ مرنا

ارٿ:- قاضي اهو، جو ڪايا جو ويچار ڪري - يا - مَن ۽ آتما جو ڀيد ڄاڻي ۽ برهم گيان جي اگنيءَ سان ڪايا کي چڱيءَ طرح ساڙي ٿو يعني اُن کي ناسونت ڄاڻي ٿو يا ديهہ ايمان ناس ڪري ٿو. سپني ۾ بہ پنهنجي ويرہ کي هارڻ يا ڪرڻ نہ ٿو ڏئي. اهڙي قاضيءَ کي نڪي ٻڍاپڻ نڪي موت اچي ٿو.

(٣) سو سُرطان جو دوءِ سَرَتانيءِ - ٻاهرِ جاتا ڀيتر آنيءِ
گگن منڊل مَيءِ لشڪر ڪريءِ - سو سرطان ڇتر سِرِ ڌريءِ



ارٿ:- سچو سلطان يا بادشاھ اھو آھي جو ٻہ تير ڇڪي ٿو يعني گيان ۽ ويراڳ حاصل ڪري ٿو ۽ ٻاھر ويندڙ من کي، انترمک ڪري ٿو، جو پران ۽ اپان، اڙا ۽ پنگلا ۽ ناڙين مان لاھي ۽ چاڙھي ٿو ۽ ٻاھر ويندڙ پران اندر آڻي ٿو. دسمي دئار ۾ رھي پران ۽ اپان کي ڪٺو ڪري يعني نوراني، ديوي گڻ روپي لشڪر ڪٺو ڪري ٿو. انھي سلطان جي سر تي جس روپي ڇٽ ڦري ٿو.

(٣) جوڳي گورکھ گورکھ ڪري - ھندو رام نام اُچري
مُسلمان ڪا ايڪ خُداء - ڪبير ڪا سوامي رھيا سماء.

ارٿ:- جوڳي پنھنجي گورو گورکناٿ جو نالو وٺن ٿا ۽ ھندو رام نام جو اُچارڻ ڪن ٿا ۽ مسلمان چون ٿا تہ خدا ھڪڙو اسانجو ئي آھي يعني انھن سڀني ۾ دئيت ڀاو ۽ ٻيائي آھي. تن کي گھٽ سمجھي، گلا ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ وڏو اسين ٿينداسين. جيئن مسلمان ھندن کي ڪافر ٿا چون وغيرہ. پر سري ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ پرماتما سڀني ھنڌ سمايو پيو آھي، ڪنھن خاص فرقي ۾ نہ آھي، پر ھر ھنڌ حاضر ناظر آھي.

ਮਹਲਾ ੫

ਜੋ ਪਾਥਰ ਕਉ ਕਹਤੇ ਦੇਵ ॥ ਤਾਕੀ ਬਿਰਥਾ ਹੋਵੈ ਸੇਵ ॥ ਜੋ ਪਾਥਰ ਕੀ ਪਾਂਈ ਪਾਇ ॥ ਤਿਸਕੀ ਘਾਲ ਅਜਾਂਈ ਜਾਇ ॥੧॥ ਠਾਕੁਰੁ ਹਮਰਾ ਸਦ ਬੋਲੰਤਾ ॥ ਸਰਬ ਜੀਆ ਕਉ ਪ੍ਰਭੁ ਦਾਨੁ ਦੇਤਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅੰਤਰਿ ਦੇਉ ਨ ਜਾਨੈ ਅੰਧੁ ॥ ਭ੍ਰਮ ਕਾ ਮੋਹਿਆ ਪਾਵੈ ਫੰਧੁ ॥ ਨ ਪਾਥਰੁ ਬੋਲੈ ਨਾ ਕਿਛੁ ਦੇਇ ॥ ਫੋਕਟ ਕਰਮ ਨਿਹਫਲ ਹੈ ਸੇਵ ॥ ੨ ॥ ਜੇ ਮਿਰਤਕ ਕਉ ਚੰਦਨੁ ਚੜਾਵੈ ॥ ਉਸ ਤੇ ਕਹਹੁ ਕਵਨ ਫਲ ਪਾਵੈ ॥ ਜੇ ਮਿਰਤਕ ਕਉ ਬਿਸਟਾ ਮਾਹਿ ਰੁਲਾਈ ॥ ਤਾਂ ਮਿਰਤਕ ਕਾ ਕਿਆ ਘਟਿ ਜਾਈ ॥ ੩ ॥ ਕਹਤ ਕਬੀਰ ਹਉ ਕਹਉ ਪੁਕਾਰਿ ॥ ਸਮਝਿ ਦੇਖੁ ਸਾਕਤ ਗਾਵਾਰ ॥ ਦੂਜੈ ਭਾਇ ਬਹੁਤੁ ਘਰ ਗਾਲੇ ॥ ਰਾਮ ਭਗਤ ਹੈ ਸਦਾ ਸੁਖਾਲੇ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥ ੧੨ ॥



محلا پنجوان شبد (۱۲)

وِڇاڻڪا:- هيٺيون شبد، جو بت پوڄا جي برخلاف آهي، سو سري گورو آرجن ديو، سري ڪبير صاحب جي شبدن مان چونڊي، پنهنجي واڻيءَ ۾ ورتو آهي:-

(۱) جو پاٿر ڪئُ ڪهتي ديو۔ تاڪي ٻرٿا هووئي سيو

جو پاٿر ڪي پائي پاءِ۔ تِسڪي گهالَ آجائي جاءِ

ارٿ:- جو پُرش، پٿر کي (ديو) پرميشور چوي ٿو، تنهنجي سيوا اجائي وڃي ٿي. جو پٿر کي پيرن پوي ٿو، تنهنجي (گهال) محنت اجائي وڃي ٿي.

ٺاڪُر همرا سد ٻولنتا

سَرب جيئا ڪئُ، پرڀُ دانُ ديتا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- اسانجو ٺاڪر ته سدائين ٻولڻ وارو آهي (ڀاو- هو ٺاڪر والگر ماٺ ۾ نه آهي). اسانجو ٻريو سڀني جيون کي جيئڻدان ڏئي ٿو.

(۲) انتر ديئُ نه جاڻئي انڌُ۔ ڀرم ڪا موهيا پاوئي ڦنڌُ

نه پاٿر ٻولئي نا ڪڇهُ ديئي۔ ڦوڪٽ ڪرم نِهڦل هئي سيو

ارٿ:- هي الڌو اگياني جيو، اندر ۾ وسندڙ پرماتما کي نه ٿو ڄاڻي ۽ ڀرم ۾ موهجي ڦاهي کي ڦاسائي ٿو. پٿر نڪي ٻولي ٿو ۽ نڪي ڪجهه ڏئي ٿو. اهي پٿر پوڄا جا ڪرم اجايا آهن ۽ انهن جي سيوا بي نسڦل آهي. [ڦوڪٽ = اجايا.]

(۳) جي مِرتڪ ڪئُ چندنُ چڙاوئي

اُس تي ڪهُ ڪون ڦل پاوئي

جو ... بِشٽا ماهِ

... ڪيٺا گهٽ جائي

ارٿ:- جي مُردي کي ڪو ڪٺي چندن چاڙهيندو ته ڇڙو ته مردو اُن مان ڪهڙو ڦل يا لاڀ پائيندو. جي مردي کي ڪو ڪٺي وشٽا ۾ ملائيندو ته اُن جي ڪهڙي گهٽتائي ٿيندي.

(٢) ڪهت ڪبير ٿرڪهڻ پُڪار - سمجهه ديکُ ساڪت گاوارُ
دُوجي ڀاءِ بهُت گهرگالي - رام ڀڳت هي سدا سُکالي.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب هن فرمايو آهي ته اسين پڪاري چئون ٿا ته هي مورک منمکو! سمجهه ڌاري ڏسو. ٻين سان دنيس ڀاو ۾ ساڻي رکڻ جي ڪري، گهڻيئي گهر ڳري ناس ٿي ويا ۽ رام جا ڀڳت سدائين سُکي آهن.

ਜਲ ਮਹਿ ਮੀਨ ਮਾਇਆ ਕੇ ਬੇਧੇ ॥ ਦੀਪਕ ਪਤੰਗ ਮਾਇਆ ਕੇ ਛੇਦੇ ॥ ਕਾਮ ਮਾਇਆ ਕੁੰਚਰ ਕਉ ਬਿਆਪੈ ॥ ਭੁਇਅੰਗਮ ਭ੍ਰਿੰਗ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਖਾਪੇ ॥੧॥ ਮਾਇਆ ਐਸੀ ਮੋਹਨੀ ਭਾਈ ॥ ਜੇਤੇ ਜੀਅ ਤੇਤੇ ਡਹਕਾਈ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪੰਖੀ ਮ੍ਰਿਗ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਰਾਤੇ ॥ ਸਾਕਰ ਮਾਖੀ ਅਧਿਕ ਸੰਤਾਪੇ ॥ ਤੁਰੇ ਉਸਟ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਭੇਲਾ ॥ ਸਿਧ ਚਉਰਾਸੀਹ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਖੇਲਾ ॥੨॥ ਛਿਅ ਜਤੀ ਮਾਇਆ ਕੇ ਬੰਦਾ ॥ ਨਵੈ ਨਾਥ ਸੂਰਜ ਅਰੁ ਚੰਦਾ ॥ ਤਪੇ ਰਖੀਸਰ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਸੂਤਾ ॥ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਕਾਲੁ ਅਰੁ ਪੰਚ ਦੂਤਾ ॥੩॥ ਸੁਆਨ ਸਿਆਲ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਰਾਤਾ ॥ ਬੰਤਰ ਚੀਤੇ ਅਰੁ ਸਿੰਘਾਤਾ ॥ ਮਾਜਾਰ ਗਾਡਰ ਅਰੁ ਲੂਬਰਾ ॥ ਬਿਰਖ ਮੂਲ ਮਾਇਆ ਮਹਿ ਪਰਾ ॥੪॥ ਮਾਇਆ ਅੰਤਰਿ ਭੀਨੇ ਦੇਵ ॥ ਸਾਗਰ ਇੰਦ੍ਰਾ ਅਰੁ ਧਰਤੇਵ ॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਜਿਸੁ ਉਦਰੁ ਤਿਸੁ ਮਾਇਆ ॥ ਤਬ ਛੂਟੇ ਜਬ ਸਾਧੂ ਪਾਇਆ ॥੫॥੫॥੧੩॥

ڀيرو ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٣)

ڀُوميڪا:- صاحبن ڪان ڪي لوڪ، پرشن ڪرڻ لڳا ته سائين، جڏهين رام جا ڀڳت سدئي سُکي آهن تڏهين سڀ



فارسيءَ ۾ چيل آهي:—

"ياران اين دنيا، طالب زراند

جائي ڪه زر نه بيند، ياري نمي ڪنند."

مطلب دنيا جا يار مايا جا طالبو آهن. جتي مايا نٿا ڏسن، تتي دوستي نٿا ڪن.

ਜਬਲਗੁ ਮੇਰੀ ਮੇਰੀ ਕਰੈ ॥ ਤਬਲਗੁ ਕਾਜੁ ਏਕੁ ਨਹੀ ਸਰੈ ॥ ਜਬ ਮੇਰੀ ਮੇਰੀ ਮਿਟਿ ਜਾਇ ॥ ਤਬ ਪ੍ਰਭ ਕਾਜੁ ਸਵਾਰਹਿ ਆਇ ॥ ੧ ॥ ਐਸਾ ਗਿਆਨੁ ਬਿਚਾਰੁ ਮਨਾ ॥ ਹਰਿ ਕੀ ਨ ਸਿਮਰਹੁ ਦੁਖ ਭੰਜਨਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਬਲਗ ਸਿੰਘੁ ਰਹੈ ਬਨ ਮਾਹਿ ॥ ਤਬਲਗੁ ਬਨੁ ਫੂਲੈ ਹੀ ਨਾਹਿ ॥ ਜਬਹੀ ਸਿਆਰੁ ਸਿੰਘ ਕਉ ਖਾਇ ॥ ਫੂਲਿ ਰਹੀ ਸਗਲੀ ਬਨਰਾਇ ॥ ੨ ॥ ਜੀਤੋ ਬੂਡੈ ਹਾਰੋ ਤਿਰੈ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਪਾਰਿ ਉਤਰੈ ॥ ਦਾਸੁ ਕਬੀਰੁ ਕਹੈ ਸਮਝਾਇ ॥ ਕੇਵਲ ਰਾਮ ਰਹਹੁ ਲਿਵ ਲਾਇ ॥ ੩ ॥ ੬ ॥ ੧੪ ॥

ڀيرو ۽ ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٤)

هنمکر کي جڳائي ته پرماتما سان چت لڳائي

۽ وشين کان چت هٽائي.

(جب لگ ميري ميري ڪري

تب لگ ڪاج ايڪ نهي سري

ميري ميري مٽ جاءِ - تب پرڀ ڪارج سوار هي آءِ

ستائين هيءَ جيوُ منهنجي منهنجي ڪري ٿو، ڪيو يا پڪتي ڏولي هڪڙو ڪارج به نٿو پورو ٿئي.

منهنجي منهنجي مٽي وڃي ٿي، تڏهين ابڙو ڪارج

تب تون ناهي - اب توُ هي مين ناهي."

ارٿ:- ٻڪي جوڳي جي مايا ۽ مرگهه شبد روپي مايا ۾ قائل آهن. مڪي، شڪر يا مناظ روپي مايا بلڪل گهٽو ستائي ٿي. گهوڙا ۽ اٺ به مايا ۾ ملل يعني رتل آهن. چوراسي سڌ به مايا ۾ ڪيلي رهيا آهن. [ترِي = گهوڙا. اشٽ = اٺ. پبلا = مليا پيا آهن. سڌ چوراسيهه = گورکهه آد سڌ.]

(٣) چِتر جتي مائِيا ڪي بندا ـ نوي ناٿ سورج اَر چندا
تپي رکيسر مائِيا مهه سوتا ـ مائِيا مهه ڪال اَر پنچ دوتا

ارٿ:- چوهه جتي، نو ناٿ، سورج ۽ چند به مايا ۾ بڌل آهن. تپسي ۽ رشي به مايا ۾ سُتل آهن. ڪال ۽ پنج ڪاماد ڪ دوت به مايا ۾ آهن. [چوهه جتي = ١- ڀيرو (شو مهراج جو پٽ) ٢- گورکهه ٣- لڇمڻ ۴- هنومان ٥- د تاتريه ٦- ڀيشم پتاما. نوي ناٿ = چند ناٿ، گورکهه ناٿ ۽ ٻيا.]

(۴) سُئان سيال مائِيا مهه راتا ـ بنتر چيتي اَر سنگهاتا
ماجار گاڏر اَر اوڊرا ـ بِرڪهه موُل مائِيا مهه پرا

ارٿ:- ڪتا، گدڙ، باندر، چيتا ۽ شينهن به مايا ۾ رتل آهن. ٻلا، رڍون ۽ لومڙ به مايا ۾ آهن. وڻ ۽ پاڙون به (جل جي ٻاس روپ) مايا ۾ پيا آهن. [سئان = ڪتا. سيال = گدڙ. بنتر = باندر. سنگهاتا = شينهن. ماجار = ٻلا. گاڏر = رڍون. اوڊرا = لومڙ. مول = پاڙون.]

(٥) مائِيا اَنتر ڀيني ديو ـ ساگر اِندرا اَر ڌرتيو
ڪهه ڪبير جس اُدر تِس مائِيا ـ تب ڇوٽي جب ساڌو پائِيا.

ارٿ:- سڀ ديوتائون، سمنڊ، اندر ۽ ڌرتي به مايا ۾ پيل آهن. ڪبير صاحب چئي فرمائين ٿا ته جنهن کي پيٽ آهي، تنهن کي مايا لڳل آهي. جيڏهن تيڏهن تون جڏهن ساڌو يا گورو جو سنگ پائين تون. [اندرا = اندر ديوتا. ڌرتيو = ڌرتي. اُدر = پيٽ. ساڌو = سنت مهاتما، هتي سري ڪبير صاحب جو گورو سري رامانند صاحب.]

فارسيءَ ۾ چوڻ آهي:-

"ياران اين دُنيا، طالب زرانند
جائي ڪه زر نه بينند، ياري نمي ڪُنند."

مطلب دنيا جا يار مايا جا طالبوُ آهن. جتي مايا نٿا ڏسن، اتي دوستي نٿا ڪن.

ਜਬਲਗੁ ਮੇਰੀ ਮੇਰੀ ਕਰੈ ॥ ਤਬਲਗੁ ਕਾਜੁ ਏਕੁ ਨਹੀ ਸਰੈ ॥
ਜਬ ਮੇਰੀ ਮੇਰੀ ਮਿਟਿ ਜਾਇ ॥ ਤਬ ਪ੍ਰਭ ਕਾਜੁ ਸਵਾਰਹਿ ਆਇ ॥ ੧ ॥
ਐਸਾ ਗਿਆਨੁ ਬਿਚਾਰੁ ਮਨਾ ॥ ਹਰਿ ਕੀ ਨ ਸਿਮਰਹੁ ਦੁਖ ਭੰਜਨਾ
॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਬਲਗ ਸਿੰਘੁ ਰਹੈ ਬਨ ਮਾਹਿ ॥ ਤਬਲਗੁ ਬਨੁ
ਫੂਲੈ ਹੀ ਨਾਹਿ ॥ ਜਬਹੀ ਸਿਆਰੁ ਸਿੰਘ ਕਉ ਖਾਇ ॥ ਫੂਲਿ ਰਹੀ
ਸਗਲੀ ਬਨਰਾਇ ॥ ੨ ॥ ਜੀਤੋ ਬੂਡੈ ਹਾਰੋ ਤਿਰੈ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ
ਪਾਰਿ ਉਤਰੈ ॥ ਦਾਸੁ ਕਬੀਰੁ ਕਹੈ ਸਮਝਾਇ ॥ ਕੇਵਲ ਰਾਮ ਰਹਹੁ
ਲਿਵ ਲਾਇ ॥ ੩ ॥ ੬ ॥ ੧੪ ॥

ڀيرو ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٤)

منمکه کي جڳائي ته پرماتما سان چت لڳائي
۽ وشين کان چت هٽائي.

(١) جَبَ لَڳ ميري ميري ڪَري
تَبَ لَڳُ ڪاجُ ايڪُ نَهِي سَري
جَبَ ميري ميري مِٽَ جاءِ. تَبَ پرڀ ڪارجُ سَوارَ هِ آءِ

ارٿ:- جيستائين هيءُ جيوُ منهنجي منهنجي ڪري ٿو، تيستائين سندس موکه يا ڀڳتي روپي هڪڙو ڪارج به نٿو پورو ٿئي. پر جڏهين منهنجي منهنجي مٽي وڃي ٿي، تڏهين پرڀو ڪارج اچي سنواري ٿو.

پرماڻ:- "جَبَ هم هوتي تَبَ توُنْ ناهي - اَبَ توُ هي ميَ ناهي."

اِئِسا ڳِيانُ بيچارُ مَنا
هَرِ ڪي نہ سِمرهُ دُکہ ڀنجنا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي من! اهڙي ڳيان جو ويچار ڪري، اُن ڇوڻ تو اهڙي دک دور ڪندڙ هريءَ جو سمرن ڪرين؟ [ڪي نہ = ڇو نہ.]

(٢) جَبَ لَگ سنگهہ رهئي بن ماهہ - تَبَ لگُ بن ڦُولئي ڦي ناهہ
جَب هي سِئار سنگهہ ڪو کاهہ - ڦُولِ رهي سڪلي بنراهہ

ارٿ:- جيستائين اهنڪار روپي شينهن، سرير روپي ٻن ۾ رهي ٿو، ليستائين هي سرير روپي ٻن، ديوي گڻن روپي ڦلن سان، ڀرپُور نٿو ٿئي يعني نٿو ڀرجي. جڏهين نمرتا روپي گدڙ، اهنڪار روپي شينهن کي کائي ناس ڪري ٿو، تڏهين ساري ونسپتي، ڀرپور ٿئي ٿي يا جيون ڦلن سان ڀرجي ٿي يعني اُن ۾ سڀ ديوي گڻ پيدا ٿين ٿا. [سئار = گدڙ.]

(٣) جيتو ٻُوڏئي، هارو تِرئي - گُرُ پرسادي پار اُتِرئي
داس ڪبير ڪهئي سمجهاءِ - ڪيول رامِ رهہ لِوُ لاءِ.

ارٿ:- جو سمجهي ٿو تہ مون جيتيو، سو ٻڏي ٿو؛ جو سمجهي ٿو تہ مون هاريو، سو تري ٿو يعني اهنڪار ڪندڙ ٻڏي ٿو؛ نمرتا وارو تري ٿو؛ گروءَ جي ڪرپا سان هو سنسار سمنڊ مان پار اُتري ٿو. سوئي ڪبير صاحب نمرتا سان سمجهائي ڏيئي چون ٿا تہ "هي ڀائي! فقط رام نام سان لو لڳائي رهو."

پرماڻ (١):- "آپس ڪئُہ جو جاڻي نيچا
سوئي گنيئي سڀ تي اوُچا."
[سکمني صاحب پؤڙي (٣) پد (٦)]

پرماڻ (٢):- "آپَس ڪئُہ جو ڀَلا کهاوئي
تِسهہ ڀلائي نِکَٽِ نہ آوئي."
[سکمني صاحب پؤڙي (١٢) پد (٣)]

پرماڻ (٣) :- ”سرب ڪي رين جاڪا مَن ٿيءِ
ڪهُ نانڪ تاڪي نرمل سوءِ.“
[سري سکمني صاحب اشٽپدي (١٢) پد (٣)]

ਸਤਰਿ ਸੈਇ ਸਲਾਰ ਹੈ ਜਾਕੇ ॥ ਸਵਾ ਲਾਖੁ ਪੈਕਾਬਰ ਤਾਕੇ ॥ ਸੇਖ ਜੁ ਕਹੀਅਹਿ ਕੋਟਿ ਅਠਾਸੀ ॥ ਛਪਨ ਕੋਟਿ ਜਾਕੇ ਖੇਲ ਖਾਸੀ ॥੧॥ ਮੋ ਗਰੀਬ ਕੀ ਕੋ ਗੁਜਰਾਵੈ ॥ ਮਜਲਸਿ ਦੂਰਿ ਮਹਲੁ ਕੋ ਪਾਵੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤੇਤੀਸ ਕਰੋੜੀ ਹੈ ਖੇਲ ਖਾਨਾ ॥ ਚਉਰਾਸੀ ਲਖ ਫਿਰੈ ਦਿਵਾਨਾਂ ॥ ਬਾਬਾ ਆਦਮ ਕਉ ਕਿਛੁ ਨਦਰਿ ਦਿਖਾਈ ॥ ਉਨਿ ਭੀ ਭਿਸਤਿ ਘਨੇਰੀ ਪਾਈ ॥ ੨ ॥ ਦਿਲ ਖਲਹਲੁ ਜਾਕੈ ਜਰਦ ਰੂਬਾਨੀ ॥ ਛੋਡਿ ਕਤੇਬ ਕਰੈ ਸੈਤਾਨੀ ॥ ਦੁਨੀਆ ਦੋਸੁ ਰੋਸੁ ਹੈ ਲੋਈ ॥ ਅਪਨਾ ਕੀਆ ਪਾਵੈ ਸੋਈ ॥ ੩ ॥ ਤੁਮ ਦਾਤੇ ਹਮ ਸਦਾ ਭਿਖਾਰੀ ॥ ਦੇਉ ਜਬਾਬੁ ਹੋਇ ਬਜਗਾਰੀ ॥ ਦਾਸੁ ਕਬੀਰੁ ਤੇਰੀ ਪਨਹ ਸਮਾਨਾ ॥ ਭਿਸਤੁ ਨਜੀਕਿ ਰਾਖੁ ਰਹਮਾਨਾ ॥ ੪ ॥ ੭ ॥ ੧੫ ॥

ڀيرؤ ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٥)
پرماتما جي دربار جو بيان، جنهن ۾ سري ڪبير
صاحب جن داخل ٿيڻ جي چاهنا ڪن ٿا.

(١) سترِ سيءِ سالار هيءِ جاڪي - سوا لاکُ پيڪابر تاڪي
شيخ جُ ڪهيئهِ ڪوٽِ اٺاسي -
ڇپن ڪوٽِ جاڪي کيل خاصي

ارٿ :- جنهن شهنشاه وٽ، ستر سؤ يا ست هزار يعني ڪئين سپه سالار آهن ۽ جنهن وٽ سوا لک يعني بي انت پيغمبر آهن ۽ اٺاسي ڪروڙ جنهن وٽ شيخ چوڙ ۾ اچن ٿا ۽ ڇاونجاهه ڪروڙ خاصکيلي آهن. [ستر سئه = ستر سؤ يعني ست هزار يعني ڪئين. سلار = سپهه سالار. ڇپن ڪوٽ = ڇاونجاهه ڪروڙ. کيل خاصي = خاصکيلي. پيڪابر = پيغمبر.]

مو غريب کي ڪو ڳڌ راوي
مجلس دوُر، محلُ ڪو ڀاوي (اڪ رهاڻ)

ارٿ:- اُن وقت، مون غريب جي ڪير ڳالهه ڪندو يعني ڪير هن وقت منهنجي عرضيءَ جي ڳالهه ڪرائيندو. هن جي دربار دور آهي. ڪو ورلي هنجو محل يا سروپ پائي ٿو.

(٢) تيتيس ڪروڙي هيُ کيل خانا - چوراسي لک ڦري ديوانا
بابا آدم ڪنهُ ڪيهُ ندرهِ ڪائي - اُن ڀي ڀشت گهڻيري پائي

ارٿ:- ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتن جا ڪمل گهر آهن، جن ۾ چوراسي لک جونين جا جيو، هنجي ملڻ لاءِ ڦريا ٿيا ڦرن ٿا (ٻه هيڪي تا سڃاڻن). بابا آدم کي، هن پنهنجي ڪجهه ڪرپا نظر ڏيکاري ۽ اُن گهڻو وقت بهشت حاصل ڪيو. [کيل خانا = ڪمل گهر، آکاڙا.]

(٣) دِل کلهل جاکي زرد رُوباني - جوهِ ڪتيب ڪري شيطاني
دُنيا دوس، روس هيُ لوئي - آپنا ڪيتا پاوي سوئي

ارٿ:- جن جي دل ۾ شڪ يا سنسو آهي، تن جي منهن جو رنگ زرد يا پيلو ٿيندو يعني اهي ڏکي ٿيندا. جو شاسترن ۽ ڪتبن جي سکيا کي ڇڏي، شيطاني ڪم ڪن ٿا. دنيا جا سڀ گناهه ۽ ڏوهه اُهي ۾ آهن، سو اهي ڪاوڙ ڪن ٿا پرڪاشوان پرڀوُ سان ۽ اهي پنهنجو ڪيتو پاڻ لوڙين ٿا. [کلهل = خيال، شڪ. رُوباني = منهن جو رنگ. دوش = ڏوهه. روس = ڪاوڙ. لوئي = پرڪاشوان پرڀو.]

(٤) تُم داتي هم سدا ڀکاري - ديئهُ جباب هوءِ بجگاري
داسُ ڪبيرُ تيري پنهه سمانا - ڀشت نزيڪ راکهُ رحمانا.

ارٿ:- هي پرڀو! توُن داتار آهين، اسين سدائين ڀکاري آهيون، جي جواب ڏيندا سون ته گنهگار ٿيندا سون. سري ڪبير

صاحب داس ٻاؤ سان ڇون تا تہ هي اريا! اسين تنهنجي
پا سرڻ ۾ سمايا پيا آهيون يعني اسان تنهنجي اوٽ ورتي آهي.
هي ڪرپالوا! تون اسانکي پنهنجي نزديڪ رک، اهوئي اسان لاءِ
ٻهشت آهي. [ٻڪاري = ڏوهي، پاپي، قصور مند. نزڪ=
نزديڪ، ويجهو. رحماا = رحم ڪندڙ، ديالو.]

پرماڻ:- "سام جواب دوري ڪري، منديءَ ڪتا جاءِ."
[سري آسادي وار پوڙي (٢١)]

ਸਭੁ ਕੋਈ ਚਲਨ ਕਹਤ ਹੈ ਊਹਾਂ ॥ ਨਾ ਜਾਨਉ ਬੈਕੁੰਠੁ ਹੈ
ਕਹਾਂ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਆਪ ਆਪ ਕਾ ਮਰਮੁ ਨ ਜਾਨਾਂ ॥ ਬਾਤਨ ਹੀ
ਬੈਕੁੰਠੁ ਬਖਾਨਾਂ ॥ ੧ ॥ ਜਬਲਗੁ ਮਨ ਬੈਕੁੰਠ ਕੀ ਆਸ ॥ ਤਬਲਗੁ
ਨਾਹੀ ਚਰਨ ਨਿਵਾਸ ॥ ੨ ॥ ਖਾਈ ਕੋਟੁ ਨ ਪਰ ਲਪ ਗਾਰਾ ॥ ਨਾ
ਜਾਨਉ ਬੈਕੁੰਠ ਦੁਆਰਾ ॥ ੩ ॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਅਬ ਕਹੀਐ ਕਾਹਿ ॥
ਸਾਧ ਸੰਗਤਿ ਬੈਕੁੰਠੈ ਆਹਿ ॥ ੪ ॥ ੮ ॥ ੧੬ ॥

ڳئوڙي ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٦)

سري ڪبير صاحب جن کي ڪن چيو تہ ڪريا ڪري
جو وڃون تہ ويڪنٺ ويندا. تنهن تي صاحبن سچي ويڪنٺ
جو ورنن هن شبد ۾ ڪن ٿا.

سڀ ڪوئي چلن ڪهت هئي اوُهانْ
نا جانؤ بيڪنٺ هئي ڪهانْ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- سڀڪو اُتي (ويڪنٺ ۾) وڃڻ جي ڳالهہ پيو ڪري.
اسان کي تہ خبر ڪانهي تہ ويڪنٺ ڪٿي آهي.

(١) آپ آپڪا مرم نہ جانانْ
باتن هي بيڪنٺ بکانا

ارٿ:- اوهان کي پنهنجي سروپ جي ڀرم يا ڄاڻ جي ڪا خبر نه آهي (ته اسين اصل ڪهڙي وستو آهيون). رڳو واڻ سان ونڪنٺ جون ڳالهيون پيا ڪريو.

(۲) جب لگ من بئڪنٺ ڪي آس
تب لگ ناهي چرن نِواس

ارٿ:- جيستائين اوهان جي من ۾ ونڪنٺ جي آس آهي، تيستائين توهان جو ٻرماتما جي چرنن ۾ نواس نه ٿيندو. (ڀاو- اوهين نشڪام ٿيا ٿيو ۽ ونڪنٺ جي ڪامنا رکو ٿا).

(۳) کائي ڪوٽ نه پرلپ گارا
نا جانئه بئڪنٺ دئارا

ارٿ:- ونڪنٺ کي کائي = کڏ يعني ڪرم روپي کاهي کاهي، اتي انکي ٻگي روپي ڪوٽ = قلعو آهي ۽ لکي (پر) وشيش ڪري، گيان روپي گاري جو لمو الس يعني اهو دنيوي جاڻ وانگر نه آهي ۽ مونکي ته اُهيءَ ونڪنٺ جي دروازي جي به خبر ني کاهي. [کائي = قلعي جي چوگرد هميشه کاهي يا کڏ پاڻيءَ لاءِ ٿيندي هئي. پرلپ گارا = جنهن کي چڱي طرح گاري جو ليپ ڏنل هجي يعني سندر نهل هجي.]

(۴) ڪهه ڪبير اب ڪهيئي ڪاهِ
ساڌ سنگت بئڪنٺ آهِ.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته هاڻي اسين توهان کي ڇا چئي ٻڌايون. (سچ پچ ته) ساڌ سنگت ئي ونڪنٺ آهي.

ਕਿਉ ਲੀਜੈ ਗਢੁ ਬੰਕਾ ਭਾਈ ॥ ਦੋਵਰ ਕੋਟ ਅਰੁ ਤੇਵਰ ਖਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪਾਂਚ ਪਚੀਸ ਮੋਹ ਮਦ ਮਤਸਰ ਆਡੀ ਪਰਬਲ ਮਾਇਆ ॥ ਜਨ ਗਰੀਬ ਕੋ ਜੋਰੁ ਨ ਪਹੁਚੈ ਕਹਾ ਕਰਉ ਰਘੁਰਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ਕਾਮੁ ਕਿਵਾਰੀ ਦੁਖੁ ਸੁਖੁ ਦਰਵਾਨੀ ਪਾਪੁ ਪੁੰਨ ਦਰਵਾਜਾ ॥

ਕ੍ਰੋਧੁ ਪ੍ਰਧਾਨੁ ਮਹਾ ਬਡ ਦੁੰਦਰ ਤਹ ਮਨੁ ਮਾਵਾਸੀ ਰਾਜਾ ॥ ੨ ॥ ਸ੍ਵਾਦ ਸਨਾਹ ਟੋਪੁ ਮਮਤਾ ਕੋ ਕੁਬੁਧਿ ਕਮਾਨ ਚਢਾਈ ॥ ਤਿਸਨਾ ਤੀਰ ਰਹੇ ਘਟ ਭੀਤਰਿ ਇਉ ਗਢੁ ਲੀਓ ਨ ਜਾਈ ॥ ੩ ॥ ਪ੍ਰੇਮ ਪਲੀਤਾ ਸੁਰਤਿ ਹਵਾਈ ਗੋਲਾ ਗਿਆਨੁ ਚਲਾਇਆ ॥ ਬ੍ਰਹਮ ਅਗਨਿ ਸਹਜੇ ਪਰਜਾਲੀ ਏਕਹਿ ਚੋਟ ਸਿਝਾਇਆ ॥ ੪ ॥ ਸਤੁ ਸੰਤੋਖੁ ਲੈ ਲਰਨੇ ਲਾਗਾ ਤੋਰੇ ਦੁਇ ਦਰਵਾਜਾ ॥ ਸਾਧ ਸੰਗਤਿ ਅਰੁ ਗੁਰ ਕੀ ਕ੍ਰਿਪਾ ਤੇ ਪਕਰਿਓ ਗਢ ਕੋ ਰਾਜਾ ॥ ੫ ॥ ਭਗਵਤ ਭੀਰਿ ਸਕਤਿ ਸਿਮਰਨ ਕੀ ਕਟੀ ਕਾਲ ਭੈ ਫਾਸੀ ॥ ਦਾਸੁ ਕਬੀਰੁ ਚੜਿਓ ਗੜ੍ਹ ਊਪਰਿ ਰਾਜੁ ਲੀਓ ਅਬਨਾਸੀ ॥ ੬ ॥ ੯ ॥ ੧੭ ॥

ڀيرؤ ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٧)

هن شبد ۾ سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ
ڪيئن ڪام آدڪن کي مات ڪجي.

ڪئن ليجي ڳڙُ بنڪا ڀائي
دووَر ڪوٽ، اَرُ تيوَر کائي (اک رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! هن مضبوط سرير روپي قلعي کي ڪيئن هٿ ڪجي؟ جنهن کي چوگرد راڳ دويش روپي ٻہ ڀيڻون آهن ۽ ٽن ڳڻن روپي ٽي کاهيون اٿس. [ڳڙ = قلعو. بنڪا = مضبوط. دووَر ڪوٽ = (راڳ دويش روپي) ٻٽي ڀت. تيوَر = ٽيڻي کاهي، ٽن ڳڻن روپي کاهي.]

(١) پانچ پچيس موهہ مد متسر، آڏي پربل ماتا
جن غريب ڪو زور نہ پهچي، ڪها ڪرئہ رگهرائيا

ارٿ:- پنجن ڪامادڪن، موهہ، اهڪار ۽ پنجويهہ پرڪرتين جي فوج، ٻاهران بيٺل اٿس ۽ بلڪل ٻل واري مايا جي اَڏ اڳيان ڏنل اٿس. هون غريب داس جو انهي زور نہ ٿو هلي. هي

رکھو ڪل جا راجا! مان ڪاڻي جا ڪريان؟ [پانچ = پنج ڪاماد ڪ وڪار. پچيس = پنجويهہ انس يا پرڪرتيون. متسر = ابرڪا.]

(۲) ڪام ڪواري، دکر سکر درواني، پاپ پنن دروانا
ڪروڌ پرادان، مها بڊ دندر، تهہ من ماواسي راجا

ارٿ:- اُن قلعي کي ڪام جي پردي ڏنل آهي ۽ دک سک جا به دربان بيٺل آهن ۽ پاپ پنج جا ٻه دروازا ڏنل آهن. ڪروڌ اُن ۾ وڏو سيناپتي آهي، جو بلڪل وڏو شوخ جھڳڙاڪور آهي. اهڙي قلعي اندر مست من، راجا ٿيو ويٺو آهي. [ڪواري = پردو. درواني = دربان. پرڌان = سيناپتي. دندر = شوخ، جھڳڙاڪور. ماواسي = مست.]

(۳) سواد ثناح، توپ ممتا ڪو، ڪُبڌ ڪمان چڙائي
ترشنا تير رهي ڪهٽ ڀيتر، اُو گڍ ليئو نہ جائي

ارٿ:- اُن من روپي راجا کي، سواد روپي ثناح يا زره پهريل آهي، ممتا روپي توپ مٿي لڳي پئي آهي ۽ ڪُبڌ روپي ڪمان هٿ ۾ ڪشيل اٿس. اُن ڪمان ۾ اندر آسا ۽ ترشنا روپي تير پيل آهن. اهڙو قلعو اُنهن ڪا هٿ ڪري نہ ٿو سگھجي.

(۴) پريم پليتا سرت هوائي، گولا گيان چلائيا
برهم آگن سهجي پر جالي، ايڪهہ چوٽ سجهائيا

ارٿ:- پر جڏهن مون پريم روپي ماٽاٽي ۽ سان، سرت روپي توپ جوڙي گيان روپي گولو هلايو، جڏهن برهم روپي اگني سهجهئي يا جگي طرح ٻري ۽ هڪ ئي ڌڪ سان مون اهو قلعو هٿ ڪيو. [پليتا = جنهن سان توپ کي دکائجي، ماٽاٽي. هوائي = توپ. گولا= توپ جو گولو. سجهائيا = سولائي ۽ سان هٿ آيو، جيتيو.]

(۵) ست سنتوکہ لي لرني لاڳا، توري دہ درواجا
ساڌ سنگت اُرگور ڪي ڪرپا تي، پڪڙيو گڍ ڪو راجا

ٿ:- ڇڏهين مان سنتوک آڏ ڪري همت ڪري لڙڻ
ڏهين ٻاپ ۽ پنج روني ٻئي دروازا پڻ ڇڏيم. ساڌ
۽ گورن جي ڪرپا سان، مون الهيءَ قلعي جي راجا يعني
وڃي ٻڪڙيو.

ڀڳوت ڀڳت سمرن ڪي، ڪٽي ڪال ڀئہ ڦاسي
داس ڪبير چڙهيو گڙ اوپر، راڄ ليئو ابناسي.

ٿ:- مون ڪانئر، ڀڳوان جي سمرن جي شڪتيءَ سان
جي ڀؤ جي ڦاسي ڪٽي ڇڏي. مان داس ڪبير اُن
(روني) قلعي جي مٿان چڙهي وڃي يعني مون اُن
تي قبضو ڪيو ۽ ابناسي راڄ وٺي ورتم. [ڀيرو = ڪانئر.]

ਗੰਗ ਗੁਸਾਇਨਿ ਗਹਿਰ ਗੰਭੀਰ ॥ ਜੰਜੀਰ ਬਾਂਧਿ ਕ
ਕਬੀਰ ॥ ੧ ॥ ਮਨੁ ਨ ਡਿਗੈ ਤਨੁ ਕਾਹੇ ਕਉ ਡਰਾਇ ॥ ਚਰਨ
ਚਿਤੁ ਰਹਿਓ ਸਮਾਇ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਗੰਗਾ ਕੀ ਲਹਰਿ ਮੇਰੀ
ਜੰਜੀਰ ॥ ਮ੍ਰਿਗ ਛਾਲਾ ਪਰ ਬੈਠੇ ਕਬੀਰ ॥ ੨ ॥ ਕਹਿ ਕੰਬੀ
ਸੰਗ ਨ ਸਾਥ ॥ ਜਲ ਥਲ ਰਾਖਨ ਹੈ ਰਘੁਨਾਥ ॥ ੩ ॥ ੧੦ ॥ ੧

ڀيرءَ ٻاڻي سري ڪبير جي شبد (١٨)

اُٿانڪا:- سن ١٤٨٨ع ۾ سڪندر لوڌي تخت تي
تي بادشاهہ بلڪل بي رحم هو. هن هندن جا ٽڪاڻا ۽
ن ڊهرايون ۽ ساڻن بلڪل بي رحميءَ جي هلت
. تخت تي وهڻ کان پوءِ هو جلدئي ڪاشيءَ ويو،
هنکي سخت بيماري ٿي. برهمڻ توڙي قاضي، جي
صاحب جن جا جاني دشمن هئا، تن گڏجي بادشاهہ
يو تہ اوهين ڪبير صاحب کي گهرائي ڇڏيو تہ اوهانکي
. سندن اندروني مطلب اهو هو تہ ڪبير صاحب جن
ڪين ڇتائي سگهندا ۽ بادشاهہ ڪاوڙ ۾ کين مارائي

چڙهندو. بادشاهه ڪبير صاحب کي پاڻوڻ گهرايو ۽ سندن پير پائڻ شرط، بادشاهه چڱو ڀلو ٿي پيو. برهمڻ ۽ قاضي سڀ جلي ويا، ڇو تہ سندن، من جي مراد پوري نہ ٿي. پوءِ ورکي بادشاهه جا ڪن ڀرڻ لڳا. چيائونس تہ "جيئندا قبالا هيءَ ڌرم جي هاڃي ڪندڙ آهي. هن جي سکيا اسلام مذهب ۽ هندو ڌرم ٻنهي جي برخلاف آهي."

بادشاهه ڪبير صاحب کي پاڻوڻ گهرايو. جڏهن ڪبير صاحب جن درٻار ۾ گهڙيا، تڏهن درٻارين کين چيو تہ حضور جن کي سلام ڪريو. ڪبير صاحب جواب ڏنو تہ اسين فقير ماڻهو سلام ڪرڻ مان ڇا ڄاڻون؟ اسانجو بادشاهه سان ڪو پريم جن نہ ڪونهي. اسانجو آڌار ڪبول هريءَ جو ئي نام آهي. اهي لفظ ٻڌي بادشاهه ڌمر جي حڪم ڪيو تہ "ڪبير کي لوه جا زنجير وجهي وڃي گنگا نديءَ ۾ ٻوڙيو." جڏهن ڪبير صاحب جن کي گنگا ۾ ٻوڙو ڪيائون تڏهن دو جل جي پکين وانگر منجهس ترڻ لڳا. سندن زنجير ٽٽي پيا ۽ ڪنول وانگي جل جي مٿان آنند ۾ مگهن ٿيا ويٺا هئا، ۽ اُن مهل هيٺيون شبد اُچاريائون:—

(۱) گنگ گسائن گهر گنڀير
زنجير باندهِ ڪر کري ڪبير

ارٿ:— هي ماتا گنگا! ٻوڙهي ۽ ڪبير! زنجير ۾ ٻڌل مان (ڪبير) تنهنجي اڳيان بيٺو آهيان.

مَن نہ ڏِگي، تَن ڪاهي ڪُڙ ڏراهِ
چرن ڪمل چِت رَهِيو سماهِ (اڪ رهاءُ)



ਅੰਤਰਿ ਮੰਤ ॥ ਜਹ ਪਉੜੇ ਸ੍ਰੀ ਕਮਲਾ ਕੰਤ ॥ ੪ ॥ ਅਰਧ ਉਰਧ ਮੁਖਿ ਲਾਗੋ ਕਾਸੁ ॥ ਸੁੰਨ ਮੰਡਲ ਮਹਿ ਕਰਿ ਪਰਗਾਸੁ ॥ ਊਹਾਂ ਸੂਰਜ ਨਾਹੀ ਚੰਦ ॥ ਆਦਿ ਨਿਰੰਜਨੁ ਕਰੈ ਅਨੰਦ ॥ ੫ ॥ ਸੋ ਬ੍ਰਹਮੰਡਿ ਪਿੰਡਿ ਸੋ ਜਾਨੁ ॥ ਮਾਨਸਰੋਵਰਿ ਕਰਿ ਇਸਨਾਨੁ ॥ ਸੋਹੰ ਸੋ ਜਾਕਉ ਹੈ ਜਾਪ ॥ ਜਾਕਉ ਲਿਪਤ ਨ ਹੋਇ ਪੁੰਨ ਅਰੁ ਪਾਪ ॥ ੬ ॥ ਅਬਰਨ ਬਰਨ ਘਾਮ ਨਹੀ ਛਾਮ ॥ ਅਵਰ ਨ ਪਾਈਐ ਗੁਰ ਕੀ ਸਾਮ ॥ ਟਾਰੀ ਨ ਟਰੈ ਆਵੈ ਨ ਜਾਇ ॥ ਸੁੰਨ ਸਹਜ ਮਹਿ ਰਹਿਓ ਸਮਾਇ ॥ ੭ ॥ ਮਨ ਮਧੇ ਜਾਨੈ ਜੇ ਕੋਇ ॥ ਜੋ ਬੋਲੈ ਸੋ ਆਪੈ ਹੋਇ ॥ ਜੋਤਿ ਮੰਤ੍ਰਿ ਮਨਿ ਅਸਥਿਰੁ ਕਰੈ ॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਸੋ ਪ੍ਰਾਨੀ ਤਰੈ ॥ ੮ ॥ ੧ ॥

ڀيرؤ ڪبير جي اشٽپديا گهر دوجا

ايڪو اونڪار ست گور پرساد

پرماتما جي اوچي استان جي وارتا

(١) اَگم دُرگم گڙ رچيو باس - جا مهه جوت ڪَري پرڪاس

بجلي چمڪي هوء اَنند - جهه پوڙي پرڀ بال گوبند

ارٿ:- اگم پرماتما پنهنجي رهڻ لاءِ هڪ ڪٺن دسهي دنار روپي قلعو ناهيو، جنهن ۾ سندس جوت پرڪاش ڪري رهي آهي. جتي بجليءَ جهڙي جوت چمڪي ٿي ۽ آنند ٿئي ٿو، اتي سهڻو بال گوبند پربو براجمان آهي. [اگم = جنهن جي گم يا جمر نه پوي. دُرگم = ڪٺن، اوکو. پوڙي = وسي ٿو، براجمان آهي.]

اهه جيئُ رام نام لِو لاگي

جرا مرن ڇوٽي ڀرم ڀاگي (اڪ رهاؤ)

ارٿ:- جڏهن هن جيو جي رام نام سان لو لڳي ٿي، تڏهن هو بڍاپڻ ۽ جنم مرڻ کان ڇٽي ٿو ۽ هنجو ڀرم ڀڄي دور ٿي وڃي ٿو. [جرا = بڍاپڻ.]

(٢) اَبرَن برَن سِنئُ مَن هي پِرِيتِ - هئُمي گاوَنِ گاوهِ گيتِ
اَنهد شبد هوتَ جهُنڪار - جِهہ پئُڙي ٻرڀ سري گوپال

ارٿ:- جو من ٻ ورن ۽ اورن سان پريت رکي ٿو يعني ذات ۽ ڪُذات جو خيال رکي ٿو، سو هؤميءِ جا گيت ڳائي ٿو. جتي سري گوپال ٻرڀو براجمان آهي اُتي انهد شبد جو جهنڪار يا آواز پيو اچي.

(٣) کنڊل منڊل منڊل منڊا - تِرِء اَستانَ، تينِ تِرِء کنڊا
اَگم اَگوچر رهِتا اَپ اَنتَ - پار نہ پاويءِ ڪو ڌرني ڌر منت

ارٿ:- جنهن ٻرڀوءَ کنڊ منڊل، ٽي لوڪ، (سرگ، مرت، پاتال) ٽي گڻ (رجو، تمو، ستو) ٽي اوستائون (جاگرت، سُپن ۽ سشوُپت) منڊيا يا پيدا ڪيا آهن، اُهو اگم ۽ اگوچر ٻرڀو (اَپ) هردي اندر وسي رهيو آهي. اُن (ڌرني ڌر) ٻرٿوي جي ڌاريندڙ هريءَ جي منتر يا ڳجهہ جو، ڪوبہ ٻار يا انت پائي نہ ٿو سگهي.

(٤) ڪدلي پُهپ ڌوُپ پرگاس - رج پنڪج مهِ ليئو نواس
دُئادس دل اَپ اَنترمنت - جِهہ پئُڙي سري ڪملا ڪنت

ارٿ:- سنت جن، اُن (سرگڻ پرماتما)، جو ڪيلي جي گل جهڙو روپ ۽ سورج جي ڌوپ يا اُس جهڙو سندس پرڪاش ڏسن ٿا ۽ اُن جي چرن ڪنول جي رج يا مٽي ۾ نواس ڪن ٿا. اُهي هردي اندر، ١٢ اکرن جو منتر (اوم نمو ڀڳوتي واسديوايہ) اُچارين ٿا جنهن ڪري اُتي لڇميءَ جو پتي پرماتما اچي براجمان ٿئي ٿو.

ارٿ ٻيو:- ڏسوين دئار روپي ڪنول جو رنگ، ڪيلي جي ڦول جهڙو آهي ۽ اُس يا سج جي روشني جهڙو سندس پرڪاش آهي. اُن ڪنول گل جي مٽيءَ ۾، جوڳي جن نواس ڪري يعني ڌيان لڳائي، برهم جو درشن ڪن ٿا. ڏسوين دئار روپي ڪمل

۾ ٻارهن ٻنو آهن، اُن ۾ جوڳي جن منتر اُچارين ٿا، جنهن ڪري
اُن ۾ لڇمي جو پتي وشنو ڀڳوان اچي براجمان ٿئي ٿو.

(٥) آوڌ اُوڌ مکر لاڳو ڪاسُ - سُن منڊل مهِ ڪرِ پرڪاسُ
اوُهان سوُرج ناهي چند - آدِ نرنجن ڪري آنند

ارٿ:- اهو پرڪاش روپ پرماتما، جنهن لوڙي مٿي يعني
پاتال ۾ لوڙي آڪاس ۾ ٻ ٻين هنڌ آهي. سن منڊل يعني دسوين
دوار ۾ هو پرڪاش ڪري رهيو آهي، جتي نڪو سورج آهي نڪو
چند، اُتي آد نرنجن پرماتما آنند ڪري رهيو آهي.

(٦) سو برهمنڊ پنڊ سو جانُ - مانسرووَرِ ڪرِ اسِنانُ
سوهن سو جاڪو هي جاپُ - جاڪو لپت نه هوءِ پُنن اَرُ پاپ

ارٿ:- اهو ئي پرماتما برهمنڊ ۾، ۽ اهو ئي سرير ۾ جاڻ. اُن
پرماتما روپي مانسروور ۾ اشنان ڪر يعني اُن جو ڌيان ڪر. اهو
جاپ "سوهن" آهي ۽ اُن کي پاپ ۽ پن جو لپو نٿو لڳي.
[سوهن = اهو مان ۽ مان اهو.]

(٧) اَبرن برن گهام نهي ڇام - اَوَر نه پائيئي گوَر ڪي شام
ٽاريِ نه ٽريِ آوي نه جاءِ - سُن سهج مهِ رهيو سماءِ

ارٿ:- جنهن نه ذات آهي نه اذات آهي، جنهن نه اُس آهي نه
ڇانو آهي، اهو استان گورو جي سرن وٺڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن اُپاءَ
سان نه پائبو. گورو جي سرن وٺڻ جي ورتي ٽارڻ سان نه ٽري
ٽري يعني سدائين دسوين دوار ۾ جُڙي رهي ٿي، تنهنڪري
هو جنم موت ۾ نٿا اچن. اهو ٽريا اوستا ۾ هو سمايل آهن.

(٨) مَن مَڌي جاڻي جي ڪوءِ - جو ٻولي سو آپي هوءِ
جوتِ منترِ مَن آستر ڪريءِ - ڪهِ ڪبير سو پراڻي ترِي

[illegible]

ਕੋਟਿ ਸੂਰ ਜਾਕੈ ਪਰਗਾਸ ॥ ਕੋਟਿ ਮਹਾਦੇਵ ਅਰੁ ਕਬਿਲਾਸ ॥ ਦੁਰਗਾ ਕੋਟਿ ਜਾਕੈ ਮਰਦਨੁ ਕਰੈ ॥ ਬ੍ਰਹਮਾ ਕੋਟਿ ਬੇਦ ਉਚਰੈ ॥ ੧ ॥ ਜਉ ਜਾਚਉ ਤਉ ਕੇਵਲ ਰਾਮ ॥ ਆਨ ਦੇਵ ਸਿਉ ਨਾਹੀ ਕਾਮ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕੋਟਿ ਚੰਦ੍ਰਮੇ ਕਰਹਿ ਚਰਾਕ ॥ ਸੁਰ ਤੇਤੀਸਉ ਜੇਵਹਿ ਪਾਕ ॥ ਨਵ ਗ੍ਰਹ ਕੋਟਿ ਠਾਢੇ ਦਰਬਾਰਿ ॥ ਧਰਮ ਕੋਟਿ ਜਾਕੈ ਪ੍ਰਤਿਹਾਰ ॥੨॥ ਪਵਨ ਕੋਟਿ ਚਉਬਾਰੇ ਫਿਰਹਿ ॥ ਬਾਸਕ ਕੋਟਿ ਸੇਜ ਬਿਸਥਰਹਿ ॥ ਸਮੁੰਦ ਕੋਟਿ ਜਾਕੇ ਪਾਨੀ ਹਾਰ ॥ ਰੋਮਾਵਲਿ ਕੋਟਿ ਅਠਾਰਹ ਭਾਰ ॥੩॥ ਕੋਟਿਕ ਮੇਰ ਭਰਹਿ ਭੰਡਾਰ ॥ ਕੋਟਿਕ ਲਖਮੀ ਕਰੈ ਸੀਗਾਰ ॥ ਕੋਟਿਕ ਪਾਪ ਪੁੰਨ ਬਹੁ ਹਿਰਹਿ ॥ ਇੰਦ੍ਰ ਕੋਟਿ ਜਾਕੇ ਸੇਵਾ ਕਰਹਿ ॥ ੪ ॥ ਛਪਨ ਕੋਟਿ ਜਾਕੈ ਪ੍ਰਤਿਹਾਰ ॥ ਨਗਰੀ ਨਗਰੀ ਖਿਅਤ ਅਪਾਰ ॥ ਲਟ ਛੂਟੀ ਵਰਤੈ ਬਿਕਰਾਲ ॥ ਕੋਟਿ ਕਲਾ ਖੇਲੈ ਗੋਪਾਲ ॥ ੫ ॥ ਕੋਟਿ ਜਗ ਜਾਕੈ ਦਰਬਾਰ ॥ ਗੰਧ੍ਰਬ ਕੋਟਿ ਕਰਹਿ ਜੈਕਾਰ ॥ ਬਿਦਿਆ ਕੋਟਿ ਸਭੈ ਗੁਨ ਕਹੈ ॥ ਤਉ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮ ਕਾ ਅੰਤੁ ਨ ਲਹੈ ॥ ੬ ॥ ਬਾਵਨ ਕੋਟਿ ਜਾਕੈ ਰੋਮਾਵਲੀ ॥ ਰਾਵਨ ਸੈਨਾ ਜਹਤੇ ਛਲੀ ॥ ਸਹਸ ਕੋਟਿ ਬਹੁ ਕਹਤ ਪੁਰਾਨ ॥ ਦੁਰਜੋਧਨ ਕਾ ਮਥਿਆ ਮਾਨੁ ॥੭॥ ਕੰਦ੍ਰਪ ਕੋਟਿ ਜਾਕੈ ਲਵੈ ਨ ਧਰਹਿ ॥ ਅੰਤਰ ਅੰਤਰਿ ਮਨਸਾ ਹਰਹਿ ॥ ਕਹਿ ਕਬੀਰ ਸੁਨਿ ਸਾਰਿਗ ਪਾਨ ॥ ਦੇਹਿ ਅਭੈ ਪਦੁ ਮਾਂਗਉ ਦਾਨੁ ॥ ੮ ॥ ੨ ॥ ੧੮ ॥ ੨੦ ॥

ڀيرو سري ڪبير جي اشلوڪ (٣)

اوٿارڪا — سري ڪبير صاحب جو [illegible]

[illegible]

جي طرف ڪان ڪجهي، ٻئي ديوي ديوتا ڏي ويٺي آهي ڪين نه؟ اُنجو اُتر هن اشٽپديءَ ۾ ڏين ٿا:-

(۱) ڪوٽ سُوَر جاڪي پرڪاس. ڪوٽ مهاديو اَوَ ڪيلاس
دُرگا ڪوٽ جاڪي مردن ڪري
برهما ڪوٽ بيد اُچري

ارٿ:- جنهن پرماتما جي در تي، ڪروڙين سورج پرڪاش ڪن ٿا، ڪروڙين شو مهراج آهن، جي ڪيلاس پربت تي اسٿانون ٺاهي ويٺا ڪن. ڪروڙين درگا ديويون جنهن جا چرن مهٽين ٿيون؛ جنهن اڳيان ڪروڙين برهما آهن، جي ويد اُچارين ٿا. [سور = سورج. ڪيلاس = ڪيلاس پربت. مردن ڪري = چرن مهٽين ٿيون.]

جِهِ جاچِهِ تَهِ ڪيوَل رام
آن ديو سڀ نا هي ڪام (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! مان جي پنندس ته اُنهيءَ هڪ رام کان پنندس. ٻين ديوتائن سان منهنجو ڪو ڪم ڪونهي. [جاچهه = پنندس.]

(۲) ڪوٽ چندرمي ڪرهِ چراغ. سُر تيتيس جيوهِ پاڪ
نوگرهه ڪوٽ ٺاڍي درٻار. ڌرم ڪوٽ جاڪي پرتهار

ارٿ:- ڪروڙين چنڊ آهن، جي روشني ڪن ٿا؛ ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائون جنهن جي رسوئي ڄمائين ٿا. ڪروڙين نوگرهه جنهن جي درٻار ۾ ڪڙا ٿيا بيٺا آهن، ڪروڙين ڌرم راڄا جنهن جا دربان آهن. [چراغ = روشني. پرتهار = دربان. جيوهه = ڄمائين ٿا. پاڪ = کاڌو، رسوئي.]

ارٿ:- نوگرهن جا نالا آهن:- (۱) سورج (۲) چنڊ (۳) منگل (۴) ٻڌ (۵) برهسپت (۶) شُڪر (۷) شنيچر (۸) راهو؛ (۹) ڪيتو.

(٣) ڀؤن ڪوٽ چؤڀاري ڦرهِ - ڀاسڪ ڪوٽ سيڄ ڀسترهِ
سمند ڪوٽ جاڪي پاني هار - رومئاول ڪوٽ آٺارهه ڀار

ارٿ:- ڪروڙين ڀون هنجي چؤڌاري ڦرن ٿا، ڪروڙين شيش ناڳ آهن، جي هنجي سيڄا وڇائين ٿا. ڪروڙين سمنڊ آهن جي هنجو پاڻي ڀريندڙ آهن ۽ ڪروڙين (اٺارهه ڀار) ونسپتيون هنجا وار آهن. [رومئاول = وار.]

(٤) ڪوٽ ڪميرُ ڀرهِ ڀنڊار - ڪوٽڪ لکمي ڪري سيڱار
ڪوٽڪ پاپ پنن ٻهه هرهِ - اِندر ڪوٽ جاڪي سيوا ڪرهِ

ارٿ:- ڪروڙين ڪُبير آهن جي هنجا ڀنڊار ڀريا پرين، ڪروڙين لڇميون آهن جي هنکي سينگارين پيئون. ڪروڙين (هن جا ڀڳت آهن) جن جا هن گهڻا پاپ ۽ پنج دور ڪيا آهن يعني پاپ پنج کان اهي سنت مٿي آهن. ڪروڙين اِندر آهن، جي هنجي شيوا ڪن ٿا.

(٥) ڇپن ڪوٽ جاڪي پرتهار - نگري نگري کِتت اپار
لٽ ڇوٽي ورتي ٻڪرال - ڪوٽ ڪلا کيلي گوپال

ارٿ:- ڇاونجاهه ڪروڙ (بادل) هنجا دٿارپال آهن. جي نگر نگر ۾ وڇي هنجي اپار ڪيرتي ڪن ٿا. ڪروڙين ڪالي ماتائون (ديويون) وار ڇوڙي، هنجي در تي خوفناڪ روپ رکي ويٺيون آهن. اهڙي طرح ڪروڙين ڪلائن يا شڪتين سان، گوپال پرماتما کيلي ٿو. [پرتهار = دٿارپال. کِتت = پرگهٽنا، اُستتي. لٽ = وار.]

(٦) ڪوٽ جگ جاڪي دربار - گنڌرب ڪوٽ ڪرهِ جئڪار
ٻِدٿا ڪوٽ سڀئي گُڻ ڪهئي - تئو پاربرهم ڪا انت نه لهئي

ارٿ:- جنهن جي دربار ۾ ڪروڙين يگيه ٿين ٿا، ڪروڙين (گندرب) ڳائيندڙ ديوتائون جيءُ جئڪار پيا ڪن، ڪروڙين ودياؤن آهن، جي پرماتما جا گڻ پيئون چون، پر تڏهين به اُن پاربرهم جو انت نه ٿيون لهن.

(٧) ٻاوَن ڪوٽِ جاڪي روماولي - راوَن سَيِنا جِهَ تي چلي
سِهس ڪوٽِ ٻهُ ڪهت پُران - دُرجودَن ڪا مِتِنا مان

ارٿ:- جنهن جي ذرہ ذرہ ڪروڙين ٻاون اوتار آهن؛ ڪروڙين راوڻ جهڙا سينا ڪي جيتڻ وارا رام آهن. هزارين ڪروڙين اهڙي رشي آهن جي گهڻا پران پيا اچارين؛ ڪروڙين اهڙي ڪرشن آهن جن دريوڌن جو اهنڪار ناس ڪيو آهي.

(٨) ڪندرپ ڪوٽِ جاڪي لَوَيِ نہ ڌرهِ - انتر انتر منسا هرهِ
ڪهِ ڪبير سُن سارِنگ پان - ديهِ آپيِ پدُ مانگئو دانُ.

ارٿ:- ڪروڙين ڪامديو، پرماتما جي برابري ڪري نہ ٿا سگهن، مگر بين سڀني جيون جي اندر ۾، شُپ ٻڌيءَ کي ناس ڪن ٿا. سري ڪبير صاحب چون ٿا تہ هي سارنگ پان پرماتما! ٻڌ. مان اهو دان منگان ٿو تہ مونکي نرٻڙ پد ڏي.

ਭੈਰਉ ਬਾਣੀ ਨਾਮਦੇਉ ਜੀਉ ਕੀ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰੇ ਜਿਹਬਾ ਕਰਉ ਸਤ ਖੰਡ ॥ ਜਾਮਿ ਨ ਉਚਰਸਿ ਸ੍ਰੀ ਗੋਬਿੰਦ ॥ ੧ ॥ ਰੰਗੀਲੇ ਜਿਹਬਾ ਹਰਿ ਕੈ ਨਾਇ ॥ ਸੁਰੰਗ ਰੰਗੀਲੇ ਹਰਿ ਹਰਿ ਧਿਆਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮਿਥਿਆ ਜਿਹਬਾ ਅਵਰੇਂ ਕਾਮ ॥ ਨਿਰਬਾਣ ਪਦੁ ਇਕੁ ਹਰਿ ਕੋ ਨਾਮੁ ॥ ੨ ॥ ਅਸੰਖ ਕੋਟਿ ਅਨ ਪੂਜਾ ਕਰੀ ॥ ਏਕ ਨ ਪੂਜਸਿ ਨਾਮੈ ਹਰੀ ॥ ੩ ॥ ਪ੍ਰਣਵੈ ਨਾਮਦੇਉ ਇਹੁ ਕਰਣਾ ॥ ਅਨੰਤ ਰੂਪ ਤੇਰੇ ਨਾਰਾਇਣਾ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ڀيرو ٻاڻي نامديو جي کي گهر پهلا
جيب اسانکي نام جپڻ لاءِ مليل آهي.

(١) ري جِهبا، ڪروَن ست کنڊ
جامِ نہ اُچرِس سري گوبندَ

ارٿ:- هي جيءُ! توکي سؤ (١٠٠) ٽڪر ڪندس، جيڪڏهين
تون ٻوتو پرماتما جو نالو نہ جپيندين. [ست = سؤ. کنب = ٽڪر.]

رنگيلي جهبا هرِ ڪيءَ ناءِ

سُرنگ رنگيلي هرِ هرِ ڌياءِ (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي جيءُ! تون ٻاڪي هريءَ جي نام ۾ رنگي ڇڏ. هريءَ
کي جپي، ٻاڪي سريشٽ رنگ ۾ رنگي ڇڏ. [سرنگ = سريشٽ.]

(٢) مٿيا جهبا آوري ڪامُ

نرباڻ پدُ اڪ هرِ ڪو نامُ

ارٿ:- هي جيءُ! ٻيا سڀ ڪم ڪوڙا آهن. مڪتيءَ جو
جو پد، (فقط) هڪ پرماتما جي نام جپڻ سان ئي ملي ٿو.

(٣) اسنک ڪوٽ آن پوُجا ڪري

ايڪ نہ پوُجس نامي هري

ارٿ:- بي شمار ڪروڙين پوڄائون، ٻين جون (ٻاوءِ ديوتائن
جون) ڪٽي ڪرين، پر ڪا بہ هريءَ جي نالي سان نہ پهچندي.
[اسنک = بي شمار. ڪوٽ = ڪروڙ. ان = ٻين.]

(٤) پرڻوي نامديوُ اهُ ڪرڻا

اننت روُپ تيري نارائڻا.

ارٿ:- سري نامديو صاحب وينتي ٿا ڪن تہ (هي جيءُ!)
توکي (اسنت) ڪرڻ گهرجي تہ هي پرميشور! تنهنجا روپ
بي انت آهن. [اننت = بي انت.]

ਪਰਧਨ ਪਰਦਾਰਾ ਪਰਹਰੀ ॥ ਤਾਕੇ ਨਿਕਟਿ ਬਸੈ ਨਰਹਰੀ ॥ ੧ ॥ ਜੋ ਨ ਭਜੰਤੇ ਨਾਰਾਇਣਾ ॥ ਤਿਨ ਕਾ ਮੈ ਨ ਕਰਉ ਦਰਸਨਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਨਕੈ ਭੀਤਰਿ ਹੈ ਅੰਤਰਾ ॥ ਜੈਸੇ ਪਸੁ ਤੈਸੇ ਓਇ ਨਰਾ ॥ ੨ ॥ ਪ੍ਰਣਵਤਿ ਨਾਮਦੇਉ ਨਾਕਹਿ ਬਿਨਾ ॥ ਨਾ ਸੋਹੈ ਬਤੀਸ ਲਖਨਾ ॥ ੩ ॥ ੨ ॥

پيرڀ ڀاڳي نامديو جيَ شبد (۲)

سچي سونهن نام ۾ ئي آهي.

(۱) پر ڌن پر دارا پر هري
تاڪي نڪٽ بسي نر هري.

ارٿ:- جو شخص ڀرائي ڌن ۽ ڀرائيءَ استريءَ کان ٻري رهي ٿو، تنهن جي ويجهو هري ڀرماتما وسي ٿو. [دارا = استري. پرهري = ڇڏي ٿو، ٻري رهي ٿو.]

جو نر ڀجنتي نارائنا
تن ڪا ميَ نر ڪرتهُ درسنا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- جو شخص پرميشور جو ڀڄن نه ڪري، تنهنجو شل مان درسن نه ڪريان.

(۲) جن ڪي ڀيتر هيَ انترا
جيسي پسُ، تيسي اوءِ نرا

ارٿ:- جنهن جي اندر ۾ اجا فرق آهي يعني جو سڀني ۾ پرماتما کي نٿو ڏسي يا جنهن جي اندر ۾ (جيو آتما ۽ پرماتما جو) تفاوت آهي، سو شخص اهڙو آهي جهڙو پسون. [انترا = فرق، تفاوت.]

(۳) پرڻوت نامديُ ناڪهہ بنا
نا سوهيَ بتيس لکنا.

ارٿ:- سوي نامديو صاحب وينتي ڪن ٿا تہ (جهڙي طرح جنو) نڪ کان سواءِ، (سونهن جي) ۳۲ نشانين يا گڻن هوندي بہ نٿو سونهين، (اهڙي طرح ڪهڙو بہ سهڻو جيو، پرماتما جي نام جپڻ کانسواءِ بدشڪل آهي). [بتيس = ۳۲ لڇڻ يا نشانيون.]

ਦੂਧੁ ਕਟੋਰੈ ਗਡਵੈ ਪਾਨੀ ॥ ਕਪਲ ਗਾਇ ਨਾਮੈ ਦੁਹਿ ਆਨੀ ॥ ੧ ॥ ਦੂਧੁ ਪੀਉ ਗੋਬਿਦੇ ਰਾਇ ॥ ਦੂਧੁ ਪੀਉ ਮੇਰੋ ਮਨੁ ਪਤੀਆਇ ॥ ਨਾਹੀ ਤ ਘਰ ਕੋ ਬਾਪੁ ਰਿਸਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੋੁਇਨ ਕਟੋਰੀ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਭਰੀ ॥ ਲੈ ਨਾਮੈ ਹਰਿ ਆਗੈ ਧਰੀ ॥ ੨ ॥ ਏਕੁ ਭਗਤੁ ਮੇਰੇ ਹਿਰਦੇ ਬਸੈ ॥ ਨਾਮੇ ਦੇਖਿ ਨਰਾਇਨ ਹਸੈ ॥੩॥ ਦੂਧੁ ਪੀਆਇ ਭਗਤੁ ਘਰਿ ਗਇਆ ॥ ਨਾਮੇ ਹਰਿ ਕਾ ਦਰਸਨੁ ਭਇਆ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

ڀيرو ۾ ٻاڻي سري نامديو جي شبد (٣)

ٽيڪا :- ڪنهن وقت نامديو جو نانو، ڪنهن ڪم ڪار لاءِ ڳوٺ کان ٻاهر ويو ۽ نامديو کي ٺاڪر جي شيوا ڪرڻ لاءِ گهٽي ڀارت ڪري ويو. نامديو کير سان ڪٽوري ڀري ٺاڪر اڳيان رکي ۽ وينتي ڪرڻ لڳو ته هي منهنجا سوامي! هي کير انگيڪار ڪريو. پوءِ ويهي جهانجهه وچارڻ لڳو. ڪجهه وقت کانپوءِ نامديو ڏٺو ته ٺاڪر ته کير پيتوئي ڪينهي. تنهن تي ٺاڪر کي ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪيائين ته مون هي کير ڏاڍي محنت سان تيار ڪيو آهي. ادو رواجي ڳان ۽ جو کير نه آهي پر ڪپلا ڳئون جو آهي ۽ جيڪڏهين نه پيئندا ته نانو مون تي ڪاوڙبو ۽ چوندو ته تو ٺاڪر جي پوري طرح شيوا نه ڪئي آهي، تنهنڪري ديا پالي هنڪي پيو ڳهه لڳايو. ائين چئي وري جهانجهه وچارڻ ۾ مشغول رهيو. ڪجهه دير کان پوءِ وري ڏٺائين ته کير اوئين جو اوئين رکيو آهي، تنهن تي هو پاڻ کي ڇري هڻڻ لاءِ تيار ٿيو. پرميشور هن جو آتي پريم ۽ نسچو ڏسي، يڪدم پرگهٽ ٿيو ۽ هن کان ڇري هٿ مان کسي، سمورو کير پي الوپ ٿي ويو. نامديو درسن پائي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ٺاڪرن جي شيوا ڏاڍي چاهه سان ڪرڻ لڳو. هن شبد ۾ مٿين وارتا ورنن ڪئي اٿن.

(۱) ڏوڌ ڪٽوري ڳڏوي پاڻي
ڪپل ڳاءِ نامي ڏهه آڻي

ارٿ:- نامديو اڄي ٿورو ڏهي، ڪير ڪٽوريءَ ۾ ۽ پاڻي ڳڏونءَ ۾ وجهي، (ٺاڪر اڳيان) آندو. [ڳڏوي = لوٽي ۾. ڪپل ڳاءِ = اڇي ڳانءِ. ڏهه = ڏهي.]

ڏوڌ پيئو گوبندي راءِ
ڏوڌ پيئو ميرو من پتياءِ. نامي ته گهر ڪوپ رساءِ
(اڪ رهاءُ)

